
جي مون سانديا ساهہ ۾
(مضمون، ڪالم ۽ خاڪا)
علي نواز آريسر
سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ

# جي مون سانڍيا ساھ مِ!

[مضمون ۽ خاڪا]

ليکڪ:

علي نواز آريسر

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد
2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ**

**ڪتاب جو نالو:** جي مُون سانديا ساهہ ۾

**ليکڪ:** علي نواز آريسر

**موضوع:** مضمون

**ڇاپو:** ڦيبروري **2014**ع

**ڪمپوزنگ:** پرويز نياز

**ڇپائيندڙ:** سنڌي ساهت گهر حيدرآباد

**قيمت:** **160/**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(308)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب ”**جي مون سانديا ساھ ۾**“ سنڌ جي 17 املھ شخصيتن تي لکيل خاڪن ۽ مضمونن جو مجموعو آهي، جنهن جو ليکڪ **علي نواز آريسر** آهي.

آسي زميني مهاڳ ۾ لکي ٿو ”هي سمورا ڪردار، سنڌ امڙ جا اُهي سپوت هئا/ آهن، جن ڪي ساري اکيون خوشيءَ وچان پرجيو ٿيون پَون؛ جن بيشڪ پنهنجي تجّ ملهائي. ماءُ ته آهي ئي هڪڙي سراسر سباجهي احساس ۽ ڪيفيت جو نالو. ماءُ ڪي ته لائق توڙي نالائق اولاد پيارو ئي هوندو آهي. ايئن ڌرتي ماتا لاءِ پڻ مهاراجا ڏاهر توڙي اڄڪلھ جا عيار، مڪار ۽ ذاتي مفاد پرست سياستدان، سمورا سندس اکڙين جا تارا هئا/ آهن. ماءُ ڪڏهن به اولاد جي ڪردار جي ڪٿ ناهي ڪري سگهندي.... اهو ڪم تاريخ ڪندي آهي. هاڪارِي توڙي ناڪارِي ڪردار هر دؤر ۾ موجود رهيا آهن ۽ رهندا، پر اهڙن ڪردارن جي پرک سندن دؤر ناهي ڪري سگهندو؛ چو ته ماڻهو پنهنجي رَوين جي حوالي سان سڃاڻپ رکندي به، پرکڻ ڏاڍو اؤکو آهي.“

هي ڪتاب **سنڌي ساهت گهر حيدر آباد** پاران 2014ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري علي نواز آريسر جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# انتساب

اُن محبوب ماڻهوءَ جي نالي
جنهن مون ۾ لکڻ جي سگهہ پيدا ڪئي

–

مون آ پنهنجي زندگي، تُنهنجي نانءُ ڪئي،
او شل پنهنجو چئي، مون کي مخاطب ٿئين.

(آسي زميني)

– **علي نواز آريسر**

# فهرست


- ساريم پنهنجا سار تي - آسي زميني 08
- ڪنڊا مون پيرين.......! علي نواز آريسر 12
- سنڌ جاڳي پئي: نياز همايوني 14
- مينهن وسائڻ جهڙو ماڻهو عبدالقادر جوڻيجو 19
- سنڌ جو سيلاني: بدر ابڙو 24
- جوڳي رمتا پلا: جمن دربدر 29
- سيد جو ساٿي:حڪيم محمد صالح ڪانڌڙو 37
- محبت ۽ دانش جو پندار نثار حَسُڙو 41
- ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا: شاهنواز شاه عارف المولا 44
- ريگستان جو راهگير استاد رائچند رانوڙ 47
- سنڌي ثقافت جو سج غلام سروَر جتوئي 50
- سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نہ ڏيندو: سرائي قربان، روپلوءِ نورالله 53
- آزاديءَ جي اُفق جو چمڪندڙ ستارو: زخمي چانڊيو 57
- نيڻ ننڊاڪا ۽ دل گهايل: مانيٽو اوٺو 60
- سونهن، سچ ۽ ڌرتيءَ جو شاعر شبير هاليپوٽو 63
- سنڌي صحافت جو سورمو فقير محمد لاشاري 66
- نٽي جو بيباڪ صحافي يار محمد جلالاڻي 70
- سنڌ جو ديو مالائي ڪردار چاچا قاسم سومرو 73
- ماڻهو مڙس متير: واحد درس 79
- روايت شڪن: بنو جوڳي 82

# ٻه اکر

سنڌ ۾ ڪيترين ئي اَملھ شخصيتون آھن، جن تي ڪيترو لکيو ويو آھي، ڪيترين وري اھڙيون شخصيتون آھن، جن کي وساريو ويو آھي يا جن تي لکيو ويو آھي، اُنھن جا ڪيترا ئي پھلوائڻ ڇھيا ڇڏيا ويا آھن.

نوجوان نواز آريسر ھن مختصر ڪتاب ۾17 شخصيتن تي خاڪا لکيا آھن، جن ۾ ڪيترين ئي ڳالھيون اُنھن شخصيتن بابت رڪارڊ تي ويون آھن.

انھيءَ محنت ۽ پورھئي جو قدر ڪندي سنڌي ساھت گھر طرفان پڙھندڙن جي خدمت ۾ سندس ھيءُ ڪتاب حاضر آھي. اُميد ته تِڪا توريندڙ اُن جي ڪتيل ٽُلھي ۽ توري کي قدر واري نگاھ سان ڏسندا.

**نازسنائي**

**حيدرآباد سنڌ**

14 ڊسمبر 2014ع

0300_3946518

## مهاڳ

# ساريم پنهنجا سارتي

اهو فطرت جو عجب اصول آهي تہ ٻہ انتهائيون (قربت توڙي دوري) هڪٻئي کي درست انداز ۾ نہ ڄاڻي سگهنديون آهن. ڪنهن وجود کي پرکڻ لاءِ نہ فقط سندس قربت ضروري آهي، پر دُوري پڻ لازم آهي. دوستي ۽ دشمني تہ ٻہ ڏکيا مثال آهن، پر آئينو ان جو آسان ۽ چٽو دليل آهي. آئيني ۾ اوهان پاڻ کي نہ تہ انتهائي قريب جهلي پنهنجو چهرو ڏسي سگهندا، ۽ نہ ئي انتهائي پري رکي! اهڙيءَ طرح زندگي ۽ موت (انتهائي قربت ۽ انتهائي دوري) کي سمجهڻ پڻ اهڙو ئي مشڪل آهي. هتي زندگي ۽ موت جي قربت ۽ دوريءَ سان پيٽ لغوي معنيٰ ۾ نہ، پر اجمالي طور آهي. اهي فطرت جون ٻہ اهڙيون سچائيون آهن، جيڪي اسان جي حيات جو حصو هئڻ باوجود ڪين سمجهڻ نہ رڳو نهايت مشڪل پر ناممڪن آهي! لحاظا يورپ جي ڪنهن ڏاهي/ فلسفيءَ کي چوڻو پئجي ويو تہ: "جنهن جيئن محسوس ڪيو آهي، تنهن تيئن بيان ڪيو آهي؛ حقيقت ڇاهي؟ ان بابت آخري ۽ حتمي راءِ جوڙڻ ۽ ساڳئي وقت ان کي هر ڪنهن کان قبول ڪرائڻ ناممڪن آهي." ڳالهہ توڙي جو ڪافي وزنائتي آهي، پر شاعراڻي ابهام کان وقتي طور پاسو ڪندي جيڪڏهن جاچينداسين، تہ زندگي ۽ موت بابت هيئنئين وضاحت پل ڪٽي قابلِ قبول نہ بہ هجي، پر ڏيان ضرور ڇڪائي ٿي:

"مرڻ" اِهو ناهِہ، ساهہ وڃي جئن بند ٿي،
مرڻ اِهو آهِہ، جيئري مردو ٿِي وڃي!
يا
"جِيئڻ" اِهو ناهِہ، جئن ڪو ساهہ کڻي جِيئي،
جِيئڻ اِهو آهِہ، مري ۽ جيئرو رهي!

مٿين ٻن بيتن کي نظر ۾ رکندي، جيڪڏهن زندگيءَ ۽ موت جي پرک ڪنداسين تہ پتو پوندو تہ اڄ بہ اسان کي پنهنجين زندگين سان وابستہ توڙي ناوابستہ اهڙا ڪيترا ئي ڪردار ملندا، جيڪي ڏٺل توڙي اڻ ڏٺل هوندي بہ پنهنجي ڪردار جي روشنيءَ ۾ ڪي زنده هوندي بہ مرده هجڻ جو ڏيک ڏيندا، تہ ڪي اسان ۾ نہ هوندي بہ هر پل پنهنجي موجودگيءَ محسوس ڪرائيندي نظر ايندا! توهان رڳو سندن نانءُ پُڪاريو، هو هڪدم مجسم اوهان جي اڳيان هوندا؛ اوهان سان ڳالهائيندا، اوهان کي کلائيندا ۽ پڻ روئاڙيندا ـ ۽ ائين ئي ٻئي طرف ان جي اُبتڙ جيئرن جاڳندن، گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهن جي چُرپُر تي موت جو گمان محسوس ٿيندو... پنهنجيءَ زنده ذات جي خول ۾ مئل وجود! پر ڪو:

ماڻهو مري ٿو وڃي، ڇڏي پنهنجيءَ سارَ:
انهيءَ پر پچارَ، مُئي پُڄاڻان ٿِي رَهي!

اسان جي پياري يار علي نواز آريسر. (جنهن کي پنهنجي يار جي نالي بنسبت آءٌ سدائين ”نالي چڱو“ چئي پڪاريندو ۽ ساريندو آهيان.) پڻ خاڪن لکڻ مهل گهٽي پاڳي هر اهڙي ئي ڪردار جي چونڊ ڪئي آهي، جيڪو سدا حيات آهي ۽ رهندو. سندس اسلوبِ تحرير تي ڪجهہ لِکڻ کان اڳ اچو تہ انهن يارن سان مِلون، جن مان گهڻا اڄ جسمانيءَ طور اسان ۾ نہ هوندي بہ، هر پل اسان ساڻ آهن. هِن ڪتا. گهر ۾ موجود هر وچڙيل ساٿي، (جن مان گهڻن سان تہ خود منهنجيون بہ گهرائيون ۽ روح رهاڻيون رهيون) اهڙو ڪردار آهي، جنهن لاءِ ڪڏهن بہ ۽ ڪنهن جا بہ ڪڏهن بہ رايا نہ ٿا ٿي سگهن، هو بَس سُنا هئا ۽ سُنا آهن. انهن پنهنجيءَ زندگيءَ جو هر پل، پنهنجي وطن ۽ وطن واسين سان اهڙو Committed لاڳاپيل ۽ پيوستہ گهاريو، جو مَٽن سندن ديس ۽ ديشي سدا نازان رهندا. نياز همايونيءَ کان وٺي زخمي چانڊيي تائين هر هڪ کي ياد ڪندي، اڄ ائين پيو ڀاسيم، جڻ سچ تہ اهي مون کي ميارون ڏيندا هجن تہ: ”اهو ڪم جيڪو توکي ڪرڻو هو، سو علي نواز ڪري، توکان گوءِ ڪٽي ويو...!“ ۽ ؟ آئون جواباً ڪنڌ هيٺ ڪري ٿو ڇڏيان.... هونءَ بہ ان ”نالي چڱي“ زندگيءَ ۾ مون کي سدائين مات/ شڪست ڏيئي، سدا گوءِ ڪنئين آهي.

اڄ بہ وٺين نالي چڱا! مون کان گوءِ ڪٽي:
هينئين منجهہ هٽي، خيما سُور تِڪائِيَءِ!

هي سمورا ڪردار، سنڌ امڙ جا اُهي سپوت هئا/ آهن، جن کي ساري اکيون خوشيءَ وچان پرجيو ٿيون پَون، جن بيشڪ پنهنجي ٿڃ ملهائي. ماءُ تہ آهي ئي هڪڙي سراسر سهاجهي احساس ۽ ڪيفيت جو نالو. ماءُ کي تہ لائق توڙي نالائق اولاد پيارو ئي هوندو آهي. ايئن ڌرتي ماتا لاءِ پڻ مهاراجہ ڏاهر توڙي اچڪلهہ جا عيار، مڪار ۽ ذاتي مفاد پرست سياستدان، سمورا سندس اکڙين جا تارا هئا/ آهن. ماءُ ڪڏهن بہ اولاد جي ڪردار جي ڪٿ ناهي ڪري سگهندي... اهو ڪم تاريخ ڪندي آهي. هاڪارِي توڙي ناڪارِي ڪردار هر دؤر ۾ موجود رهيا آهن ۽ رهندا، پر اهڙن ڪردارن جي پرک سندن دؤر ناهي ڪري سگهندو، ڇو تہ ماڻهو پنهنجي رَوين جي حوالي سان سڃاڻپ رکندي بہ، پرکڻ ڏاڍو اوکو آهي. اها ڳالهہ سؤ سيڪڙو انسان تي لاڳو ٿئي ٿي تہ:

“We can’t trace the GOD, but never a MAN!

اسان رام/ رحيم کي تہ ڄاڻي سگهون ٿا، پر مَنش/ ماڻهوءَ کي هرگز نہ! خالق کان وڌ مخلوق کي سمجهڻ مشڪل آهي. تخليق کي تہ صحيح معنيٰ ۾ رڳو سندس خالق ئي ڄاڻي سگهي ٿو. هڪ شعر جون سوين تشريحون ٿين ٿيون، پر شاعر ان کي الڳ ئي نموني اظهاريندو آهي.

سنڌ ڌرتيءَ خوبصورت لينڊ اسڪيپس جي سرزمين آهي. اڃڙي ٿر کان ويندي ڇُوڙيا مندر جو سُندر منظر، يا گَڏيءَ جي پِٽ، ٿر تہ سمورو پنهنجيءَ هنج ۾ هزارين لينڊ اسڪيپس رکي ٿو، پر ٻئي طرف رني ڪوٽ، لاهوت، هنگلاج، ڪولاچيءَ جا ڪنارا، سکر. ساڌ ٻيلو يا ڪوهستان کان ويندي روپا ماڙي، گهوڙا

ڀاڙي، مڪليءَ جو ماڳ. هر هنڌ ۽ ماڳ مڪان ڪي پنهنجي زمين سونهن ۽ تاريخي ڪردارن سندي سڃاڻپ آهي. اهڙيءَ طرح نئي جي سامونڊي پٽيءَ واري ماڳ ميرپور ساڪري ڪي پڻ پنهنجي ڏار سڃاڻپ آهي، جنهن جي ماناڻي مٽيءَ ۾ سانڊيل آهي. شهيد مالڪ خشڪ! سن جي سائينءَ جو لاڏلو ۽ يار محمد جلالاڻيءَ جو يار! ڏرتيءَ جي ويرين سان وڙهندي، ڏرتيءَ. ڏٽين ڪي غلاميءَ جو احساس ڏياريندڙ سالارِ ڪاروان ۽ مجاهدن جي رت جي سارتي ۾ سَن ۽ سنڌ جي سائينءَ سان ڪيل وَچن پاڙيندي، پنهنجو سِينو گولين سان سجائي، تاريخ ۾ جاءِ ولاريندڙ اُن وِيرَ ڪي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪري، ڪيس سلاميءَ ڏيڻ لاءِ ان ڏينهن سموري سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان هزارين هم. وطن اچي ميرپور ساڪري سهڙيا هئا. ۽ مون پڻ پهريون ڀيرو ان سونَ ورنيءَ سرزمين جو واس ورتو هو جتي مون ساڻ ٻين سوين سڄڻن سان گڏ شامل هو يار محمد جلالاڻي! سنڌ جي سڏ تي مون ڪيس هر هنڌ حاضر ڏٺو هو. ۽ سندس نيڻن ڏٺا هئا نئين سنڌ جا سپنا! جيڪي آخر هڪ ڏينهن ساڀيان ماڻيندا. ۽ اهڙي آشا هر وطن دوست جي من جي زينت آهي.

منهنجو ويساھ آهي تہ جيستائين سانگهڙ جي شهيدن (روپلو چولياڻي، سرائي قربان کهاوڙ ۽ نورالله تنيو) جهڙا جوڌا جوان، پنهنجي رت جا ڏيئا ٻاري، قومي ساجاھ جي راھ روشن رکندا ايندا، تيستائين ڪوبہ ڌارين جو ساٿاري ۽ مايا جي موھ جو ماريل، ”اٽي، لٽي ۽ اجهي“، توڙي نام نهاد ”انصاف“، ”مذهبي انقلاب“ يا ”تبديلي“ جهڙن هوائي نعرن جي ڦوڪن سان سَن جي فڪري جوت ڪي جهيڻو نہ ڪري سگهندو. هن ڳتا. گهر (خاڪن جي مجموعي) جو هر واسي ڪردار، ان فڪر جو ئي فرزند آهي: ۽ سندن هڪڙو ئي گڏيل نعرو آهي: ”آزادي يا موت!“، ”وطن يا ڪفن!“

اسان ڪي اها بہ سُڌ آهي تہ ”مايا جو موھ“، سنڌ دشمن قوتن لاءِ وڏو هٿيار آهي، جنهن وقتي طور شهيد ڪمال راهمون جهڙي جوڌي جي رت ڪي بہ رنگ لاٿڻ ڪان اڳ ٽڏو ڪري ڇڏيو: پر وقت ڪان وڏو منصف ۽ فرمانروا ڪوبہ ڪونهي، اهو اسان سينيءَ ڪي ياد رکڻ گهرجي. وقت عجيب ۽ مختلف طريقن سان دنيا وارن ڪي عجيب ۽ مختلف موقعا فراهم ڪري، سندن جِيوَن جي چِترڪاري ڪندو آهي ۽ اهي چِتر ئي آهن، جن ڪي دوام آهي، بقا آهي. ماڻهو پنهنجو مدو پورو ڪري، وارو وڄائي هليو وڃي ٿو پر دنيا جي هيڏي وڏي ڪينواس تي جوڙيل وقت جا چِتر باقي رهجيو وڃن. ۽ هر نئون نسل انهن جي معرفت پنهنجي ماضيءَ جي مختلف ڪردارن جي ڪٿ ڪري، ڪين ڀيٽا يا ملامتن ذريعي ياد ڪندو رهي ٿو.

هيءُ خاڪن جو مجموعو بہ اصل ۾ اهڙن ئي چِترن جو هڪڙو البم آهي، جيڪو محترم مصنف، وقت جي عجائب گهر حوالي ڪيو آهي: تہ جيئن هر دؤر جو نسل، انهن تاريخي ڪردارن جي چِترن ڪي ڏِسي، پنهنجي راھ جو تعين ڪري.

زيرِ نظر خاڪن ۾ پياري علي نواز آريسر پڻ ماضيءَ جي ڪينواس تي وقت جي جوڙيل اهڙن ئي چِترن/ پينٽنگس جي چونڊ ڪئي آهي، جيڪي بيشڪ پنهنجي وقت جا اُتم ۽ اهم ڪردار هيا/ آهن. سائين عبدالقادر جوڻيجي (مالڪ ڪيس وڏي ڄمار بخشي) ڪان ويندي زخمي چانڊئي جهڙي دلبر دلير مڙس

تائين سمورا ڪردار لاريب تاريخ جا اهي هاڪاري ڪردار آهن. جن تي سنڌ ڌرتيءَ ڪي ۽ سنڌ واسين ڪي سدا ناز رهندو.

جيستائين علي نواز آريسر (نالي چڱي) جي اسلوبِ تحرير جو تعلق آهي سچ تہ مون هن کان اڳ جيئن تہ سندس ڪابہ تحرير، ڪوبہ ڪالم ڪٿي نہ پڙهيو هو. تنهن ڪري منهنجو اچرج ۾ پوڻ لاشڪ فطري هو/ آهي. هر خاڪي ڪي نهايت ڌيان سان پڙهندي، جِتي اڪثر حيرت جي جهان ۾ گم ٿيندو رهيس، اُتي انهن ڪردارن سان (جن مان گهڻا منهنجي بہ قريب رهيا ڇو تہ "سن يونيورسٽيءَ" جي ادنيٰ شاگرد هجڻ جو مون ڪي پڻ اعزاز حاصل آهي.

اڪثر خاڪن ۾ زمان حال جي ضمير متڪلم واري صيغہ تحرير، سچ تہ سمورن ڪردارن ڪي پڙهندڙ سان جڻ تہ روبرو، آمهون سامهون ملاقات ڪرائيندي پاسجي ٿي؛ ۽ هونءَ بہ اهڙا ڪردار جيڪي تاريخ ۾ زنده آهن. انهن سان مخاطب ٿيڻ جو اهو ئي تہ اسلوبِ تحرير آهي- ۽ مون ڪي خبر ناهي تہ لکڻ جو اهو انداز هن شعوري طور اختيار ڪيو آهي، يا غير شعوري... پر نهايت معقول ۽ پُراثر انداز لڳي ٿو.

آخر ۾ "ڇيچ وڏائي شهيدن ۾ شمار ٿيڻ" واري اصطلاح تحت پنهنجن انهن مهان سرواڻ ساٿين، ڪي جن سيد جي رت جي سارٿي هئڻ جي حيثيت جو مڪمل طور حق ادا ڪيو هينيون بيت پيٽا طور پيش ڪرڻ جي جسارت ڪريان ٿو:

ساريم پنهنجا سار ٿي، ڳاڙها ڳل ٿِيا:
پر پوءِ جڻ تہ ڏِيئا، ٻَري پِيئڙا ٻاٿ ۾!

**- آسي زميني**

ويلن ٽائين ڊي، 2012ع
"سليٽ" دانش گاهہ، منصوريہ آشرم،
ٽنڊو قيصر

# ڪندا مون پيرين.....!

سنڌي ادب ۾ هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو مقام ۽ مرتبو آهي، جن سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۾ وسان ناهي گهٽايو. سنڌ ۾ اهڙو ڪو موضوع ناهي بچيو جنهن تي لکيو نہ ويو هجي. البتہ ڪن پاسن تي گهٽ ضرور لکيو ويو آهي. منهنجي هيءَ محنت ڪا مهانتا لهڻي ٿي يا نہ! ان جي دعوي تہ آءٌ هرگز نٿو ڪريان ۽ نہ ئي وري ڪو آئون اديب ئي آهيان. هڪ سنڌي هجڻ جي ناتي هر هڪ سنڌيءَ مٿان اهو فرض ٿو عائد ٿئي تہ پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪري! ان ذميواريءَ کي محسوس ڪندي ڪجهہ شخصيتن جي زندگيءَ تان زنگ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ان ۾ ڪامياب بہ ويو آهيان يا الائجي نہ!! پڙهندڙ ئي فيصلو ڪن. ڪنهن بہ شيءِ لاءِ هام هڻڻ تہ ڏاڍو سولو ڪم آهي، پر عملي طور جڏهن ڪجهہ ڪجي ٿو تہ خبر پئجي ٿي وڃي. مون جنهن موضوع کي هٿ لاتو آهي، ان تي سائين جي.ايم.سيد، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، عبدالقادر جوڻيجي، ماهتاب محبوب، دين محمد وفائي، يوسف سنڌي، خادم حسين چانڊئي، عبدالجبار جوڻيجي، ناز سنائي، رسول بخش درس ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ تائين انيڪ ڪردار آهن. جن ان موضوع کي باريڪ بينيءَ سان جاچيو آهي. منهنجو هيءُ ڪتاب بہ ان ڪوشش جي هڪ ڪڙي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل اهڙيون ڪيتريون ئي شخصيتون آهن، جن جو تاريخ ۾ تہ وڏو ڪردار آهي، پر تاريخ جي گمنام گهٽين ۾ گم ٿي ويل آهن. مون هي ڪتاب آڻي، انهن شخصيتن مٿان ڪو احسان ناهي ڪيو. نہ ئي وري آتم ڪٿائي شهيدن ۾ شامل ٿيڻ جي ڪا ڪوشش ئي ڪئي اٿم. پر هي ڪتاب آڻي بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر ضرور اُڇلايو اٿم. جنهن جون لهرون اگر ڪناري کي ڇُهي وڃن ٿيون تہ مون لاءِ يقيناً خوشيءَ جي ڳالهہ ضرور هوندي.

وساري تہ آءٌ انهن دوستن کي بہ نٿو سگهان، جن جي ساٿ ۾ سلهاڙجڻ بعد ئي اوهان جي آڏرين جو ڇُهاءُ هن ڪتاب تي پئجي سگهيو آهي. آئون ناز سنائيءَ جو شڪرگذار آهيان، جنهن هي ڪتاب "جي مون سانديا ساهہ ۾" ڇپائي، سنڌ جي هنن ڪردارن کان پڙهندڙن کي واقف ڪرايو آهي. پنهنجي پياري آسي زمينيءَ جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جو نہ صرف مُهاڳ لکيو پر ڪتاب کي ايڊٽ پڻ ڪيو. نواز خان زئور جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل لکيو ۽ احسان لغاريءَ جو بہ آءٌ احسانمند آهيان، جيڪو وقتن بوقتن هن ڪتاب کي سڌارڻ ۽

سنوارڻ ۾ منهنجو ٻانهن ٻيلي رهيو ۽ آئون تولارام سوٿهڙ جو بہ شڪر گذار آهيان جنهن هن ڪتاب جو خوبصورت ٽائيٽل ٺاهي ڏنو. ان ڪان علاوه آئون پنهنجن پيارن دوستن ساجد چانڊيي، واحد ڪانڌڙي، راجا ڏاهر هڪڙي، احمد نواز، شوڪت چاچڙ، غلام رسول، علي رضا، هرلال، پرويز نياز، دين محمد لاشاري، وفا مولا بخش ۽ راڻي ساند جون بہ محبتون وساري نہ ٿو سگهان، جي پڻ هن ڪتاب آڻڻ ۾ مون سان گڏ ساٻي وانگر رهيا. محبتون قائم تہ جدائي هرگز ناهي!

ساٿ سلامت، سنڌ سلامت!

اوهان جي محبتن جو طالب

**علي نواز آريسر**

Cell: 0346_2242883



# سنڌ جاڳي پئي!
# نياز همايوني

آئون نہ ڄاڻان ٻولي ٻي، آئون نہ ڄاڻان وِرد ورود،
ذڪر ڪريان ٿو سنڌڙيءَ جو، پڙهان ٿو ان تي لک درود،
سنڌ موجود حق موجود!
سنڌ موجود حق موجود!

هي ستون ان شاعر جون آهن، جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي انقلاب جي آواز کي جهرجهنگ تائين پهچايو. سن جي سيد جي فڪر کي اُجاگر ڪرڻ ۾ هن شاعر جو وڏو ڪردار رهيو آهي. پر افسوس جو اڄ هن شاعر کي نہ صرف سيد فيملي وساري ڇڏيو آهي. پر سيد جي ڏنگن ٻارن بہ هن شاعر جو ڏهاڙو ملهائڻ گوارا ڪونہ ڪيو. نياز همايوني شڪارپور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي، همايون ۾ هڪ غريب پورهيت قائم الدين همايونيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. (شڪارپور اسان لئہ تمام وڏي معنيٰ رکي ٿو. سنڌ جي پٺائيءَ ڪانپوءِ تمام وڏي شاعر **ساميءَ** جي مڙهي شڪارپور ۾ آهي، تہ شاھ لطيف جي تسلسل **شيخ اياز** جي جنم ڀومي بہ شڪارپور آهي؛ **”آڌي رات آزادي“** جهڙو شاهڪار ڪتاب ترجمو ڪندڙ **نثار هَڪڙو** بہ شڪارپور جو آهي، تہ سنڌ جي آزاديءَ جو منگل پانڊي **شهيد قيوم منگي**- جيڪو ڪراچيءَ ۾ پنجاب سامراج جي گولين جو کاڄ بڻيو،اهو بہ شڪارپور جو آهي. تہ هارون چني جهڙو مصور بہ شڪارپور جو آهي، جنهن جي سنگتراس هٿن ۾ جڏهن بہ قلم آيو آهي تہ هُن اهڙا تہ چِتر چٽيا آهن، جو ڏسندڙ دنگ رهجيو وڃي)

نياز همايوني غربت ۽ مفلسيءَ واري زندگيءَ کي تہ قبول ڪيو پر ڪنهن جي اڳيان آڻ نہ مڃي. مدد علي سنڌي ڪنهن جاءِ تي لکيو آهي، تہ نياز جڏهن ٻي شادي ڪئي، تہ ان مان هڪ ننڍڙي بہ هئس. هڪ پيري گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجھ نہ هو ۽ ان ننڍڙيءَ پنهنجي امڙ کي روئندي چيو تہ هن کان تہ پاڻ پهرئين گهر ۾ خوش هئاسين؛ تہ نياز جي اکين مان لڙڪ نيسارا ڪري وهڻ لڳا، ۽ پاڻ گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ گاڏيءَ ڪاتي ۾ حمالپو ڪري، ٻارڙن جي لاءِ ڪاڏي پيتي جو سامان وٺي آيو. اهڙن مرحلن مان گذري ماڻهو پنهنجو ايمان سلامت رکي، ۽ طِبي ڪاليج جي ڊائريڪٽر جي عهدي کي ٺڪرائي ڇڏي تہ ان کان وڌ ٻي کهڙي خودداري ٿي سگهي ٿي! اندر ۾ سنڌ جي پڙڪندڙ درد، هن کي شڪارپور ڇڏڻ تي مجبور ڪيو؛ ۽

شڪارپور ڇڏي اچي حيدرآباد وسايائين ۽ سنڌ جي لاءِ هلندڙ قومي تحريڪ جي جدوجهد ۾ ڪاهي پيو. هن پنهنجي شاعريءَ وسيلي نوجوانن جي سينن ۾ جلندڙ باهہ کي اجا وڌيڪ ڀڙڪايو. نياز ان دؤر ۾ هي سِٽون لکيون، جنهن دؤر ۾ سنڌ جو نانءُ وٺڻ ڪاريهر تي پير ڏيڻ جي برابر هيو:

جانبازو! جنگِ آزاديءَ جي تياري ڪريو بيدار ٿيو!
قوم ۾ آٽيو سجاڳي، پاڻ ۾ پي غفلت ڇڏيو بيدار ٿيو!
جانبازو! جنگِ آزاديءَ جي تياري ڪريو بيدار ٿيو!

نياز همايوني، عبدالواحد آريسر سان روم پارٽنر ٿي رهيو ۽ سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز کي بہ ويجهو رهيو.

مون کي الائي ڇو اياز ۽ نياز ٻنهي جي شاعريءَ ۾ هڪجهڙائي محسوس ٿيندي آهي. هڪڙي شهر جا هئڻ ڪري، يا ٻنهي جي نالن جي هم آواز ڪري، يا وري انهيءَ ڪري جو ٻنهي جي سيني ۾ سنڌ جي لاءِ هڪڙو درد هو يا ٻئي سن جي سيد جي فوج جا سپهہ سالار هئا. ان ڪري، نياز هڪڙي دؤر ۾ سنڌ کان خوبصورت انداز ۾ آسيس ٿو گهري:

سنڌ، اي سنڌ! منهنجي ايامن جي سنڌ!
مونکي آسيس ڏي! منهنجي خوابن جي سنڌ!
تنهنجي گيتن کي سنگيت ڏيندو رهان،
تنهنجو چارڻ ٿي، هيءُ سين هٽندو رهان:
سنڌ جاڳي پئي! سنڌ جاڳي پئي!

نياز هر موضوع تي لکيو ۽ سنڌ جي هر ڪردار کي پنهنجي شاعريءَ ۾ خوبصورت انداز سان چٽيو آهي. هن ٻاگهيءَ تي لکيو، مارئيءَ تي لکيو، هن هوشوءَ تي لکيو، هيمون تي لکيو، هن ڪارونجهر جبل ۽ روپلي ڪولهيءَ تي لکيو، هن مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت تي لکيو، سنڌ جي سرتاج شاهہ لطيف تي لکيو تہ سن جي سائين جي.ايم سيد تي لکيو، هن پنن اگهاڙن هارين تي لکيو، پيٽ بکايل ٻارن تي لکيو پر هن جيڪو بہ لکيو، جنهن تي بہ لکيو، سنڌ تي ئي لکيو. هن جي سنڌ سان اهڙي تہ ڪمٽمينٽ (commitment) هئي، جو هن کي ڪير بہ خريد ڪري نہ سگهيو. هو نہ وِڪيو نہ جهُڪيو. هميشہ اڏول ۽ اِرادي تي مضبوطيءَ سان قائم رهيو. هو جيترو جذباتي هو اوترو ئي حساس بہ هيو جو هن ڌرتيءَ جي عشق ۾ سرتيءَ کي بہ وساريو ڪونہ. هن شعر ۾ ڪيس ياد ڪري ٿو:

جڏهن بہ تنهنجي ياد اچي ٿي، ڏاڍي اوکي نبري ٿي،
ماڪ جيان ٿا ڳوڙها ڳاڙيون، ميڻ جيان دل پگهري ٿي.

–

تنهنجي سہاجهي صورت سان جي هيڪر اکڙيون چار ٿين،

برهہ اسان جو بوند ٿي برسي، برپٽ تي گلزار ٿين.

نياز همايوني سنڌي ٻوليءَ جو برک عالم، اديب، شاعر، محقق ۽ مترجم ٿي گذريو آهي. هن ابتدائي سنڌي ۽ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، مختلف مدرسن مان فارسي ۽ طِب جي تعليم مڪمل ڪري، حڪمت جو ڌنڌو اختيار ڪيو ۽ پنهنجو دواخانو قائم ڪيائين. ڪجهہ وقت حيدرآباد جي طِبي درسگاهن ۾ استاد طور پڻ پڙهايائين.

نياز همايوني شاعريءَ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب، اردو ۽ فارسيءَ مان ترجما ڪيا، جيڪي تمام ناياب آهن. نياز همايوني سنڌي ادبي بورڊ جي لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ تي اها ذميواري عائد ٿي ٿئي تہ هو نياز جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن کي ڇپرائي، جيئن اسان جي نئين ٽهي، جيڪا نياز همايونيءَ جي نالي کان اڻ واقف آهي، ان کي خبر پوي.

نياز همايونيءَ جي ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

1۔ فرهنگ جعفري (3 جلد) قديم طِب جو ڪتاب، سڌاري تيار ڪيل، (1960ع)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

2۔ ديوانِ مفتون (مولانا عبدالغفور همايونيءَ جو ڪلام)، ترتيب، (1973ع)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

3۔ هفت زباني لغت (1974ع)، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور.

4۔ ساٽيهہ جي ساک (دودي چنيسر جو داستان: شاعري)، (1975ع)، نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي.

5۔ سنڌ جي طِبي تاريخ (2 جلد۔ 1976ع)، سنڌ سائنس سوسائٽي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

6۔ ڌرتيءَ جا گيت (قومي شاعري)، 1978ع، پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو انعام يافتہ (ضبط ٿيل).

7۔ ملوڪ الڪلام (خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري جي ڪلام جو سوانح سميت، منظوم فارسي ترجمو) 1977ع، همايون پبليڪيشن، حيدرآباد.

8۔ سندهي نامہ (اردو)، 1978ع مرڪزي اردو بورڊ، لاهور.

9۔ تاريخ مظهر شاهجهاني (فارسيءَ مان سنڌي ترجمو)، 1979ع: ٻيو ڇاپو 1994ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

10۔ انتخابِ سندهي شاعري: 1987ع، اڪيڊمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد.

11۔ آهوانِ صحرا (قاضي قادن جي ڪلام جو اردو ترجمو)، 1988ع، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ.

12۔ تاريخ طاهري (فارسيءَ مان سنڌي ترجمو)، تصّوف جو ڪتاب ۽ شيخ مغل ٻيڻءَ جي سوانح، 1989ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو.

13۔ مفصود العارفين (فارسيءَ مان سنڌي ترجمو: 1988ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

14۔ آءَ ڪانگا ڪر ڳالهہ (صوفي درياهہ خان جو ڪلام)، 1993ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

15۔ راھِ عشق (علامه خمينيءَ جي فارسي رومانوي شاعريءَ جو سنڌي ترجمو)، 2003ع، خانه فرهنگ ايران، حيدرآباد.
16۔ تازن معرڪن جي تاريخ (”تاريخ تازه نواءِ معارڪ“ جو فارسيءَ مان سنڌي ترجمو) 2005ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
17۔ فرهنگِ همايوني (طِبي لغت) 2004ع، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
18۔ ڪُلياتِ پير محمد اشرف ڪاماري وارو: 1997ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
19۔ رسالہ اويسيہ (شاھ لطيف ۽ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي وچ ۾ خط و ڪتابت: فارسيءَ مان ترجمو) 2005ع، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز/ ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ.
20۔ دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت (ساٽيھ جي ساک ۽ ڌرتيءَ جا گيت، گڏيل ٻيو ڇاپو)، 2009ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
21۔ مخدوم نوح جو قرآن پاڪ (فارسيءَ مان سنڌي ترجمو)

## اڻ ڇپيل ڪتاب

1۔ اذان العارفين (شاھ عبدالڪريم جي بيتن جو مڪمل ۽ منظوم اردو ترجمو ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز وٽ پيل)
2۔ سنڌي رانديون (ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز وٽ پيل)
3۔ سنڌ جي طبي تاريخ (جلد ٽيون) سنڌ جي طبيبن جو احوال
4۔ اڪ پڇيءَ ٽيا انار (سنڌي ڪلاسيڪي شاعري: چونڊ ڪلام)
5۔ جتي منھنجا ماروئڙا (يادگيريون ۽ ڊائريءَ جا ورق)
6۔ اردو ۽ فارسيءَ ڪلام جي سنڌي ترجمي جو مسودو (ترتيب هيٺ)
7۔ دوزخ ۾ رهڻ جي ريهرسل (مزاحيہ شاعري)، ڇپائيءَ جي مرحلي ۾.
8۔ ڏکيا سکيا ڏينهن (آتم ڪٿا ۔ اڻ پوري) ۽ ڪالم.
9۔ شاھ جو گنج، منظوم اردو ترجمو.
10۔ گلبانگِ لطيف (شاھ لطيف جي مختلف سُرن جو منظوم فارسي ترجمو)
11۔ اوناٽيون اويس جون (انگريز دؤر جي گمنام عوامي شاعرن جو ڪلام)
12۔ اڏ صديءَ جو اکين ڏٺو احوال (اخبار ڪٽنگس)
13۔ سمندر کي سانس (ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن جي شاعريءَ جو سنڌيءَ مان اردو منظوم ترجمو)
14۔ ڪالم، مضمون، مهاڳ (ڪتاب جيترو مواد)

نياز همايوني هڪ فرد نہ، پر اداري جي حيثيت رکندڙ شخص هو سنڌ جي هن عالم جو پورهيو ڪاتي لڳائڻ کان تمام گهڻو آهي. آريسر صاحب خاڪي جوبي لاءِ چيو هو تہ، خاڪي جوبي سنڌ جي نقشي جيترو ڪم ڪيو آهي، ساڳيا لفظ آئون نياز همايونيءَ لاءِ بہ لکان ٿو تہ هُن سنڌ جي نقشي کان بہ گهڻو ڪم ڪيو آهي. سندس محنتن جو اُجورو اسان ڏيون تہ بہ نٿا ڏئي سگهون. نياز همايونيءَ جو هيءُ پورهيو شل سنڌي ماڻهن جي جذبن کي جاڳائي. منهنجي خيال ۾ عبدالواحد آريسر ۽ تاج جوبي تي اِها ذميواري ٿي عائد ٿئي تہ هو نياز جي پورهيي کي منظر تي آڻي نوجوان نسل کي نياز جي علم ادب لاءِ ڪيل خدمتن کان واقف ڪن. سنڌ جي هن محبِ وطن عالم، نياز همايوني 2 جنوري 2003ع تي راهِ رباني ورتي. پويان ٻن پٽن، ٻن نياڻين سميت، سڄي سنڌ کي سوڳوار ڇڏي ويو. سندس اولاد ۾ ننڍو پٽ پرويز نياز هن وقت سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي; سندس نثر تمام سٺو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سندس لکڻيون اخبارن جي زينت پڻ بڻجن ٿيون. وڏو پٽ اويس نياز بہ ڪنهن پرائيويٽ اداري ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي.

¤¤¤¤¤



# مينهن وساڙي جهڙو ماڻهو عبدالقادر جوڻيجو

سنڌي ٻوليءَ جي گهڻگهري ليکڪ، ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ ترجمي نگار عبدالقادر جوڻيجي، ٿر جي واريءَ جي ڍٽن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٺ جنهاڻ، تعلقي مٺيءَ ضلعي ٿرپارڪر ۾ مريد حسين جوڻيجي جي گهر ۾، پهرين نومبر 1945ع تي اک کولي. ٿر جي واريءَ ۾ ٻانبڙا پائيندي، واريءَ جا گهر ٺاهيندي، ڇڙن جي ڇُونگار ڪي هينئين سان هنڊائي وڏو ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪري، سيڪنڊري تعليم نوابشاهہ ضلعي جي مختلف شهرن، ۽ هاءِ اسڪول ڏيپلي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. سندس والد پوليس آفيسر هو. 1962ع ۾ ڪيس پوليس کاتي ۾ اي ايس آءِ طور ڇونڊيو ويو، پر والد جي زور ڀرڻ تي پرائمري ماستر ٿيو ۽ مختلف ڳوٺن ۾ پڙهائڻ لڳو. ڪيترائي ڪلوميٽر پنڌ ڪري پڙهائڻ ويندو هو ۽ رستي جي سفر ۾ واريءَ جي ڍٽن، ڏهرن ۾ چرندڙ ڍڳين ۽ ٻڪرين، رڍن سان ڪڇهريون ڪندي اسڪول پهچندو هو. تہ سندس ذهن ۾ افسانو جڙي پوندو هو. ائين هن افسانا، ڪهاڻيون لکندي سنڌ جي ڏاهي، محمد ابراهيم جويي سان خط و ڪتابت شروع ڪئي، ۽ پنهنجا افسانا جويي صاحب ڪي موڪليندو رهيو. ۽ جويو صاحب سندس رهنمائي ڪندي، اُهي افسانا مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپائيندو ۽ ڪيس خط لکي همت افزائي ڪندو رهيو. ايئن هن افسانا ۽ ڪهاڻيون لکندي بي اي، بي ايڊ ۽ ايم اي سوشيالاجيءَ جون ڊگريون 1977ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون.

1976ع تائين پڙهائڻ جو ڪم جاري رکيائين ۽ ان دوران نواب حيدر علي لغاري ۽ شوڪت شوري سان خط و ڪتابت بہ هلندي رهي. جڏهن شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيو تہ عبدالقادر جي ذهني صلاحيت ۽ ادبي افسانن ڪي ڏسندي، ڪيس سنڌالاجيءَ ۾ پبليڪيشن آفيسر مقرر ڪيو. ڄامشوري جي افسانوي سرزمين هن جي اندر ۾ ستل ڪهاڻيڪار ڪي جهنجهوڙي جاڳايو ۽ ڏات جي ديوي مٿس مهربان ٿي، ۽ جوڻيجو صاحب لکڻ ڪي عبادت سمجهي پابنديءَ سان فرض ادا ڪندو رهيو. جوڻيجي

صاحب جو سنڌ يونيورسٽيءَ وارو دور هڪ شاندار دور چئي سگهجي ٿو ڇو تہ هتي هن جو گهڻو وقت سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز ۽ پلوڙ نثرنويس غلام رباني آگري سان گذريو ۽ سنڌي ادب جي هن ٽمورتي سنڌ کان علاوه پوري دنيا جي ادب تي طويل بحث ڪيا. راتين جون رولاڪيون بہ سندن حصي ۾ آيون تہ خوبصورت نيڻن جا اسير بہ ٿيا عبدالقادر جوڻيجو سنڌالاجيءَ ۾ پبليڪيشن آفيسر، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ۽ پوءِ ڊائريڪٽر ٿيو جتي 2005ع تائين فرض نڀايائين. ۽ 2005ع ۾ ئي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمئن مقرر ڪيو ويو جتي پڻ پنهنجو وقت خوبصورت نموني ۽ خوش اسلوبيءَ سان گذاريائين. منهنجي ساڻس ملاقات سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ ٿي.

ٿيو هيئن جو هڪڙي ڀيري آريسر صاحب مانيٽي اوني جي ورسيءَ جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ اٿارٽي ويو هو جتي ڪچهريءَ دوران منهنجي نوڪريءَ جو چيو هئائين. جنهن تي جوڻيجي صاحب چيو تہ ڪيس صبح جو موڪلي ڏي. پوءِ ٻن مهينن کانپوءِ آئون حيدرآباد آيس. ۽ ڏٽي بخش سولنگي ۽ شهيد روپلي چوليانيءَ سان گڏجي ملڻ ويس. پهرين تہ ڪيترائي انومان ذهن ۾ ايندا رهيا تہ هو هيڏو وڏو ماڻهو الاءِ ملندو يا نہ؟ ڪهڙي موٽ ڏيندو. ايئن سوچن جي ساگر ۾ ٻڏندي ترندي جوڻيجي صاحب جي آفيس تائين پهتاسين. بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا ۽ اطلاع جي اندر داخل ٿياسين. تہ پاڻ اُٿي بيهي مليو ۽ اسان کي ويهڻ جو چيائين. ۽ يڪدم گهنٽي وڄائي پٽيوالي کي چانهہ جو چيائين. پاڻ حال احوال ورتائين. جڏهن ٻڌايو مانس تہ سائين آريسر صاحب موڪليو آهي. نوڪريءَ جي لاءِ آيو آهيان تہ پاڻ چيائين. پُٽ اِداري جي بجيٽ تمام ٿوري آهي. 3000 روپيا پگهار تي ڪانٽريڪٽ تي آئون توکي ملازمت تي رکي سگهان ٿو. مون چيو سائين مون کي منظور آهي. تہ چيائين ڏهن ڏينهن کانپوءِ فون ڪجانءِ. ايئن پنهنجو موبائيل نمبر پني تي لکي ڏنائين ۽ مون کان بہ نمبر لکائي ورتائين. مون وٽ ان وقت موبائل ڪو نہ هو سو گهر جو نمبر لکي ڏنم. ايئن ان ڏينهن اسان 2 ڪلاڪ مسلسل ڪچهري ڪئي. مون کي هيءُ ماڻهو انتهائي پيارو، نفيس ۽ محبتن جو سمنڊ لڳو. سندس محبت ڀريون ڳالهيون ٻڌندا رهياسين. ٻن ڪلاڪن کانپوءِ موڪلايوسين.

اهڙيءَ ريت مون کي هفتو کن حيدرآباد ۾ لڳي ويو ڇو تہ قسمت سان اچڻ ٿيندو هو ان ڪري يارن دوستن مان نڪرڻ بہ ڏکيو هو. هفتي کانپوءِ گهر پهتس تہ گهروارن ٻڌايو. عبدالقادر 5 ڀيرا فون ڪري چڪو آهي! مون فوري طور فون ڪئي مانس. تہ پيار مان چيائين بابا ڪٿي آهين؟ ڪيتريون فونون ڪيون اٿمائين! چيو مانس سائين حيدرآباد ۾ ئي هئس. اڄ ئي واپس پهتو آهيان. تہ چيائين صبح جو ئي اچ ۽ نوڪري جوائن ڪر! ايئن ٻئي ڏينهن اٿارٽي پهچي نوڪري جوائن ڪيم. ڪم کي لڳي ويس. ڪافي ٽائيم گذري ويو ساڻس ملڻ لاءِ بہ نہ ويس. هڪ ڀيري آريسر صاحب ملڻ آيو تہ شڪايت ڏنائين. تہ مون وارو ڀائٽيو ملڻ بہ ناهي ايندو! آريسر صاحب مون کي دڙڪو ڏيندي چيو تہ جوڻيجو صاحب شڪايت پيو ڪري چيومانس سائين! جوڻيجو صاحب چوندو تہ آئون روزانو گهر وڃي ڪچهري ڪري ايندس. باقي

هتي آفيس ۾ ملندس تہ چاپلوسيءَ جو نپو لڳندو. واقعي ڪنهن آفيسر سان ويجهو رهڻ بہ وڏي ۾ وڏو عذاب آهي. هڪ سال تائين ڪچي ملازمت ۾ ڪم ڪيم. هڪ سال ڪانپوءِ پاڻ مون کي جونيئر ڪلارڪ طور ريگيولر ڪيائين، ۽ ان ڏينهن چيائين تہ واعدو ڪر، تہ هن آفيس ۾ پنهنجي محنتن سان اڳتي وڌندين ۽ سٺي عهدي تي پهچندين.

2008ع ۾ پاڻ اٿارٽيءَ مان هليو ويو. سچي ڳالهہ اِها آهي تہ هيءُ ماڻهو مون کي ڪامورو بلڪل نہ لڳو. انتهائي پيار ڪندڙ انسان لڳو. 2009ع ۾ مون جڏهن آريسر صاحب جو ڪتاب "زندگي آزادي ۽ محبت" پئي ڇپايو تہ جوڻيجي صاحب کان مهاڳ لکرائڻ لاءِ ويس. دروازي تي پهچي اطلاع ڏنم تہ پاڻ نڪري آيو ۽ وٺي وڃي ڊرائينگ روم ۾ ويهاريائين ۽ دڙڪو ڏيندي چيائين، تون ڌاريو آهين جو دروازي تي بيهي رهين؟ سچ تہ آئون پنهنجي لاءِ اهو اعزاز ٿو سمجهان جو هُن مونکي ايترو پنهنجو سمجهيو. چو تہ اسان جي هن سماج مان ڏينهون ڏينهن پنهنجائپ جو تصور ئي ختم ٿيندو وڃي. ڪافي ٽائيم ڪچهري ڪئي سين، چانهہ وغيره جو دؤر بہ هليو. مون جڏهن ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ چيو تہ پاڻ مون کي چيائين تہ بابا آريسر صاحب کي ڪهڙي ضرورت آهي، ڪتاب جي مهاڳ لکرائڻ جي! توهان دنيا جي وڏن ليکڪن جا ڪتاب پڙهو اهي پنهنجي ڪتابن جا مهاڳ پاڻ لکندا آهن. پر پوءِ بہ مون کي خوشي آهي تہ آريسر صاحب جي ڪتاب جي مهاڳ لاءِ منهنجي چونڊ ڪئي وئي آهي، آئون ضرور لکندس. پوءِ هفتي اندر شاندار مهاڳ لکي ڏنائين. ان ڪتاب جو انتساب بہ آريسر صاحب عبدالقادر جي نالي ڪيو آهي. جوڻيجو صاحب آريسر صاحب کي تمام گهڻو پائيندو آهي. جوڻيجي صاحب سان محبتن جو رشتو اڄ بہ قائم آهي. جوڻيجي صاحب جون علمي، ادبي خدمتون بہ تاريخ جي سُنهري ورقن ۾ لکڻ جهڙيون آهن. سندس ڪهاڻين، افسانن، خاڪن ۽ ترجمي جا 12 کن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جنهن جو وچور هن ريت آهي: واٽون راتيون رول (ڪهاڻيون: 1973ع) شڪليون (سنڌ جي شخصيتن تي خاڪا: 1979ع) ويندڙ وهي لهندڙ سج (ڪهاڻيون: 1984ع) وڏا اديب وڏيون ڳالهيون (ترجمو: 1986ع) ايوريسٽ تي چڙهائي (ترجمو: 1987ع) ڪرسي (ادب، تعليم، ميڊيا ۽ ثقافتي ائنٽراپالاجيءَ بابت مضمون: 1998ع) چو چا ۽ ڪيئن (ترجمو: 1999ع) خط ٻن اديبن جا (محمد ابراهيم جويي ۽ عبدالقادر جوڻيجي جا خط: 1999ع) دَرَ در جا مسافر (ڪلچرل ائنٽراپالاجي: 2001ع) وڻ وڻ جي ڪاني (ترجمو: 2002ع) ڇا لکان؟ (تاريخي، سماجي، سياسي ۽ ادبي مضمون: 2007ع) ايئن ڀلا ڪيئن هوندو؟ (2010ع).

عبدالقادر جوڻيجي جا هي سمورا ڪتاب انتهائي اهم ۽ ناليج تي مبني آهن. جوڻيجي صاحب لکڻ جي شروعات افسانوي کان ڪئي، پر پوءِ اڳتي هلي ڪهاڻي ۽ ڊرامي جي صورت ۾ ادب تي ڇانئجڻ لڳو. سندس پهرين ڪهاڻي مُٺ مُٺ سُور آهي، جيڪا 1963ع ۾ مشهور ادبي رسالي روح رهاڻ ۾ ڇپي. پاڻ نہ صرف سنڌ، پاڪستان ۾ پر ڀارت، نيپال، ايران ۽ جرمنيءَ ۾ اردو ڊرامي نگاريءَ جي حوالي سان عالمي مڃتا حاصل ڪري چڪو آهي. پاڻ ريڊيي لاءِ بہ ڪيترائي ناٽڪ لکي چُڪو آهي. سندس پهريون ناٽڪ 1970ع ڌاري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي نشر ٿيو. هن وقت تائين سندس ٽيهن کان وڌيڪ ريڊيو

ناٽڪ نشر ٿي چُڪا آهن. 1976ع ۾ سندس پهريون ٽي وي ناٽڪ ”تلاش“ پي ٽي وي ڪراچيءَ تان ٽيليڪاسٽ ٿيو. هن وقت تائين سندس 16 کان وڌيڪ سنڌي ۽ 16 اُردو سولو پلي ۽ سيريل ٽيليڪاسٽ ٿي چُڪا آهن. اردوءَ ۾ سندس 13 ڊراما پي ٽي وي ۽ ٻين چئنلن تي رليز ٿي چُڪا آهن. جن ۾ ڪاروان، چوٽي سي دنيا، سيڙهيان، دُک سُک، پرانده ۽ ڏول عالمي شهرت ۽ مڃتا ماڻي چُڪا آهن. سندس ٽي وي سيريل چوٽي سي دنيا تي مشهور جرمن انٿراپالاجسٽ، ڊاڪٽر هيلن باسو (DR. Hellene Basu) فري يونيورسٽي برلن ۾ ٿيسز لکي چُڪي آهي، جنهن جو اختصار انگريزيءَ ۾ به ترجمو ٿي چُڪو آهي. سندس سنڌي ڊرامي ”راڻيءَ جي ڪهاڻي“ سنڌ ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي ۽ ڀهراڙين ۾ اڄ به ماڻهو انهي سيريل جي واڪاڻ ڪندي ڏاپن ئي ڪو نه ٿا، ۽ ساڳي سيريل اردوءَ ۾ ”ديوارين“ جي نالي سان ٽيليڪاسٽ ٿي ۽ اردو ڊرامي نگاريءَ تي پنهنجي ڇاپ ڇڏيائين. ان بعد (B.B.C) چئنل- 4 تان انگريزيءَ ترجمي سان ٽيليڪاسٽ ٿي. هيءَ ذڪڻ ايشيا جي پهرين سيريل هئي، جيڪا (B.B.C) تان ٽيليڪاسٽ ٿي هئي. ان کان علاوه سندس ڊرامي ”سيڙهيان“ آمريڪا ۽ ڪئناڊا سميت ٻين ملڪن ۾ به مڃتا ماڻي. اهڙيءَ طرح ٽي وي ڊرامو ”پرانده“ پڻ ڪئناڊا ۽ يونائيٽيڊ عرب امارات (U.A.E) ۾ به ٽيليڪاسٽ ٿي چُڪو آهي. عبدالقادر جوڻيجي جو نالو ڪهاڻي توڙي ڊرامي جي دنيا ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي چُڪو آهي، ڪيس نه رڳو سڄي سنڌ نالي سان سڃاڻي، پر دنيا جي ٻين به ڪيترن ملڪن ۾ سندس نالو ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. ڪيس مڃتا طور ڪيترائي ايوارڊ ملي چُڪا آهن، جن ۾ 1989ع ۾ پهريون صدارتي ايوارڊ ۽ 2008ع ۾ ٻيو صدارتي ايوارڊ مليو. قسطوار ڊرامي ڪاروان تي بهترين ليکڪ جو ساليانو پي ٽي وي ايوارڊ، 1989ع ۾ پي ٽي وي سلور جوبلي ايوارڊ، 1988ع کان 1998ع واري ڏهاڪي جو ايوارڊ ۽ ريڊيو پاڪستان جو 1999ع جو گولڊن جوبلي ايوارڊ (قومي) ملي چُڪا آهن. پر آئون سمجهان ٿو اهي اوارڊ عبدالقادر جوڻيجي لاءِ اعزاز ناهن، بلڪ انهن ادارن ۽ انهن اوارڊن لاءِ اهو اعزاز آهي، جو اُهي عبدالقادر جوڻيجي جي نالي منسوب ٿيا آهن، ڇو ته ڪي ڪي شخصيتون اوارڊن ۽ اعزازن کان مٿانهيون ۽ ماناعتيون هونديون آهن، ۽ عبدالقادر جوڻيجي جو شمار اهڙين شخصيتن ۾ ٿئي ٿو.

عبدالقادر جوڻيجو ٽي وي ڊراما نگار جي حيثيت ۾ به پيرا ڇين جو مطالعاتي ۽ ثقافتي دورو به ڪري چُڪو آهي. عبدالقادر جوڻيجي جي سڄي زندگي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ گذري آهي، پاڻ ادب، ثقافت، تعليم، آرڪيالاجي ۽ صحافت وغيره سان لاڳاپيل 18 کان وڌيڪ ادارن جي مختلف ڪميٽين جو ميمبر به رهي چُڪو آهي. ان کان علاوه پاڻ مختلف ادارن جو سربراه به رهي چُڪو آهي، پر پوءِ به هيءُ فقير صفت انسان فقيراڻي طبيعت جو مالڪ رهيو پاڻ وڏو ماڻهو ته ٿي ويو، پر وڏ ماڻهپو نه ڪري سگهيو. ۽ نه ڪامورو ٿي سگهيو. هيءُ بس يارن جو يار رهيو اهو ئي سبب آهه، جو پاڻ ڪنهن سياسي ۽ ادبي تنظيم جو حصو نه بڻجي سگهيو. هيڏو وڏو عالمي شهرت رکندڙ رائيٽر هئڻ جي باوجود، ادبي سنگت جي لهه وچڙ ۾ نه آيو، ڇو ته هي سماجي روايتن جو امين آهي، ڪنهن به سياسي ادبي تنظيم جو حصو بڻجي، هن پنهنجي پاڻ کي وجائڻ کان بچائيندي رشتن جو ڀرم رکيو آهي. هي مينهن وسائڻي جهڙو پيارو ۽ نفيس انسان آهي،

جنهن ڪي توڙي جو فالج جسماني طور ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، پر پوءِ بہ پاڻ ذهني طور اجا چُست آهي. پاڻ ڪيترو وقت ڪاوش جو مستقل ڪالم نگار رهيو ۽ هن وقت روزاني سنڌ ايڪسپريس ۾ سندس لکڻيون هفتيوار ڇپجنديون رهن ٿيون. تماهي سارنگا ۾ بہ سندس يادگيريون ڇپجنديون رهن ٿيون، سندس لهجو اسلوب نهايت ئي وڻندڙ آهي. اسان سندس قلم جي سلامتيءَ لاءِ دعاگو آهيون.

¤¤¤¤¤



# سنڌ جو سيلاني : بدر ابڙو

سنڌ جي سونهاري سر زمين عظيم ماڻڪ موتين کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي فنِ مصوريءَ توڙي ٻين عظيم تخليقن سان سنڌ کي ڪنوار وانگر سينگاري سينڌ ۾ سنڌور ڀري، دنيا جي ملڪن جي صف ۾ مٿانهون ڪري بيهاريو آهي. هونئن بہ هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ ۾ الاءِ تہ ڪهڙي مٺيا آهي، جو ماڻهو هن مٽيءَ ۾ ٻاروتڻ ۾ ڪينچل ڪندي ڪندي، ذهن جي ڪينواس تي تخليق جا سرچشما جذب ڪريو ڇڏي. جيڪي عمر جي وڌڻ سان آبشارن جي صورت ۾ وهڻ شروع ڪندا آهن. ۽ نديڙن قطرن جو روپ اختيار ڪري سنڌوءَ جي مست الست ڇولين جو رُوپ ڌاري، پنهنجا رستا ۽ پنهنجا وهڪرا ٺاهيندا آهن، پوءِ ڪنهن جو رستو لسانيات ذريعي ٻوليءَ جا واهڙ واهڻ شروع ٿو ڪري، تہ وري ڪنهن جو تنقيد، تحقيق جا پيچرا لتاڙڻ شروع ٿو ڪري؛ ڪي عظيم مفڪر ٿيو وڃن، تہ ڪي وري سيلاني.

انهن سيلانين مان اسان جو سيلاني فقير مست الست، بدر ابڙو بہ انهن سيني وهڪرن ۾ وهندو، ٻڏندو، ترندو رهيو آهي. بدر ابڙو سنڌ جو اهڙو سيلاني آهي، جنهن سنڌ ۽ خاص طور ڪيرٿر جو چپو چپو پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙي گهمي ڏٺو آهي. بدر ابڙي جو نالو اسان جي سنڌ جي سنڌي ادب، سنڌي ثقافت، توڙي سنڌي سماج ۽ سياست ۾ ڪنهن کان بہ ڳجهو ڪونهي. ڪيس ڦُٽيون چونڊيندڙ ڪولهڻ بہ سڃاڻيندي، تہ منڇر تي ٻيڙيون هلائيندڙ ملاحن جا معصوم ٻارڙا بہ سڃاڻيندا، تہ عمرڪوٽ ۽ لاڙ جا جوڳي بہ ڪيس گلي لڳائيندا.

بدر ابڙو سنڌ جي تمام وڏي نالي جمال ابڙي جو وڏو موڀي پٽ آهي. جمال ابڙو انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهندڙ منصف (جج) هو جنهن کان ڪڏهن اتفاق سان بہ ناانصافي نہ ٿي هوندي. ان ڪانسواءِ جمال ابڙي جي ٻي سڃاڻپ سندس ڪهاڻيون آهن. ڪهاڻين ۾ خاص طور ”پشو پاشا“ جهڙي مجموعي تہ ڪيس ڪهاڻيءَ جي دنيا جو چمڪندڙ ستارو بڻائي ڇڏيو. هيءُ مجموعو نہ ڄاڻ ڪيترا ڀيرا ڇپيو آهي ۽ هٿوهٿ وڪاميو آهي، جو هاڻي پبلشرن کي بہ خبر ناهي تہ ڪيترا ڇاپا ڇپجي چڪا آهن؛ پر بدر ابڙو بہ گهٽ ڪونهي. هيءُ جمال ابڙي جو موڀي پٽ، جنهن جو پيءُ هڪ وڏي ڪُرسيءَ تي ويٺل هجي، ان کي ڪهڙي پرواهہ! ان جي باوجود هن نوجوان مزدوريون ڪيون، رڪشو هلائي پنهنجو جيب خرچ ڪڍيو. ائين ڪٿي ڇئجي تہ هن کي ننڍپڻ کان ئي ذميوارين جو احساس هيو ۽ هن پنهنجي وقت جي هڪڙي پل کي بہ اجايو وڃائڻ نہ پئي چاهيو ۽ نہ وڃايو. هن

19 ڊسمبر 1953ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم لاڙڪاڻي، خيرپور، ٽنڊي الهيار ۽ سجاول مان ورتائين. مئٽرڪ ماڊل اسڪول حيدرآباد مان 1969ع ۾ ۽ انٽر کان پوءِ بي ڪام جي ڊگري حاصل ڪيائين. 1973ع کان هن مختصر ڪهاڻيون لکڻ سان سنڌي ادب ۾ پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياريو ۽ سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي گڏجاڻين ۾ پابنديءَ سان شريڪ ٿيڻ لڳو. جتي کيس انور پيرزادي ۽ فقير محمد لاشاريءَ جهڙا مخلص دوست مليا. بدر ابڙي جي ٽنڊي الهيار ۾ پڙهڻ دوران نذير عباسيءَ سان ملاقات ٿي. (شهيد) نذير عباسي بہ ساڳئي اسڪول ۾ پڙهندو هو.

نذير جي وٽندڙ سياءُ کيس دوستيءَ جي سڳي ۾ قيد ڪري ڇڏيو ۽ هي نذير جو گهاٽو يار ٿي ويو. پر وري اوچتو سندس والد جي بدلي ڪراچي ٿي تہ هي ٻئي دوست پڪين جي ولر جيان هڪٻئي کان وڇڙي ويا. نذير ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سرگرم ورڪر ٿي ويو ۽ پاڻ ادبي دنيا جو حصو بڻجي ويو. پر وري اوچتو 1975-1974ع ڌاري بدر کي دوست جي سڪ ستايو ۽ نڪري پيو حيدرآباد جي پنڌ، ۽ ايس آر ٽي سي جي فليٽن ۾ مزدور يونين آفيس ۾ اچي کيس ڳولي هٿ ڪيائين، ۽ پوءِ وڇڙيل يار ياڪر پائي مليا. ايئن نذير جي سادگي ۽ رهڻي ڪهڻي کيس ايڏو تہ متاثر ڪيو جو کيس آڻي ڪميونسٽ لڏي سان گڏ ٻيهاريو ۽ جڏهن 1980ع ۾ ضياءُ الحق جي مارشل لاءِ واري عرصي ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ خلاف ڪارروائي ٿي، تڏهن کيس ٻين دوستن سان گڏ گرفتار ڪيو ويو. ۽ هنن دوستن تي خاص فوجي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. جيڪو ڄام ساقي ڪيس جي نالي سان مشهور ٿيو. ان ڪيس ۾ ملڪ جا اهم ترين سياستدان محترم بينظير ڀٽو صاحبہ، خان ولي خان، مير غوث بخش بزنجو مولانا شاهہ محمود امروٽي ۽ ٻيا ڪوڙ صاحب بچاءَ جي شاهدن طور پيش ٿيا. بدر اڍائو چئن سالن تائين جيل ۾ رهيو ۽ کيس ايمنٽي انٽرنيشنل پاران ضمير جو قيدي قرار ڏنو ويو. جيل مان ٻاهر اچڻ کانپوءِ هن صحافت جو پيشو اختيار ڪيو ۽ نذير عباسيءَ جي شهادت کان پوءِ انور پيرزادي جهڙي پياري ماڻهوءَ جي صحبت نصيب ٿي. 1958ع کان هلال پاڪستان ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. 1990ع ۾ روزاني پڪار سکر جو ايڊيٽر ٿيو بعد ۾ پڪار ڪراچيءَ مان ڇپجڻ لڳي تہ پاڻ اتي بہ ايڊيٽر طور ذميواريون نڀايائين. 1993ع ۾ هن ادبي، سياسي ۽ سماجي مخزن روح رهاڻ جاري ڪئي، جنهن جا 9 پرچا جاري ٿيا. 1997ع ۾ پاڻ برسات ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. ان وقت يوسف شاهين جي ادارت هيٺ نڪرندڙ برسات اخبار جي سرڪيوليشن سيني کان وڌيڪ هئي، اهڙيءَ ريت هن ٻين اخبارن ۾ سلسليوار مضمون لکيا، جن ۾ "هي سين" جي سري هيٺ هلال پاڪستان "زندگي جدوجهد، اڻٿڪ سفر"، هلال پاڪستان "سنڌ باد"، هلال پاڪستان، "وتايو فقير سوچي ٿو"، برسات "آئينو سنڌ"، ڪاوش ۽ خبرون اخبارن ۾ لکيائين. ان کانسواءِ هن لاتعداد مضمون، فرضي نالن سان بہ لکيا. ڪڏهن شهباز لطيف، ڪڏهن مترش، احسان الله، بشير عباسي، آديسي، تمر لاهوتي ۽ سندباد جهڙا نالا استعمال ڪيائين. اهڙيءَ ريت بدر ابڙو اڄ بہ ڪاوش دنيا ۾ يادگيريون لکندو رهي ٿو. هيءُ اڻٿڪ محنتي انسان آهي. سڄي زندگي سفر ۾ رهيو آهي. نہ هن وٽ موضوع ٿا کٽن، ۽ نہ ئي هيءُ پاڻ ٿو ٿڪجي، واقعي هي سيلاني آهي، بنا لوڀ لالچ جي، ڪوجنا ۾ لڳو رهي ٿو.

ان ڪانسواءِ سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. جن ۾ تحقيق، تنقيد، ڪهاڻيون، سفرناما ۽ جيل ڊائري اچي وڃن ٿا. بدر صاحب ايترو تہ پورهيو ڪيو آهي جو اڄ اسان جي سنڌي قوم سندس اڻٿڪ پورهيي جو قرض لاهي تہ بہ ڪيئن؟ سندس ڇپيل پهريون ڪتاب تنقيد نگاري آهي، جيڪو 1985ع ۾ ڇپيو ان ڪانپوءِ ٻيا ڪتاب واري واري سان ڇپجندا آيا، جن ۾ ”رني ڪوٽ“ (1989ع)، هنگلاج ۽ لاهوت (تحقيق 1992ع)، رياست جهنگل جي آڪاٽي (ڪهاڻيون: 1992ع)، جيل جي ڊائري (1994ع). هن ڊائريءَ ۾ ڇهن سالن جي مڪمل روئداد آيل آهي. سنڌوءَ جو سفر (1994ع). هن ڪتاب ۾ سنڌوءَ جو مڪمل سفر ڪيل آهي. هن سفر ۾ انور پيرزادو ۽ ڪليم لاشاري بہ ساڻس گڏ هئا. هن سفر ۾ ڪيس ڪيترين ئي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو هئو. ڪڏهن ڪڏهن تہ ٽڪجي موٽڻ جو پڻ سوچيائين، پر وري بہ اندر جي سيلاني شخص بہ وڪون اڳتي کڻڻ لاءِ اتساهيو. سنڌوءَ جو اهڙو ڪو بہ منظر نہ رهيو آهي، جيڪو بدر پنهنجي ذهن ۾ سيو (Save) نہ ڪيو هجي يا سندس ڪئمرا جي اک کان گُسي ويو هُجي. هن ڪتاب جا بہ اکر ۾ پاڻ لکيو اٿن تہ: ”لکڻ جو مرحلو ستن اٺن مهينن ۾ مڪمل ٿيو آهي. پڙهندڙن کي هي محنت قبول پوي. اها ئي منهنجي لاءِ وڏي ڳالهہ آهي. نہ تہ موٽ ۾ ڇا ٿو ملي، ۽ ڪم ڇا ٿو ڏئي سگهي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ لکندڙ لکڻ واري عرصي ۾ وقت ۽ ڏوڪڙن سان گڏ ٻيو ڇا ڇا وڃائي چڪو آهي.“

هڪڙو ماڻهو ستن اٺن مهينن تائين ذهن کي ولوڙي، هڪڙو تاريخ جو سرچشمو اسان جي هٿن تائين پهچائي ٿو موٽ ۾ ان کي سواءِ رسوائين جي ڪجهہ نہ ملي، تہ ان کان وڌيڪ ٻي بيحسي ڪهڙي چئي سگهجي ٿي! يا وري ساڳئي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ: ”سچ پچ تہ مان انهن ماڻهن جو سپ کان وڌيڪ ٿورائتو آهيان، جن سنڌوءَ جي ڪناري ويهي، مونکي عجيب عجيب ڏند ڪٿائون ٻڌايون ۽ احوال ڏنا. يا وري هتي ڏسو ”مون وٽ ڪنهن بہ فني شعبي جي مهارت ناهي، مان نہ انجنيئر آهيان، ۽ نہ آرڪيالاجسٽ، نہ ثقافت جي گهڻن تفصيلن کان واقف آهيان ۽ نہ ئي پاڻ ۾ ايڏي سگهہ رکان ٿو، جو هن ڪتاب کي تحقيقي ڪم چئي سگهان. بس مون اهو ڪجهہ لکيو آهي، جيڪو ڏٺو پڙهيو يا ٻڌو اٿم. صرف هڪ ڳالهہ ڄاڻان ٿو تہ پيار جو پورهيو ڪيو اٿم شال قبول پوي.“

آئون سمجهان ٿو تہ اها ليکڪ جي وڏائي آهي، جو هو آرڪيالاجي ۽ ثقافت کاتي کان وڌيڪ اڪيلي سر ڪم ڪري چڪو آهي. بدر ابڙي، آرڪيالاجسٽ کان وڌيڪ ڪم ڪيو آهي، فني مهارت اها آهي، جو ڪنهن شڪاريءَ جي بندوق مان نڪرندڙ گوليءَ کان تہ ڪو پکي يا جانور بچي سگهي ٿو پر بدر صاحب جي ڪئميرا جي اک کان ڪو منظر گسي وڃي ۽ اهو بدر صاحب جي ڪئميرا، ڪمپيوٽر ۽ ڪتاب جو حصو نہ بڻجي، اهو ممڪن نہ آهي. ان ڪانپوءِ پڳوانن جي پوڻ (نيپال جو سفرنانو: 1996ع)، رني ڪوٽ (اردوءَ ۾ 1997ع)، ماڻهو (1998ع)، سنڌ جو شاهہ (2000ع) شامل آهن. ان کان علاوه سندس تحقيقي سفرناما بہ ڇپائي هيٺ آهن، جن ۾ ڪيرٿر جي سفر جا پنج جلد، ”ڪوهستان جو سفر“ ڇپجي چڪو آهي، هيءَ ڪتاب ڪراچي، ٺٽي، ٿاڻي بولا خان ۽ رني ڪوٽ جي ڀرسان جي ڏاڪرو علائقن ۾ ڪيل سفرن دوران مشاهدي، مطالعي ۽ تحقيق تي مبني آهي. ”سنڌ ۾ پٿرن تي قديم نقاشي“، ”منڇر گورک گاج دنيا“، ”ڪتي جي قبر ڏانهن سفر“ ۽

سيوهڻ جي تاريخ شامل آهن. هيءُ ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اسڪيم ۾ ڇپائي لاءِ شامل آهن. ان ڪانسواءِ موضوع وار انسائيڪلوپيڊيا لاءِ بہ اهم معلومات تي مبني ڪتاب تيار ڪيا آهن. جن مان ”سنڌ جي جهنگلي جيوت“ ۽ ”منچر گورک گاج دنيا “ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان 2009ع ۾ ڇپجي چڪا آهن.

ان ڪان علاوه 2002ع ۾ جڏهن اي اين آءِ لاسمو ڪمپني ڪيرٿر تي هڪ خوبصورت ڪتاب پئي آڻڻ چاهيو تڏهن هنن سيد حاڪم علي شاهہ بخاري، انور پيرزادي ۽ بدر ابڙي جي چونڊ ڪئي، پر هنن سان ان بابت جيڪا ڳالهہ مُهاڙ ڪيائون ۽ ان سفر بابت هن ڪمپنيءَ جيڪي شرط رکيا هئا، اُهي سچ پچ تہ انتهائي بي رحماڻا هئا.

اسٽامپ پيپر تي لکرايو ويو هو تہ آئون فلاڻو پٽ فلاڻي جو لکي ٿو ڏيان. تہ جيڪڏهن هن مهم دوران مونکي ڪجهہ بہ ٿيو تہ ان لاءِ آئون پاڻ جوابدار هوندس ۽ ان لاءِ لاسمويا پاسٽيل ڪمپنيءَ کان ڪجهہ بہ دعوي نہ ڪري سگهندس. هنن کي اهڙي خطرناڪ مهم تي موڪليو پئي ويو جنهن ۾ ڪنهن بہ وڏي حادثي جو امڪان هر وقت موجود هو. ماڻهو مري بہ سگهي پيو تنگ ٻانهن بہ ڀڃي سگهي پئي، ڦر بہ ٿي سگهي پئي. سائين حاڪم علي شاهہ بخاري ٻڌايو تہ واقعي ڦر ٿي بہ هئي، هي ويچارا مظلوم قوم سنڌ جا فرد ٿي پيا آهن. جي مهاجر يا پنجابي هجن ها، تہ هنن کان نہ ڪو اسٽامپ لکرايو وڃي ها، نہ ٻيو ڪجهہ. اُلٽو هنن کي ڳرو معاوضو، سيڪيورٽي ۽ پويان خاندان ۽ ٻارن جي سيڪيورٽي بہ ملي ها. هاڻي توهان اندازو لڳايو تہ هيءُ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي، جنهن سڄي زندگي رِسڪ جي بنياد تي گذاري آهي؛ نہ پئسي جي لالچ، نہ شهرت جي؛ پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري پنهنجو تحقيقي سفر جاري رکيو اچي، نہ ڪنهن تي ڪا ميار نہ ڪنهن تي ڪا الزام تراشي، هر ڪم پنهنجي ذميواريءَ سمجهي نڀائي پيو. پر اسان جي هن قوم جي بي حسي اها آهي جو ههڙن ماڻهن جو قدر نٿو ڪيو وڃي! هڪڙو ماڻهو سڄي زندگي پورهيو ڪري، هن قوم جي لاءِ کوجنا ڪري، پوءِ بہ جيڪڏهن ان ماڻهوءَ کي اها پذيرائي نہ ملي، تہ انتهائي ڏک جهڙي ڳالهہ آهي.

هي ڪم جيڪو اسان نوجوانن جو ۽ اسان جي ادارن جو آهي، اهو ڪم هڪڙو سٺ سالن جو ماڻهو ڪري رهيو آهي. سلام آهي سندس مهم جوئيءَ کي، هي سيلاني هر وقت سفر ۾ ڪڏهن ڪيرٿر ڪوهستان جي سفر تي اُسهيل، تہ ڪڏهن وري پيٽڻ بلا تي تحقيق لاءِ عمرڪوٽ ۽ لاڙ جو سفر پيو ڪري ۽ جوڳين جي جهڳين ۾ وڃي، انهن کان معلومات حاصل پيو ڪري؛ سچ تہ اهڙن ئي ماڻهن لاءِ شاهہ لطيف چيو آهي تہ:

اَڄُ پڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻَ جُون؛
اَنَئي پَهَرَ اَتَنِ، سعيو ڪنهن سَفَرَ جو. (شاهہ لطيف)

نہ تہ اسان جي موجوده ٿهي بَلا جو نالو ٻڌندي ئي ڇرڪي پوندي آهي، پر هن فقير ماڻهوءَ کي ڪو ڊپ/ خوف ئي ناهي. ان کان علاوه هن آرٽ ڪائونسل مان مجسمي سازيءَ جو ڪورس بہ ڪيو ۽ ان سال پاڻ سڄي ڪراچيءَ ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي هئائين. 1986ع ۾ شاهہ لطيف جو خيالي مجسمو پڻ ٺاهيائين.

2008ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي انسائيڪلوپيڊيا سيل جو پراجيڪٽ ڊائريڪٽر بہ رهيو ۽ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنائين. ان کان علاوه هو آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچيءَ پاران ”انگريزي- سنڌي“ ڊڪشنريءَ جي سلسلي ۾ پڻ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جون خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. ان ڪانسواءِ پاڻ جڏهن بہ دل ملول ٿي ويندي اٿس، تہ شعر لکڻ شروع ڪندو آهي. شاعري بہ انتهائي گهرائيءَ واري اٿس، سندس شاعريءَ جو هڪ مجموعو اڻڇپيل صورت ۾ موجود آهي.

بدر ابڙي صاحب پنهنجي زندگيءَ جو هڪ پل بہ اجايو نہ وڃايو آهي. ڪيس چرندڙ پرندڙ انسائيڪلوپيڊيا چئجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. هن پنهنجي سڄي زندگيءَ تحقيق، آرڪيالاجي، مجسمہ سازي، سير و سفر، لغات تي تحقيق ڪندي گذاري آهي. هونئن بہ اسان وٽ سنڌ ۾ تمام ٿورا ماڻهو آهن، جن تحقيق جي ميدان ۾ باقاعدگيءَ سان نياءُ ڪيو آهي. لغات ۽ لوڪ ادب تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان پوءِ ڪجهہ قدر عبدالڪريم سنديلي جو ڪم سامهون آيو آهي، هاڻي ان پاسي ماڻار ڇانئجي چڪي آهي. آرڪيالاجيءَ ۾ بدر ابڙي، حاڪم علي شاهہ بخاري، اشتياق انصاري، محمد عثمان ميمڻ، انور پيرزادي، انب گوپانگ ۽ چند ٻين جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، تنهنڪري سنڌ جي ماڻهن کي گهرجي تہ اهڙن ماڻهن جي محنت جو قدر ڪري، هنن محبت جي متلاشين کي پورهيي جي موٽ ۾ ٻيو نہ، تہ بہ ڳراٽڙي پائي، جَسُ تہ ڏيو. هيءُ فقير ۽ سيلاني ماڻهو آهن، هنن ماڻهن لاءِ توهان جي پيار مان پاتل ڳراٽڙي ئي وڏي ۾ وڏو اُجورو آهي.

¤¤¤¤¤



# جوڳي رمتا پلا : جمن دربدر

سنڌ جي خوبصورت سَر زمين جي هن خطي تر، ڪيترائي ذهين پيدا ڪيا آهن. پد مات جي پٽن تي امراڻي جي پرسان روحل واهِ جي پٽ تي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ 1943ع ڌاري هڪڙو ٻارڙو جنم وٺي ٿو جنهن جو مائٽ نالو جمن رکن ٿا، ۽ هو اڳتي هلي پوري سنڌ ۽ هنڌ ۾ جمن دربدر طور سڃاڻپ ڪرائي ٿو.

جمن پرائمري تعليم مقامي طرح پاس ڪري، مئٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول ميرپور خاص مان پاس ڪري ٿو. جڏهن هيءُ پهريون پيرو مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ لاءِ ميرپورخاص ڏانهن اُسهي ٿو تڏهن سندس وڏو ياءُ کيس 3 رپيا خرچي ڏئي ٿو. انهن تن رپين مان اڄ وڃ جو ياڙو بہ ڪرڻو آهي تہ اتي امتحان جي سلسلي ۾ رهائش ۽ کاڌي وغيره جو بہ پورائو ڪرڻو هو. ائين هي بس ۾ سوار ٿي ميرپورخاص پهچي ٿو، جتي گڏ آيل ڪلاس فيلوز رهڻ لاءِ هوٽل تي ڪمرا وٺن ٿا ۽ جمن کي هڪ پارڪ ۾ بکئي پيٽ تي گذارو ڪرڻو پئي ٿو. جڏهن مئٽرڪ جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪري ٿو تڏهن کيس پرائمري ماستريءَ جي آڇ ٿئي ٿي. ان وقت هڪ وڏيرو، جمن جي پيءُ کي چئي ٿو تہ پرائمري ماستريءَ جي نوڪريءَ تي پُٽ جي زندگي ڇو ٿو تباھ ڪرين؟ هن کي مختيارڪار جي آفيس ۾ ڪلرڪيءَ جي نوڪريءَ آئون وٺي ڏيندس، ڇوڪرو منهنجي حوالي ڪر. ائين جمن جو پيءُ جمن جو هٿ ان وڏيري جي هٿ ۾ ڏئي ٿو ۽ اهو وڏيرو کيس وٺي اچي سندس بنگلي تي حاضري نوڪر رکي ٿو جتي هيءُ فرمانبرداريءَ سان فرائض سر انجام ڏئي ٿو. اتي هڪ پوڙهو کيس سمجهائي ٿو تہ پٽ هي وڏيرا انتهائي ظالم ۽ قهري هوندا آهن، هتي سڄي زندگي غلام ٿي رهڻو پوندو، هتي ڪا بہ نوڪري وغيره نہ ملندي، چپ چاپ ۾ هتان ڀڄي وڃ، ۽ پوءِ ان ئي ڏينهن هن جي اندر جو باغي انسان جاڳي پئي ٿو ۽ هي وڏيرن ۽ سرمائيدارن کان نفرت ڪرڻ لڳي ٿو. هي واپس ڳوٺ اچي ٿو جتي ڪجھ ڏهاڙا رهي روزگار جي تلاش ۾ ميرپورخاص وڃي ٿو جتي هڪ هوٽل تي "ٻاهر واليءَ" جي نوڪري ملي ٿي ۽ خوش اسلوبيءَ سان ان کي قبول ڪري ٿو. ميرپورخاص ۾ ٻاهر واليءَ واري زندگي هن کي مجازي عشق ۾ مبتلا ڪري ٿي.

ٽيو هئين جو هڪ پيري ڪنهن ماڻهو چانھ جو آرڊر ڏنو تہ سندس بينڪ تي ڪٽي اچي. هيءُ چانھ کڻي بينڪ ڏانهن وڃي ٿو ۽ غلطيءَ سان بينڪ جي بجاءِ ٻئي گهر جو دروازو کڙڪائي ٿو تہ هڪ حسين دوشيزه دروازو کولي ٿي، جنهن ئي جمن جي مٿس نظر پئي ٿي، هن جا حواس خطا ٿي وڃن ٿا، ۽ هيءُ هن کي ڏسندو ئي رهي ٿو! سندس پورو جسم رڪڻ لڳي ٿو هٿ ۾ ڪنيل چانھ هٿن جي رڪڻي سبب هارجڻ شروع ٿئي ٿي. گرم گرم چانھ سندس هٿ ساڙيندي رهي ٿي، پر هن کي ڪو بہ هوش نٿو رهي، هوش تڏهن اچي ٿو جڏهن

دروازو زور سان بند ٿو ٿئي ۽ هيءُ پنهنجي پاڻ تي ضابطو آڻي، هوٽل ڏانهن موٽي ٿو. هوٽل تي پهچي هي محسوس ڪري ٿو تہ سندس جسم مان ساهہُ نڪري چڪو آهي ۽ خالي جسم ڪٽي موٽيو آهي. ائين هيءُ سڄو ڏينهن خيالن ڪي پچائيندو هوٽل تي ڪم ڪندو رهي ٿو پر هن جي ڪم ۾ دل نٿي لڳي، سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪري رات جو رهائش تي اچي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي کٽ تي ڦٽو ڪري ٿو. هونئن تہ روزانو کٽ تي ليٽندي ئي پاسو ورائڻ کانسواءِ ننڊ پنهنجي آغوش ۾ آڻي ڇڏيندي هئي، پر اڄ ننڊ نيٽن کان ڏور وڃي چڪي هئي. سڄي رات پاسا ورائيندو رهي ٿو مسلسل ان دوشيزه جو چهرو سندس اکين اڳيان ڦرندو رهي ٿو. اوچتو ڪنهن ٽائيم اک جهپڪي ٿي، پر جلدئي پکين سان گڏ جاڳ ٿئي ٿي، هيءُ بنا ڪنهن ناشتي ڪرڻ جي ان دوشيزه جي گهر جي گهٽيءَ ۾ ڦيرا ڏيڻ لڳي ٿو. اوچتو ئي ان گهر جو دروازو کلي ٿو اها ئي دوشيزه ڪتاب هٿن ۾ کڻي گهر کان ٻاهر نڪري ٿي. اکيون اکين سان ملي چار ٿين ٿيون، دليون ڏار ڏار ڌڙڪڻ لڳن ٿيون، هڪ پيري ڪيس لڳي ٿو تہ سندس دل جسم جو سينو چيري ٻاهر نڪري رهي آهي، پر وري پنهنجي پاڻ کي سنڀالي وٺي ٿو ۽ ان ڇوڪريءَ جي پٺيان آهستي آهستي هلڻ لڳي ٿو. هن کي اسڪول جي گيٽ جي اندر داخل ٿيندو ڏسي موٽي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي هلڪو محسوس ڪري ٿو. ائين ٿو محسوس ڪري ڄڻ ڪو خزانو ملي ويو هجي. دل ئي دل ۾ گد گد ٿيندي ڇئي ٿو گهٽ ۾ گهٽ صبح شام اکيون تہ ٺڏيون ٿينديون، ۽ پوءِ هر روز صبح جو اسڪول وڃڻ وقت ۽ منجهند جو موٽڻ وقت چانهہ جي ڪٽليءَ سميت اسڪول جي گيٽ تي بيهي رهندو هو. ۽ اڻ اظهاريل محبوب جو ديدار ڪري واپس موٽي ايندو هو. اهو سلسلو ڪافي عرصو هلندو رهيو پر ڪڏهن اظهارِ محبت نہ ڪري سگهيو. اوچتو اسڪول کي گرمين جي ٻہ مهينا وئڪيشن ٿئي ٿي ۽ هيءُ مايوس ٿي ٿو وڃي ۽ اها دوشيزه ٻن مهينن جي موڪل گذارڻ، پنهنجي والدين جي گهر لاهور هلي ٿي وڃي ۽ هي صفا ويڳاڻو ٿي ٿو وڃي، نہ ڪم ۾ دل ٿي لڳي، نہ اهي رستا ٿا وڻن جن سان هي بيپناهہ محبت ڪندو هو ڇو جو انهن رستن تان سندس محبوب گذرندو هو. ائين هيءُ محبوب تائين پهچڻ جو پڪو پهہ ڪري هوٽل تان ٻن مهينن جي پگهار جا پئسا وٺي، ٽرين ۾ چڙهي لاهور ڏانهن روانو ٿئي ٿو نہ ايڊريس نہ ڏس پتو دل جي دلاسي تي سفر ڪندو وڃي ملتان پهچي ٿو جتي سندس پگهار جا پئسا پورا ٿي وڃن ٿا ۽ هيءُ محبوب سان ملڻ جا سپنا سانڍي ملتان کان لاهور پيرين پنڌ روانو ٿئي ٿو. اڻڄاتل ماڻهو اڻڄاتل ماڳ، اڻڄاتل راهون، پتو آهي تہ صرف محبوب جو مشڪندڙ چهرو من موهيندڙ اکيون، بکئي پيٽ سان کيسا خالي وڃي داتا دربار جي درگاهہ تي پهچي ٿو جتي فقير کي چانور کائيندي ڏسي ٿو تہ سندس اندر جي بُک جو شدت سان احساس ٿئي ٿو آندا چڪ کائين ٿا ۽ هيءُ بنا صلاح جي ان فقير سان گڏ کائڻ شروع ڪري ٿو. فقير سندس اکين ۾ جهاڪي، بُک جي شدت کي محسوس ڪري ٿو ۽ پنهنجا هٿ روڪي ٿو ڇڏي. جڏهن چانور کائي ختم ٿو ڪري تہ فقير پُڇي ٿو تہ اڃا کائيندين؟ تہ هيءُ ڪنڌ سان هائوڪار ٿو ڪري ۽ اک جو پلر جهپڪڻ ٿو لڳي ۽ هيءُ اتي ئي ليٽي ٿو پئي، ۽ ننڊ جي ديوي ڪيس پنهنجي آغوش ۾ آڻي ٿي ڇڏي. صبح جو وڏي اَسر جو ڪويل جي ڪُوڪُو جو ڪن تي پڙلاءَ پئي ٿو تہ سندس اک کلي ٿي. سامهون ڏسي ٿو تہ اهو ئي فقير سندس اوسيڙي ۾ ويٺو آهي. هيءُ اُٿي هٿ منهن ڌوئي ٿو تہ فقير چانهہ ۽ بسڪٽ آڻي اڳيان رکي ٿو. ناشتو ڪري بس ٿو ڪري تہ فقير حال احوال پڇي ٿو

تہ هيءُ همدرد سمجهي پوري روءِ داد ٻڌائي ٿو. فقير سندس عشق جي انتها ڏسي حوصلو ڏيندي چئي ٿو تہ ڪو مسئلو ناهي، جنهن لاءِ تو هيڏا ڏاڪڙا ڏنا آهن. اهو توکي ضرور ملندو. ائين فقير وني وڃي ڪجهہ پبلڪ پارڪ ڏيکاري ٿو ۽ چئي ٿو هنن پارڪن ۾ گهمندو رهہ. هڪ نہ هڪ ڏينهن سڄڻ سامهون ٿيندا. هڪڙو ڏينهن انهن پارڪن جو طواف ڪندي گذري ٿو وڃي، وري ٻيو ڏينهن ٿئي ٿو هي انهي ئي حوصلي سان ساڳين پارڪن جو طواف ڪندو رهي ٿو. اوچتو سندس نظرون محبوب ڪي ڳولي لهن ٿيون! سندس محبوب گهر جي ڀاتين سان ان ئي پارڪ ۾ اچي ٿو. اکيون اکين سان ملي روشن ٿين ٿيون. اکين ئي اکين ۾ ڏوراپا ميارون ۽ صبح جو اچڻ جا واعدا ٿين ٿا. ان ڏينهن هيءُ موٽي اچي ان فقير سان خوشي شيئر ڪري ٿو ۽ 25 ڏينهن ڪانپوءِ پهريون ڀيرو ڪيس سُڪون جي ننڊ اچي ٿي. ٻي شام جو محبوب سان ملڻ جي ويل ٿئي ٿي، دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وڃي ٿي، اوچتو محبوب ڪي هڪ سهيليءَ سان گڏ پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي ٿو تہ دل باغ بهار ٿي وڃيس ٿي. ايئن ٻئي پاڻ ۾ ملن ٿا. هو گهڻا ڌڙڪا بہ ڏئي ٿي ۽ مسلسل سوال ڪندي رهي ٿي، پر هن وٽ سندس سوالن جو ڪو بہ جواب نٿو هجي. صرف ڪيس ڏسندو ئي رهي ٿو. ان ڏينهن هو ڪجهہ پئسا ڏئي چوي ٿي، ڪپڙا وغيره ڌاتي پيا آهن وني شيو نهرائي، روزانو هتي ملنداسين. جيڪو صرف ڏسڻ لاءِ تڙپندو هجي، ان ڪي جي گڏ ويهي ڳالهائڻ نصيب ٿئي تہ ٻيو ڇا کپي. ائين روز هنن جي ملڻ ۽ ڪچهريءَ جو سلسلو هلندو رهيو- بہ مهينا پورا ٿيندي دير ئي نہ لڳي. ٻئي ساڳي ٽرين ۾ واپس ٿين ٿا. اچي ميرپور خاص جي اسٽيشن تي لهن ٿا. هو پنهنجي گهر جو رُخ رکي ٿي ۽ هي ساڳئي هوٽل جو در. ۽ پوءِ ڪيترو ئي عرصو ان محبت جو سلسلو هلندو رهيو. هڪ ڏينهن اها دوشيزه ڪيس پاڻ سان گڏ وني هلڻ جو چئي ٿي، تہ هن جي ذهن جا سمورا پردا کلي ٿا پون. هي سوچي ٿو ڪيس بيروزگاريءَ جا ڇهڪ اندر ۾ وڍ وجهڻ لڳن ٿا ۽ پوءِ پوبان کان غريب گهراڻو نظر اچي ٿو هي ان ئي ڏينهن پنهنجي عشق تان دستبردار ٿئي ٿو ڇو تہ هي محبوب خوشحال زندگيءَ ڪي پنهنجي اُجڙيل زندگيءَ جو حصو نٿو بڻائڻ چاهي. هو سمجهائي ٿو تہ منهنجي راهن تي ڪي بہ نازبوءَ جا ٻوٽا ناهن پوکيل، منهنجون راهون ڪنڊن جي سيج آهن. هوءَ پوءِ بہ انهن ڪنڊن جي راهن تي هلڻ لاءِ آماده ٿئي ٿي پر هيءُ وري بہ روايتن ۽ مصيبتن جون ڳالهيون ٻڌائي، هن ڪي مطمئن ڪري موڪلائي ٿو. وڇوڙي جو منظر ڇا هوندو، هر ڪو محسوس ڪري سگهي ٿو.

هيءُ موٽي ڳوٺ اچي ٿو. اهي اَباڻا ڪک. اهي واريءَ جون ڀٽون سندس سُواڳت ڪن ٿيون. هيءُ ڳوٺ اچي تہ وڃي ٿو پر اندر ڪنيار جي آويءَ جيان جلندو رهيس ٿو ۽ ايئن اهو درد. شاعريءَ جو رُوپ اختيار ٿو ڪري، ۽ هيءُ مجازي عشق جي شاعري ڪرڻ لڳي ٿو. مال چاريندي وڏي آواز سان اها شاعري ڳائڻ لڳي ٿو. سندس گلي ۾ درد جو سوز پرجي اچي ٿو اهڙو درد ڀريو آواز جيڪو پکين جي اندر ۾ بہ پيهي وڃي ٿو. هيءُ مسلسل ٻن سالن تائين ذهني طور تي اپ سيٽ رهي ٿو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر شهر جو رُخ ڪري ٿو. ۽ حيدرآباد ۾ پهچي ٽانگو هلائڻ شروع ڪري ٿو جتي مسلسل اٺن مهينن تائين ٽانگو هلائيندو رهي ٿو. ان دوران ون يونٽ خلاف پوري سنڌ ۾ تحريڪون زور شور سان شروع ٿين ٿيون. ۽ حيدرآباد وري بہ سڄي سنڌ جي تحريڪن جو مرڪز هجي ٿو. هيءُ ٽانگو هلائيندي انهي تحريڪ جو حصو بڻجي وڃي ٿو.

۽ هڪ ڀيري پنهنجي اسڪولي دوست عبدالواحد آريسر جي تقرير ٻڌڻ جو موقعو مليس ٿو. ايني بيسنٽ هال ۾، اتي عبدالواحد آريسر ڪي حسين جي نالي سان اسٽيج تي گهرايو ويجي ٿو. تہ هيءُ وائڙو ٿي ٿو وڃي. آريسر تقرير پوري ڪري پنهنجي سيٽ تي اچي ويهي ٿو تہ پاڻ سِرڪي ويجهو ٿئي ٿو هي ٻئي پاڪرن ۾ ٻڪجي وڃن ٿا. پوءِ هي ٽانگو ڇڏي عمرڪوٽ جو رُخ ڪري ٿو. جتي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اسٽڊي سرڪل ۾ پابنديءَ سان حصو وٺڻ شروع ڪري ٿو. هاڻي هيءُ پڪو قومپرست ٿي ٿو وڃي ۽ انقلابي تحريڪن جو حصو بڻجي ٿو. ان وچ ۾ ميرپورخاص مان ايگريڪلچر ۾ ڇهن مهينن جو ڪورس بہ ڪري ٿو وٺي ۽ سڪرنڊ مان فيمس ۾ ڊپلوما ڪري ٿو وٺي. ان وچ ۾ هڪ ڀيرو ان دوشيزه سان مُڪا ميلو ٿئيس ٿو. ان ٽائيم سندس ڪيفيت سائينداد ساند جي هن شعر جهڙي ٿي وڃي ٿي:

مان　اکين　تي　هٿ　رکان
هُو　تنهن　ڪان　اڳي، موڙ
اُڪري　وڃي　تہ　ڏاڍو　سنو

سڪرنڊ ۾ پڙهائيءَ دوران علم دوست ماڻهن سان ڪچهريون ٿين ٿيون. ۽ جمال الدين مؤمن پاران منعقد ڪرايل مشاعرن ۾ شرڪت ڪري ٿو ۽ شاعري پڙهندو رهي ٿو. ڪيس بحر وزن جي ڪا بہ خبر نٿي هجي، پر پوءِ هڪ ڏينهن مخدوم طالب المولىٰ کي خط لکي رهنمائي جي گذارش ڪري ٿو. مخدوم صاحب سندس خط جو جواب ڏئي همت افزائي ڪري ٿو ۽ ڪجهہ ٽائيم خطن جو سلسلو هلندو رهي ٿو. پر پوءِ هڪ ڏينهن مخدوم طالب المولىٰ سان ملڻ لاءِ روانو ٿيو. مخدوم صاحب سان مليو تہ مخدوم صاحب نہ صرف سندس رهنمائي ڪئي، پر ڪيس دربدر جو تخلص بہ ڏنو ۽ شاعريءَ جي هڪ سٽ لکي ڏنائين، تہ هن تي طبع آزمائي ڪر، هفتي تي وري اچجان، اها سٽ هي هئي:

”خزان آئي گلستان ۾ تہ بهارن جو ڇا ٿيندو“

ائين مخدوم صاحب جي رهنمائيءَ هيٺ هن جي شاعريءَ ۾ پختگي ايندي وئي. هيءُ سڪرنڊ مان ڊپلوما ڪرڻ ڪانپوءِ سجاول ۾ اچي نوڪريءَ کي لڳو جتي ڪيس سائين جي ايم سيد سان ملاقات جو شرف مليو. سائين ان وقت بزم صوفياءِ سنڌ جي دوري تي نڪتل هو ۽ دڙي ۾ ڪانفرنس رکيل هئي، ڪانفرنس ۾ وڃڻ کان پهرين سجاول ۾ ننڍڙو پروگرام رکيل هو. اتي سائين جي ايم سيد جيڪو خطبو پڙهيو ان جمن جي ذهن تي تمام گهرو اثر ڇڏيو ۽ هيءُ مجازي عشق مان نڪري حقيقي عشق ۾ داخل ٿيو. اهو عشق سنڌ ۽ سيد سان هو.

سنڌ　سان　اهڙي　جند　جُڙي
جو　ٻيا　دل　وارا　سڀ　وسري　ويا.

هاڻي جمن جي شاعريءَ ۾ انقلاب اچڻ لڳو ۽ جمن انقلابي شاعري ڪرڻ لڳو. سندس مجازي عشق واري شاعري تہ 1971ع واري جنگ دوران ٽيندڙ لڏ پلاڻ ۾ وڃائجي وئي هئي، هيءُ هاڻي نئين راهہ جو پانڌيئڙو بڻيو هو، جتي هن کي صرف سنڌ ئي سنڌ نظر اچڻ لڳي. هيءُ جيئي سنڌ محاذ جو ميمبر ٿيو ۽

تنظيم جي پرچار لاءِ سنڌ جا جهر جهنگ جهاڳڻ لڳو. هيءُ ڳوٺن ۾ جتي بہ ويندو هو اُتي انقلابي گيت ڳائيندو هو تہ ماڻهن جي چهرن تي مُرڪون موتي ايندييون هيون. سائين جي ايم سيد بہ کيس تمام گهڻو پيائيندو هو. هڪ ڀيري عمر ڪوٽ جي ايم پي اي، هاڻوڪي صوبائي وزير سيد حاجي علي مردان شاهہ جي مئياريءَ ۾ شادي هئي، ان جڳ ۾ جمن بہ ويو هو انهي شاديءَ ۾ سنڌ جي پوري ڪريم پهتل هئي، وزير، ايم پي اي، ايم اين اي، وڏيرا، جاگيردار، ڪامورا، مطلب هر طبقي جو ماڻهو موجود هو. انهن ماڻهن کي جمن پاڻي پئي پياريو ايتري ۾ سائين جي ايم سيد پهچي ويو. سائين ان وقت جيل ۾ هو ۽ پيرول تي آزاد ٿي آيو هو. سائين جي ايم سيد ان تقريب ۾ جئين اچي پهتو تہ اتي ويٺلن مٿان ڄڻ وڄ ڪڙڪي پئي. سائينءَ کي اسٽيج تي وهاريو ويو هو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ سائين جي نظر جمن تي پئي، تہ سائين هڪ ماڻهوءَ کي موڪليو تہ ان ڇوڪري کي وٺي اچ. اهو ماڻهو جمن کي اسٽيج تي سائين وٽ وٺي ويو. تہ جمن احترامن سائين سان جهڪي مليو تہ سائين ڇڪي پاڪر پاتو، سيني سان لڳائي ڳراٽڙي پاتائين ۽ پنهنجي پرسان ويهاري حال احوال وٺڻ شروع ڪيائين. هيءُ حضور شرم ماڻهو هيترن ماڻهن جي سامهون سائينءَ سان گڏ ويني ڦڪو پئي ٿيو. پر سائين سڄي خلقت تان ڌيان هٽائي، هن فقير صفت انسان سان ڪچهري ڪندو رهيو. اڄ بہ جمن سائينءَ جي اهڙي محبت کي ياد ڪري روئي پوندو آهي. آهي ڪو اهڙو ليڊر، جيڪو هڪ ننڍڙي ورڪر سان اهڙي محبت ڪري؟

جمن سائين طرفان مليل اهڙي محبت کي دل ۾ سانديو، سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ واهڻ وستيون جهاڳيندو، پنهنجي آواز جي ترنم سان ماڻهن کي جاڳائيندو رهيو.

جمن ٻڌايو تہ هڪ ڀيري اسان تنظيمي ڪم ڪار سان رُلندي پنندي رات جو موٽياسين. ٿن ويلن جا بکايل بہ هئاسين، پر ٻاهر ئي فيصلو ڪري آيا هئاسين تہ اهڙيءَ طرح دروازو کوليندا سين. جيئن سائين نہ جاڳي ۽ جي جاڳي پچي ماني وغيره جو تہ چونداسين کائي آيا آهيون. ائين پيرن جو کڙڪو ڪرڻ بنا اوطاق ۾ داخل ٿياسين، گلم وڇائي ليٽياسين تہ سائين هٿ ۾ ٽارچ کنيل مٿان اچي بيٺو پڇيائين ماني وغيره کاڌي آهي؟ تہ اسان چيو ها سائين، تنهن تي پاڻ خاموشيءَ سان موٽي ويو ۽ ڏهن منٽن ڪانپوءَ مانين جي ڇبي ۽ کير جي چوٽري کڻي اچي مٿان بيٺو تہ اسان چيو سائين اسان جي تہ ماني کاڌل هئي، تنهن تي پاڻ وراڻيائين، بابا ماءُ کان اولاد ڪجهہ بہ لڪائي نٿو سگهي. واقعي ان ٽائيم سائين اسان کي مهربان ماءُ وانگر نظر آيو جيڪا ٻچن جي اکين ۾ نهاري، پرکي وٺي ٿي تہ منهنجا ٻچا ڪيتري وقت جا بُکايل آهن.

سائينءَ جون اهي محبتون هونديون هيون، جيڪي ميلن جا ميل اسان کي پنڌ ڪرائينديون هيون، اهڙي سفر جو هڪ دلچسپ واقعو جمن ٻڌائيندي چيو تہ هڪ ڀيري سائين جي. ايم سيد مونکي ۽ تاج جويي کي چيو تہ ڦلهڏين ۾ عابده پروين ڳائڻ تي آيل آهي، ان کي سالگرهہ جي دعوت ڏيئي اچو! اسان نڪري پياسين وڃي، سانگهڙ پهتاسين تہ پاڙو پورو ٿي ويو صرف بہ رپيا بچيا! اتان کان هڪ سوزوڪي ۾ ويٺاسين، سوزوڪيءَ ۾ چڙهندي صلاح ڪئي سون ۽ مون چيو تہ آئون جهونگاريندس، تاج تون انعام ڏجان، ائين ڪجهہ انعام ملي پوندو پاڙو نڪري ويندو. سوزوڪيءَ ۾ ويهندي مون جهونگارڻ شروع ڪيو تہ تاج رڙ ڪري

چيو پائو سُريلو ٿو لڳين. ٿورو وڌي آواز سان ڳاءِ، ۽ پوءِ مون وڌي آواز سان ڳائڻ شروع ڪيو تہ تاج هڪ رپيو انعام ڏنو پوءِ ٻيو رپيو بہ انعام ڏنائين تہ ٻين بہ ويٺلن انعام ڏيڻ شروع ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح اسان کي ڀاڙو ملي ويو ۽ اسين ان ڳوٺ ۾ پهچي وياسين، جتي عابده آيل هئي. عابده سان ملي دعوت ڏني جيڪا پاڻ قبول ڪيائين. پوءِ محفل شروع ٿي، عابده ڳائڻ شروع ڪيو 4 ڪلام ٻڌائي پوءِ چيائين تہ هاڻي جمن ڳائيندو ۽ پوءِ مون انقلاب ڳائڻ شروع ڪيو تہ وڻ وڄي ويا، اتي 1200 ڪن انعام مليو صبح جو اهو ڀاڙو ڪري ٻئي هنڌ پهتاسين.

هاڻي اندازو لڳايو هنن ماڻهن ڪيڏا پورهيا ڪيا، ڏک ۽ ڏاکڙا ڏٺا، اهو عشق ئي هو جنهن هنن جو هر سفر آسان پئي بڻايو اهڙيءَ طرح جمن قومي پروگرامن ۾ قومي گيت ڳائيندو هو اتي جيڪو انعام ملندو هو ان جو 10 سيڪڙو حصو تنظيم (جسم) جي فنڊ ۾ جمع ڪرائيندو هو. اهڙا ڪيترائي واقعا جمن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل آهن، جيڪي لکجن تہ مڪمل ڪتاب ٿي سگهي ٿو.

جهڙي ريت هيءُ سنڌي ماڻهن جو محبوب بڻجندو ويو اهڙي ريت هيءُ رياست جي اک جو ڪنڊو پڻ بڻجندو ويو ۽ رياست هن جو تمام وڏو فائيل ٺاهيو هو. رياست هن جي پويان ۽ هيءُ اڳ ۾ هوندو هو! ڪيترائي ڀيرا مختصر طور پوليس هٿان گرفتار بہ ٿيو پر جلد آزاد ٿيندو ويو رياست جمن جو جيڪو خاڪو جوڙيو هو جمن ان جي برعڪس صفا ڪجهہ بہ نہ هو. هنن جي نظر ۾ هيءُ تمام وڏو ماڻهو، وڏين گاڏين وڏي پروٽوڪول سان هوندو پر هيءُ فقير صفت انسان جنهن وٽ گاڏيءَ تہ ٺهيو بس جو ڀاڙو بہ نہ هوندو هو. سڄو ڏينهن پيادل سفر ڪندو رهندو هو هڪ ڀيري جمن عمرڪوٽ مان ڪجهہ سامان وٺي ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو تہ ڪنهن ماڻهو سڏ ڪيو. دربدر هيڏانهن! جمن موٽيو تہ اتي پرسان ڪو ميجر بہ ويٺو هو جنهن اچي پڇيو تہ: جمن آپ ہیں؟ تہ هن ٺهہ پهہ ورائيو: "ہاں میں ہوں جمن"۔ تہ هن وري پڇيو: "کیا آپ گاتے بھی ہو؟" تہ هن وري چيو: "ہاں کبھی کبھی گاتا ہوں"۔ وري پڇيائين: "آپ پاکستان توڑنے کی بات کرتے ہو؟" هن وري ورائيو:"ہاں میں پاکستان توڑنے کی بات کرتا ہوں۔" تنهن تي ميجر جمن کي هيٺ کان مٿي تائين غور سان نهاريو ۽ پوءِ چيو: "اگر تمہارے کہنے سے پاکستان ٹوٹتا ہے تو ہم کتنے دن بچائیں گے، لیکن ہم نے تمہارے پیچھے پچیس لاکھ کا پیٹرول ضایع کیا ہے، اس کا دُکھ ہے ہمیں۔"

جمن جي زندگيءَ جو سلسلو قومي تحريڪ سان هلندو رهيو. جمن سڄي زندگي، فڪرِ جي ايم سيد حوالي ڪري ڇڏي ۽ پنهنجون سموريون خواهشون ترڪ ڪري ڇڏيون هئائين. هن اهڙي زندگي گذاري هئي، جنهن ۾ نہ گناهہ جي لذت هئي نہ عيش و عشرت هئي. هيءُ سيني مذهبن کان بالاتر ٿي انسانيت جي بنياد تي وٽ ووڙيندو رهيو. انهيءَ دؤر ۾ هن جي ملاقات سنڌ جي باغي شاعر حليم باغيءَ جي روم تي هڪ نوجوان احسان ميمڻ سان ٿي هئي، احسان ميمڻ جي معصوم شخصيت هن کي صفا موهي ڇڏيو هو. سندس پختن خيالن ۽ مضبوط ارادن هن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو هيو پر ڪجهہ ئي ڏينهن بعد احسان ميمڻ کي، پاڪستاني رياست جي هٿڪنڊن، خاڪي وردي‌ءَ وارن ڄامشوري ڦاٽڪ تي گولين جو نشانو بڻائي شهيد ڪري ڇڏيو. شهيد احسان ميمڻ جي بيوقتائي موت هن اڏول شخص جو جيءُ جهوري وڌو هو جمن ان جهرندڙ جيءَ سان پنهنجيءَ دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ هڪ طويل نظم لکيو هو جيڪو سن جي ڪراڙي شينهن سميت، سڄي سنڌ جي باذوق ماڻهن جي دلين ۾ پيهي ويو هو اهو نظم هي هو

وٺي هر هر جنم وربو، مٺا مهراڻ ۾ ملبو
ختم اونداهہ ٿي ويندي، چٽي چانڊاڻ ۾ ملبو.

هيءُ نظم جمن سنڌ جي هر ڳوٺ، هر گهٽي، هر واهڻ، هر وستيءَ ۾ ڳائيندو ۽ انقلاب برپا ڪندو رهيو، پر جڏهن اهو گيت سن ۾ سائين جي . ايم سيد جي سالگره جي موقعي تي پهريون ڀيرو ڳايو هئائين، تڏهن سائينءَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا، ۽ سائين جمن کي ڀرپور ڀاڪر پائي چميون ڏنيون هيون، ان وقت سائين چيو هو تہ هي ڳوڙها خوشيءَ جا ڳوڙها آهن، اڄ آئون تمام گهڻو خوش آهيان، اڄ مونکي يقين ٿي ويو آهي تہ جنهن ڌرتيءَ جا نوجوان اهڙي شاعري ڪري سگهن ٿا، اُها ڌرتي گهڻو وقت غلام نٿي رهي سگهي، يقينن سنڌ آزاد، خوشحال ۽ سر سبز ٿيندي ۽ آئون ٻيو جنم وٺي موٽندس ۽ آزاد سنڌ ۾ توهان سان گڏ هوندس.

سائينءَ جا اهي لفظ جمن لاءِ ڪنهن نوبل پرائيز کان گهٽ ڪين هئا، جنهن هڪ غريب گهراڻي ۾ جنم ورتو هو، مزدوريون ڪيائين، تغاريون کنيائين، ان ماڻهوءَ کي سائين جي. ايم سيد جهڙو سنڌ جو پيغامبر ڀاڪر پائي، چميون ڏئي، ان کان مٿي ٻيو ڪهڙو اعزاز ٿي سگهي ٿو؟ جمن جو اهو نظم سڄي سنڌ ۾ ڳائجڻ لڳو، پمفليٽن ۾ لکجڻ لڳو. سچ پچ تہ هيءُ نظم جمن جي سڃاڻپ بڻيو هوا! هيءُ شعر سنڌ ۾ اڄ بہ اوترو ئي ٻڌو ۽ ڳايو وڃي ٿو، جيترو ان دؤر ۾ ٻڌو ۽ ڳايو ويندو هو، وري جو استاد شفيع فقير جو آواز ملي ويو تہ اڃا وڌيڪ مقبوليت جي ميڄائن کي ڇُهڻ لڳو.

جمن جي روحل واءِ واري ڳوٺ جي پٽ تي قومي ورڪرن جا ميلا مچڻ لڳا، مچ ڪچهريون ٿيڻ لڳيون، قومي شاعريءَ سرجڻ لڳي، جمن جو اهو سفر جاري هو تہ سنڌ جو امام سائين جي. ايم سيد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو! سڄي سنڌ سان گڏ جمن جي دل ۾ بہ هڪ تڏو وڇائجي ويو هو، ان وقت جمن جي اندر مان سائين جي ايم سيد جي وڇوڙي جو ڏک شاعريءَ جو روپ ڌاري نروار ٿيو هو ۽ هن هڪ خوبصورت وائي لکي سائين کي ڀيٽا ڏني هئي، اها وائي هن ريت آهي:

سن جو سائين هو الا!
وڻ وڻ واسي ويو!!!
ڪڏهن ڪين جهڪيو.
اهڙو عاشق سنڌ جو ڄمندو ڪين ٻيو-
وڻ وڻ واسي ويو!!!
ڪڏهن ڪين جهڪيو.
علم ادب تاريخ جو ويو ٻاري يار ڏيئو-
وڻ وڻ واسي ويو!!!
ڪڏهن ڪين جهڪيو.

پنھنجي ھر ويريءَ کي جنھن مُرڪي معاف ڪيو
وڻ وڻ واسي ويو۔!!!
ڪڏھن ڪين جھڪيو.
جمن منھنجي محبوب جا اوھين عاشق سڀ جيئو۔
وڻ وڻ واسي ويو!!!
ڪڏھن ڪين جھڪيو.

جمن جي ھن وائيءَ مان سائين جي. ايم سيد سان اٿاھ محبت جي جھلڪ پسجي ٿي. جمن ھن وائيءَ ۾ سائين جي ايم سيد جي سيني پھلوئن کي نروار ڪيو آھي. ھن وائيءَ جي آخري سٽ تہ صفا محبتن جي انتھائن کي ڇُھي ٿي، جتي ڪو بہ عاشق پنھنجي محبوب جو ٻيو رقيب پسند ناھي ڪندو، اتي جمن پنھنجي محبوب سائينءَ جي سيني عاشقن جي لاءِ دُعاڳو آھي، پر ڏک اھو آھي تہ اڄ اھي سمورا عاشق ڇڙوِڇڙ آھن... ۽ پوءِ جڏھن سائينءَ جي چاليھي جي موقعي تي انضمام پٽي ٿيو تہ ھن ان ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ھو ۽ جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ کي ختم ڪري (جسقم) جيئي سنڌ قومي محاذ جو بنياد پيو ھو. ۽ ھيءُ ان جيئي سنڌ قومي محاذ جو ڪارڪن ٿيو ھو. جمن سڄي زندگي ھڪ مخلص ڪارڪن واري حيثيت سان گذاري. ڪڏھن بہ ڪنھن عھدي جي لالچ نہ ڪيائين. سائينءَ جي وڇوڙي ڪانپوءِ بہ ڪافي عرصو نھايت گھڻي سرگرميءَ سان سلھاڙيل رھيو پر پوءِ ھاڻ، قومي تحريڪ ۾ ٿيندڙ ٽوڙ ڦوڙ ڪان دل شڪستو ٿي، مايوس ٿي ويو آھي. پر پوءِ بہ ھيءُ اڄ تائين ٿڪو ناھي. اڄ بہ جمن سن جي سائينءَ جي حاضري ڀري ٿو ھر قومي تحريڪ جي پروگرام ۾ شريڪ ٿيندو رھي ٿو.

جمن جي وڏي خوبي اھا آھي جو ھيءُ ڪنھن بہ ڌڙي جو حصو نہ بڻيو آھي، ھر ڪنھن جي پروگرام ۾ شريڪ ٿيندو آھي، ھن وقت بہ پاڻ قومي تحريڪ جي سيني ڌڙن کي گڏائڻ واري ڪم ۾ رُڌل آھي. خدا ڪيس ڪامياب بڻائي.

جمن دربدر واقعي سڄي زندگي جدوجھد ۾ گذاري، پر مون ھن ماڻھوءَ کي ڪڏھن بہ مايوس نہ ڏٺو. ھميشہ ڪلندو ۽ ڪلائيندو رھيو آھي. جمن جي ڌرتيءَ سان محبت ان حد تائين آھي، جو صبح جو سوير پير اُڀراڻا ڪري روحل واءِ جي واريءَ ۾ پسار ڪندو رھي ٿو ۽ رات جو تہ پوري رات جتي پير ۾ ئي نہ وجھندو آھي. ان سان کيس سڪون ملندو آھي. جمن جي روحل واءِ واري پٽ تي ٺھيل اھا جھوپڙي اڄ بہ سنڌ جي نئين نسل جي ڪچھرين جو مرڪز آھي. پاڻ بہ ڪڏھن ڪڏھن انھن ڪچھرين جو حصو بڻجندو رھي ٿو ۽ شاعريءَ جو سلسلو اڄ بہ جاري آھي، وٽس ھڪ ڪتاب جيتري شاعريءَ موجود آھي، جيڪا جڏھن بہ ڪتابي صورت ۾ آئي، تہ ھڪ ڀيرو ٻيھر قومي تحريڪ جي سُتل ضمير کي جنھجھوڙي جاڳائيندي.

¤¤¤¤¤



# سيد جو ساٿي حڪيم محمد صالح ڪانڌڙو

هونئن تہ سڄي سنڌ سون آهي، پر سنڌ ۾ سن جي مٽيءَ ۾ جيڪا مٽيا آهي، اهڙي مٽيا شايد ڪنهن مٽيءَ ۾ هجي! سن، جنهن کي سنڌ جو سياسي ڪعبو چيو وڃي ٿو. سن، جنهن شاھہ حيدر سنائيءَ کان سائين جي. ايم سيد تائين ڪيترن ئي اُملھہ ماڻڪ موتين کي جنم ڏنو آهي، حڪيم محمد صالح ڪانڌڙي بہ انهي ئي سن جي سنڌوءَ مان سُرڪي پيتي هئي، ۽ انهي ئي سن جي مٽيءَ ۾ بانبڙا پائي وڏو ٿيو هو. حڪيم صاحب ننڍپڻ کان ئي لا اُبالائي طبيعت جو مالڪ ۽ خودداريءَ جو پيڪر، پر وري جو سن جي سائينءَ جي ڪچهرين ۾ ويهڻ جو موقعو مليس، تہ صفا ساميوادي سنڌي ٿي پيو.

محمد صالح 14 جون 1912ع تي سن شهر ۾ مير خان ڪانڌڙي جي غريب گهراڻي ۾ اک کولي. پنج درجا سنڌيءَ جا پڙهي غربت جي پاڙ پٽڻ ۽ بہ ويلا گهر جي چُلهہ ٻارڻ لاءِ محنت ۽ مزدوريون ڪرڻ لڳو ۽ مزدوري ڪندي سندس ڪنهن هندو پنساريءَ سان مُڪا ميلو ٿيو. جنهن کيس حڪمت جا ڪجهہ نسخا ڏنا ۽ هيءُ حڪمت ڪرڻ لڳو. ۽ پوءِ اڳتي هلي حڪمت جي ماهرن حڪيم گل محمد، حڪيم سيد حيدر شاھہ (قاضي احمد)، مولوي نور محمد نوراني (سکر) حڪيم حبيب الله شاھہ (جيڪب آباد واري) کان اجا ڪجهہ وڌيڪ نسخا ورتائين، ۽ پوءِ باقاعدي حڪمت ڪرڻ لڳو. ۽ گڏوگڏ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم بہ حاصل ڪيائين. اهڙيءَ ريت اسلام آباد جي طِبي ڪاليج مان طِب جي ڊگري پڻ ورتائين، ۽ ان سال پاڻ پوري ملڪ ۾ ڏهين نمبر تي پاس ٿيو.

حڪيم صاحب بہ شاديون ڪيون هيون. پهرين گهر واريءَ مان 10 ٻار 6 پٽ ۽ 4 نياڻيون ٿيس، جيڪي پوري ملڪ ۾ آيل ڪالرا جي بيماريءَ وگهي گذاري ويا. ڏهن ٻارن ۽ سندس ياءُ جي وڇوڙي صفا جهوري وڌس. خاندان جو ڏيک ڏيندڙ گهر ۾ صرف پاڻ ۽ سندس امڙ حياتي بچيا. سمجهي سگهجي ٿو تہ اهڙي ڪيفيت ۾ ماڻهوءَ جو زنده رهڻ ڪيڏو مشڪل هوندو! پر هيءُ زنده دل انسان اهڙي ڏک واري ڪيفيت کي مُرشد لطيف ۽ راضي شاھہ جي بيتن سان وندرائيندو رهيو. هيءُ جڏهن بہ ڏک جي لهر ۾ ونجي ويندو هو تہ شاھہ سائينءَ کي وڏي آواز ۾ ڳائيندو هو. جڏهن سندس امڙ اهڙي ڪيفيت ڏٺي تہ کيس ٻي شاديءَ جو مشورو ڏنائين، جنهن تي پاڻ صفا نابري واري ويهي رهيو. حڪيم صاحب ڪو هوس پرست ماڻهو ڪونہ هو. جو پنهنجي هوس جي پورائي لاءِ ڏهن عورتن سان بہ گڏ رهي وڃي؛ پر هيءُ تہ خدا ترس ۽ انسان دوست ماڻهو هو. جنهن لاءِ پيار ئي سڀ ڪجهہ هو. هيءُ صرف محبت ۾ ڏيڻ سکيو هو. وٺڻ نہ. پر سندس اَمڙ جي ضد کيس ٻي شاديءَ لاءِ مڃائي ورتو چو تہ هيءُ پنهنجي امڙ سان بي پناھہ محبت

ڪندو هو. اَمڙ ئي سندس زندگي هئي، امڙ ئي سندس آدرش هو. حڪيم صاحب تمام وڏو خوددار ۽ وطن دوست ماڻهو هو. سائين جي ايم سيد سان تہ صفا عقيدتمندي ۽ محبت هوندي هئس. ۽ پاڻ سائينءَ جي چوياريءَ جو چوٿون يار هو ۽ سائين بہ ڪيس تمام گهڻو پيائيندو هو. حڪيم صاحب گهٽ پڙهيل هئڻ باوجود سائين جي صحبت ۽ محفلن مان رچي ريتو تي نڪتو هو. تمام وڏي ڄاڻ ۽ دُور رس نگاهہ رکندڙ انسان هو. ماڻهوءَ کي ڏسنديئي پرکي وٺندو هو تہ هيءُ ڪهڙي طبيعت ۽ مزاج جو ماڻهو آهي. منهنجي حڪيم صاحب سان ڪا بہ ملاقات نہ هئي، پر سندس محبت ۾ رهندڙ عبدالواحد آريسر، تاج جوئي ۽ واحد ڪاندڙي جي واتان اڪثر ذڪر ٻڌندو رهندو هئس، ۽ هميشہ پنهنجي پاڻ کي ڏوهي قرار ڏيندو هئس تہ اهڙي انسان سان ملاقات ڇو نہ ڪيم. پر پوءِ هڪ ڏينهن واحد ڪاندڙي کي چيم تہ يار مونکي حڪيم صاحب متعلق معلومات گهرجي. واحد ڪاندڙي مونکي حڪيم صاحب جي وڏي پٽ ڊاڪٽر عبداللطيف جو موبائل نمبر ڏيندي چيو تہ ڊاڪٽر صاحب تمام سنو ماڻهو آهي، ان کان وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهين ٿو ۽ پوءِ ڊاڪٽر لطيف کي فون ڪيم. جنهن شام جو ملڻ جو ٽائيم ڏنو. آئون ڊائري ۽ پين کڻي ڊاڪٽر صاحب وٽ پهچي ويس. ڊاڪٽر صاحب تمام سُٺي موٽ ڏني ۽ خاطر تواضع کان پوءِ حال احوال ڪياسين. ڊاڪٽر صاحب مونکي تفصيلي معلومات ڏني، پاڻ انتهائي پيارو ماڻهو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو قرب، ورتاءُ ۽ پيار ڏسي مونکي يقين ٿي ويو تہ جڏهن پٽ اهڙو پيارو آهي، تہ سندس پيءُ ڇا هوندو. ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو تہ سن ۾ سائين جي. ايم سيد جي سالگرهہ جي تقريب لاءِ هر سال سائين جي. ايم سيد سڄي سنڌ مان کهي آيل پانڌيئڙن لاءِ 52 اوطاقن تي ڪاڏي پيتي ۽ رهائش جو انتظام ڪرائيندو هو انهن اوطاقن ۾ حڪيم صاحب جي درياء واري اوطاق بہ اهم هوندي هئي، جنهن تي 1968ع کان 1996ع تائين هر سال 245 ماڻهن جي رهڻ جو بندوبست ڪيو ويندو هو. حڪيم صاحب اسان کي پابند ڪندو هو تہ مهمانن جي خاطر تواضع ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوٽ نہ رهي، ۽ پاڻ پورو ٽائيم مهمانن سان ڪچهريءَ ۾ مشغول رهندو هو. پاڻ ئي مهمانن جا هٿ ڌورائيندو هو. ڪيترائي نوجوان کيس چوندا هئا تہ سائين توهان اسان کي گناهگار نہ ڪريو اسان پاڻ هٿ ڌوئينداسين. تہ پاڻ کِلي چوندو هو تہ توهان تہ سنڌ تان قربان ٿيڻ جي جنگ پيا وڙهو توهان جي خدمت منهنجي لاءِ اعزاز آهي. ۽ پوءِ پڙهيل لکيل ۽ باشعور ڪارڪن حڪيم صاحب کي ڳراٽڙيون پائي روئي پوندا هئا. سائين جي. ايم سيد انهن اوطاقن لاءِ هڪ دڪاندار کي پابند ڪيو هو سامان وغيره لاءِ. پر حڪيم صاحب ڪڏهن بہ ان دوڪان تان سامان نہ کنيو ۽ پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪندو هو پر اهو دڪاندار هميشہ سائين جي ايم سيد کان حڪيم صاحب جي اوطاق جو بل بہ وٺندو هو! هڪ ڀيري اهو دڪاندار حڪيم صاحب جي موجودگيءَ ۾ سائينءَ کان بل وصول ڪرڻ آيو ۽ انهي بل ۾ حڪيم صاحب جي اوطاق جو بِل بہ شامل هو تنهن تي حڪيم صاحب چيو تہ سائين مون تہ ڪڏهن بہ هن دڪاندار کان سامان ئي ناهي ورتو تہ سائين چيو هيءُ تہ هميشہ مونکان پئسا وٺي ويندو آهي. ۽ پوءِ حڪيم صاحب ۽ سائين جي. ايم سيد ٻنهي ان ماڻهوءَ کي ڪجهہ نہ چيو معاف ڪري ڇڏيو! اهڙيون ڪيتريون ئي خوبيون هونديون هيون.

حڪيم صاحب جو سن شهر ۾ حڪمت جو دڪان (لطيف شفاخانو) هوندو هو. جيڪو 24 ڪلاڪ مهمانن جو آستان هوندو هو. پاڻ انتهائي خوش مزاج ۽ مانيٽو هوندو هو. سندس گفتگوءَ جو انداز

وٺندڙ هوندو هو. هڪ پيري سائين جي. ايم سيد وٽ ڪي مولوي صاحبان آيا، جن سائينءَ ڪي چيو تہ توهين هندن ڪي پاڻ سان گڏ ٿا ڪارايو. توهانجي ان عمل سان اسلام ڪي خطرو آهي، تہ سائين ان وفد ڪي حڪيم صاحب ڏانهن موڪليو. حڪيم صاحب سان ڪافي وقت گفتگو ڪرڻ ڪان پوءِ انهن اسلام بچائيندڙن جو وفد موٽي سائين وٽ آيو ۽ سائين ڪي چيائون تہ حڪيم صاحب جي اڳيان اسان جي دال نٿي ڳري، هي ماڻهو تہ علم جو درياھ آهي، جيڪو اسان ڪي لوڙهي ڇڏيندو.

حڪيم صاحب جا ڪيترائي اُصول ڏاڍا سٺا هوندا هئا. حڪيم صاحب پنهنجي شفاخاني تي ايندڙ ماڻهن ۾ استادن، شاگردن ۽ غريب ماڻهن ڪان دوادرمل جا پئسا نہ وٺندو هو. ان وقت سيوهڻ ڪان ڄامشوري تائين ڪابہ اسپتال نہ هئي، جنهن ڪري سندس شفا خاني تي تمام گهڻي رَش هوندي هئي؛ پر مجال آهي جو پاڻ ڪنهن سان تلخ لهجي ۾ ڳالهائي. ان ڪانسواءِ پاڻ سائين جي. ايم سيد، مير بنده علي خان ٽالپر، نواب ولي محمد خان ٽالپر، رئيس غلام رسول انڙ ۽ ٻين جو خاص فيملي حڪيم هو. پاڻ گرميءَ جي موسم جو بهترين شربت (ابريشم) ٺاهيندو هو ۽ اهو شربت سائينءَ ڪي مسلسل پهچائيندو هو. جيڪو سائين هر ايندڙ مهمان ڪي شوق سان پيئاريندو هو. حڪيم صاحب ۽ رئيس علڻ خان ٿيٻو سائين جي. ايم سيد جا اعتماد وارا ماڻهو هوندا هئا.

جڏهن 1971ع ۾ شيخ مجيب جي دعوت تي سائين جي. ايم سيد 17 ماڻهن جو وفد بنگلاديش موڪليو هو. تہ ان وفد جا مهندار سيد امداد محمد شاھ، رئيس علڻ خان ٿيٻو ۽ حڪيم محمد صالح ڪانڌڙو هئا. اتي حڪيم صاحب جيڪا تقرير ڪئي هئي، ان شيخ صاحب ڪي تمام گهڻو متاثر ڪيو هو. ان تقريب ۾ مولانا ڀاشاني بہ موجود هو. حڪيم صاحب ان تقرير ۾ مولوين ڪي تنقيد جو نشانو بڻايو هو ۽ پوءِ جڏهن واپس موٽي سنڌ آيو هو تہ پاڪستان جا نام نهاد ادارا وٽس اچي ڪڙڪيا هئا، ۽ چيو هئائون تہ توهان بنگلاديش ۾ جيڪا تقرير ڪئي هئي، ان ۾ توهان مولانا ڀاشانيءَ ڪي نشانو بڻايو آهي. بهرحال پوءِ حڪيم صاحب انهن گهٽ پڙهيلن ڪي مطمئن ڪري روانو ڪيو هو.

حڪيم صاحب راڳ جو تمام وڏو ڄاڻو هو. عابده پروين ۽ استاد منظور علي خان ڪي شوق سان ٻڌندو هو ۽ پنهنجي وڏي پٽ ڊاڪٽر عبداللطيف جي شاديءَ ۾ بہ عابده پروين ڪي گهرايو هئائين. ان وقت ۾ عابده پروين سان ڏهن هزارن ۾ معاهدو ٿيو ۽ اهو پڻ طئہ هو تہ جي ڏهن هزارن ڪان وڌيڪ انعام مليو تہ واپس ڪيو ويندو ۽ جي گهٽ مليو تہ پورو ڪري ڏنو ويندو. ان تقريب ۾ 12200 رپيا انعام مليو هو ۽ واعدي موجب عابده پروين 2200 رپيا حڪيم صاحب ڪي موٽائي ڏنا هئا. جيڪي حڪيم صاحب ان وقت تہ رکي ڇڏيا هئا، پر بعد ۾ موڪلائڻ مهل ڪيس پوٽيءَ جا ڪري واپس ڏنا هئا. حڪيم صاحب شاھ سائينءَ جو معتقد هو. اڪثر شاھ سائينءَ جي مزار تي راتين جون راتيون گذاريندو هو.

ان ڪانسواءِ سندس علمي ادبي ۽ سماجي ڪم بہ قابلِ تعريف آهن. پاڻ شاھ حيدر ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ جي بنياد وجهندڙن مان هو. هن سوسائٽيءَ طرفان شهر جي سيني دڪاندارن ڪان روزانو پنجن پئسن جي حساب سان چندو ورتو ويندو هو. ان چندي جي پئسن مان اتان جي پسگردائيءَ جي غريب شاگردن جي لاءِ

يونيفارم، ڪتاب ۽ فيس وغيره جو خرچ پريو ويندو هو. اهڙيءَ طرح ڪيترن غريب شاگردن جي مدد ٿيندي هئي. اها سوسائٽي اڃا تائين ساڳئي نموني ڪم ڪري رهي آهي. هن وقت ان سوسائٽيءَ ڪي سائين جي. ايم سيد جو پوٽو سيد ضياء شاهه هلائي رهيو آهي، ۽ ان سوسائٽيءَ طرفان هر سال ڪيترائي شاگرد ٻاهرين ملڪن ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليا ويندا آهن. حڪيم صاحب جو وڏو پٽ ڊاڪٽر لطيف اڄ تائين سوسائٽيءَ جو ميمبر آهي. حڪيم صاحب ٽي ڪتاب بہ قلمبند ڪيا آهن: (1) مجربات صالحين (2) تجربات صالحين (3) صحبت صالحين. جيڪي هزار هزار صفحن کان بہ مٿي ۽ اڻ ڇپيل صورت ۾ سندس پونئيرن وٽ موجود آهن. اهي ڪتاب انتهائي اهم معلومات تي مبني آهن. جن ۾ حڪيم صاحب پنهنجي تجربن جو ڳوڙهو اڀياس رقم ڪيو آهي. حڪيم صاحب پابنديءَ سان ڊائري لکڻ جو عادي هو. سندس ڊائريون ۽ ڪتاب ڇپجن تہ هڪ ڪُليات ٿي سگهي ٿو. حڪيم صاحب جي سوچ جو محور سنڌ، سيد ۽ سنڌي قوم جي لاءِ جاڪوڙڻ هوا ۽ هُن واقعي سچي زندگي جاکوڙيندي گذاري.

حڪيم صاحب پنهنجي اولاد جي تربيت ۾ بہ وسان نہ گهٽايو. سندس وڏو پٽ ڊاڪٽر عبداللطيف حيدرآباد نرسنگ اسڪول ۾ ميل نرسنگ ٽيوٽر آهي. ٻيو نمبر پٽ عبدالستار سيوهڻ ڪاليج ۾ پرنسپل هيو، جيڪو هاڻي جوانيءَ ۾ گذاري ويو. ٽيون نمبر پٽ مظهرعلي سن شهر ۾ اسپيئر پارٽس جو دڪان هلائيندو آهي، ۽ چوٿون نمبر پٽ علي محمد ڪانڌڙو بلوچستان ۾ ياماها ڪمپنيءَ ۾ ڊپٽي پراڊڪشن مئنيجر آهي. حڪيم صاحب ڪي ٻي گهر واريءَ مان بہ ڏهن ٻارن جو اولاد ٿيو جنهن مان چار پٽ ۽ ڇهہ نياڻيون اٿس. سندس وڏي نياڻي آپا نذيران حڪيم صاحب سان حڪمت جي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندي هئي، ۽ پوءِ سن شهر ۾ مدوائيف طور بہ ڪافي عرصي تائين غريب عورتن جو علاج ڪيائين. حڪيم صاحب گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو. سائين جي. ايم سيد سان زندگيءَ جا 52 سال گڏ گذاريائين. 1995ع ۾ سائين جي. ايم سيد جي وفات کانپوءِ صفا ويڳاڻو ٿي پيو ۽ گهڻو عرصو زنده رهي نہ سگهيو ۽ آخر 12 نومبر 1996ع تي وفات ڪيائين. الله ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏي، پاڻ سچي سنڌ پيرين پنڌ سيلاني ٿي گهمي ڏٺائين. ايران بہ ويو. عمري جي سعادت بہ حاصل ڪيائين. حڪيم صاحب جهڙا ماڻهو ورلي جنم وٺندا آهن. سيد فيمليءَ ڪي گهرجي تہ هر سال سن ۾ سندس ورسيءَ جي تقريب ڪوٺائي، سندس خدمتن کان نئين نسل ڪي آگاهي ڏين. ڇو تہ حڪيم صاحب جهڙا ماڻهو قوم جو سرمايو هوندا آهن ۽ اهڙا ماڻهو ئي تاريخ جي ورقن ۾ زنده جاويد رهندا آهن.

¤¤¤¤¤



# مُحبت ۽ دانش جو پَنڌار نِثار هَڪڙو

دنيا ۾ روزانو ڪيترائي ماڻهو جنم وٺن ٿا ۽ ڪيترائي زندگيءَ جو ڏيئو وسائي ويهن ٿا. ڪي ماڻهو پوري زندگي، بنا ڪنهن مقصد جي پنهنجي خفن ۾ گذاري ڇڏين ٿا ۽ تاريخ جي ورقن ۾ هميشہ لاءِ متجي وڃن ٿا. تہ ڪي ماڻهو سڄي زندگي عظيم مقصد جي لاءِ وقف ڪري ٿا ڇڏين ۽ پنهنجي تاريخ پاڻ لکي ٿا وڃن. زندگيءَ جي اهڙي سرشتي ۾ شڪارپور جي تاريخ انتهائي عظيم ۽ محب وطن ماڻهن کي جنم ڏنو آهي، جن نہ صرف پنهنجي تاريخ پاڻ لکي آهي، پر قومن جي تاريخ ۾ بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. شڪارپور جو سنڌي ادب جي واڌاري ۾ نهايت ڪارائتو ڪردار رهيو آهي. هن ادبي ڪيتر ۾ ڪيترائي ماڻهو آيا، جيڪي پنهنجي حصي جو ڪم ڪندا هليا ويا. ڪن کي ورهاڱي جي وڍ ڪٽي پري ڪيو تہ ڪن کي وري قدرت جي طرفان عطا ڪيل فرشتن هميشہ هميشہ جي لاءِ خاموش ڪري، ابدي ننڊ سمهاري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح آزاديءَ جي اڙانگي سفر ۾ بہ شڪارپور پنهنجو ڀرپور ڪردار نڀايو آهي.

شيخ اياز، نياز همايوني، قيوم منگيءَ کان وٺندي نثار هڪڙي تائين سڀني پنهنجي پنهنجي حصي جو نڀاءُ ڪيو آهي، نثار هڪڙو قومي تحريڪ جو بهادر ورڪر ۽ سيد جو سچو پيروڪار هو. نثار هڪڙي 12 اپريل 1943ع تي هَڪڙا محلي، جمُاٽي هال، شڪارپور ۾ جنم ورتو. بنيادي مقامي تعليم حاصل ڪرڻ بعد، زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام مان گريجوئيشن ( MSC Agriculture Department of Plant Breeding and Genetics) ۾ ڪيائين. شاگرديءَ واري دؤر کان ئي جيئي سنڌ جي پليٽ فارم تان سياست جي شروعات ڪيائين ۽ انتهائي بهترين ۽ سچي ورڪر طور فرض نڀايائين؛ ۽ شاگردن جي مسئلن لاءِ ڀرپور آواز اٿاريائين. تعليم مڪمل ڪري شاگرديءَ واري دؤر کي پڄاڻيءَ تي پهچائي، 16 اپريل 1966ع کان پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات (Research Officer on Wheat Crop) جي نوڪريءَ طور ڪيائين، جتي 13 سال نوڪري ڪيائين. ان بعد (Officer incharge Cotton Sub_Station) مقرر ٿيو. جتي انن سالن تائين پنهنجا فرائض سرانجام ڏنائين. بعد ۾ (Assistant Oil Seed Botanist) مقرر ٿيو. پنجن سالن بعد کيس (Sunflower Botanist in P.L.480 Project) طور مقرر ڪيو ويو، جتي ٽن سالن تائين محنت سان ڪم ڪيائين. سندس صلاحيتن کي ڏسندي کيس (Rice Botanist PRI, Dokri) مقرر ڪيو ويو، جتي پنجن سالن تائين نوڪري ڪيائين؛ پوءِ جتان بدلي ڪري ( Oil Seed Botanist, ARI,

(Tando Jam) رکيو ويو جتي ٽي سال نوڪري ڪيائين. نوڪريءَ جا 37 سال خوش اسلوبي سان فرائض سرانجام ڏئي 11 اپريل 2003ع تي رٽائر ڪيائين. ان بعد هڪ ڀيرو ٻيهر(Extension) ڏئي کيس (Technical Supervisor of Foundation Seed Cell ARI, Tando Jam) مقرر ڪيو ويو جتي هن ٽن سالن تائين نوڪري ڪئي ۽ ڪيترائي تجربا ڪيا.

نثار هَڪڙي نوڪريءَ جي دوران ڪيترين ئي ٽريننگون پڻ ورتيون، جن ۾ ٻه ڀيرا ٻاهران ٻه ٽريننگ ڪري آيو. پهريون ڀيرو 1992ع ۾ چاليهن ڏينهن لاءِ ريسرچ مئنيجمنٽ جي ٽريننگ لاءِ واشنگٽن ويو. ٻيو ڀيرو 1995ع ۾ ادائي مهيناِ (Evolutional Utilization) جي ٽريننگ فلپائن ۾ ڪيائين. ان کان علاوه ملڪي سطح تي ڪيترين ئي ٽريننگون ڪيائين. نثار هڪڙو خداداد صلاحيتن جو مالڪ هو. سندس ذهن ۾ ڄاڻ جو اڻکُٽ خزانو محفوظ ٿيل هو. نثار نوڪريءَ جو سڄو عرصو فرض سمجهي ادا ڪيو ۽ سنڌ جي زرعي پيداوار تي تحقيق ڪندو رهيو. ڪيترائي تجربا ڪيائين، جن ۾ چانورَن جون 2 جِنسون (ڪنول 95 ۽ آر.ڊي 64) پنهنجي تحقيقي تجربي جي بنياد تي ايجاد ڪيائين، جيڪي اُن وقت پيپلز پارٽيءَ جي گورنمينٽ کي پيش ڪري ڇڏيائين، تہ هي چانور مارڪيٽ ۾ آندا وڃن ۽ هن چانور تي راجا ڏاهر جو نالو رکيو وڃي، جنهن تي پيپلز پارٽيءَ جي گورنمينٽ اختلاف رکيو ۽ اهو چانور ضايع ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح اهو چانور هڪ ٻن ضلعن ۾ جنس طور پوکيو ويو. پيپلز پارٽيءَ جي هن رَوش نثار کي انتهائي وڏو ڌڪو رسايو ۽ نثار هَڪڙو سڄي زندگيءَ هن گورنمينٽ کان نفرت ڪندو رهيو. ڇو تہ جنهن گورنمينٽ کي جمهوري گورنمينٽ جو نالو ڏنو وڃي ۽ اها گورنمينٽ آمراڻي رَوش جو مظاهرو ڪندي پنهنجي ڌرتيءَ جي هيرن جو قدر نہ ڪري، ان کان نفرت نہ ٿيندي تہ ٻيو ڇا ٿيندو! ان کان علاوه هن ڪاڇرو تيل ۽ ڪٽڪ جي داڻن تي تجربا ڪري، وڌيڪ تحقيق لاءِ ٻاهرين ملڪن جي زرعي ماهرن کي موڪليا. اهڙيءَ طرح هن پنج تحقيقي مقالا پڻ لکيا، جيڪي (West Pakistan) زرعي جنرل ۾ ڇپيا ۽ مختلف فصلن جي جديد طرز تي پيداوار بابت سندس ڪيترائي مضمون Agriculture Extension Sindh ۾ وقتن بوقتن ڇپجندا رهيا.

نثار هَڪڙي پاڪ هند ورهاڱي واري صورتحال تي لکيل انگريز ليکڪن جان نيپيري ۽ ليري ڪولن جي ڪتاب (Freedom of Midnight) جو سنڌيءَ ۾ "آڌي رات آزادي" جي نالي سان ترجمو ڪيو. جيڪو روشني پبليڪيشن ڪنڊياري پاران ڇپيل آهي ۽ اجا اڌ مسودو ترجمي جي صورت ۾ سندس پونئرن وٽ محفوظ آهي. اهڙيءَ طرح نثار هَڪڙي جي سڄي زندگي تحقيق ۾ گذري، تحقيق جهڙي ڏکئي فن سان لاڳاپيل هئڻ جي باوجود سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندو رهيو. 1975ع ۾ "هَڪڙا همدرد جماعت" شڪارپور جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. ڀيرو مل شاھ ويلفيئر ايسوسيئشن جو تاحيات ميمبر رهيو. سنڌي ادبي سنگت جو سڄي زندگي ميمبر رهيو. ڪڏهن بہ ڪنهن عهدي جي لالچ نہ ڪيائين، پاڻ سائين جي. ايم سيد جو عقيدتمند هو سائين پڻ کيس تمام گهڻو پيائيندو هو نثار جيئي سنڌ

اسٽوڊنٽ فيڊريشن (جساف) جي قيام ۾ حصو ورتو ۽ 1974ع ۾ جيئي سنڌ محاذ جي آئين جي تشڪيل ڏيڻ واري ڪميٽيءَ ۾ شامل رهيو. جڏهن جيئي سنڌ محاذ جو بنياد پيو تڏهن پاڻ سکر ڊويزن جو آرگنائيزر هيو. سائين جي. ايم سيد جي وفات بعد جڏهن جسقم جو بنياد پيو تہ ڪيس جيئمسٽ ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ پاڻ مرڻ گهڙيءَ تائين سيد جي فڪر کي ڦهلائيندو رهيو. نثار هَڪڙو شڪارپور هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو باني ميمبر هو. پاڻ بهترين اداڪار بہ هو. اسڪولي دؤر ۾ ڪيترائي اسٽيج ڊراما ڪيائين ۽ بيدل مسرور سان بہ پرفارم ڪيو هئائين.

نثار هَڪڙو قومي تحريڪ جو روح روان هو. هن سياسي اختلاف هوندي بہ سماجي واسطا برقرار رکيا. عبدالواحد آريسر جو تمام گهرو دوست هو ۽ ڪيس تمام گهڻو پائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن آريسر صاحب سان ڊرنڪ بہ ڪري وٺندو هو. مون پهريون ڀيرو آريسر صاحب جي پاٽيجي جي شاديءَ ۾ ڏٺو جتي پاڻ سندس گهرواريءَ سان گڏ آيو هو. مونکي هيءُ انتهائي حساس طبيعت جو مالڪ لڳو ڪيتري دير ساڻس ڪچهري ڪيم. سندس گفتگوءَ جو انداز انتهائي وڻندڙ ۽ دلڪش هو ۽ وڏي دُور رس نگاھ رکندڙ ماڻهو هو. ڪيس سياسي، سماجي، جاگرافيائي ۽ زميني تمام وڏي ڄاڻ هئي. ان بعد پاڻ جلد 31 جنوري 2004ع تي وفات ڪيائون ۽ سنڌ جي ڏاهپ جو هيءُ خزانو مٽين مٽيءَ هيٺان هميشہ هميشہ لاءِ دڦجي ويو. پونئرن ۾ پنج پٽ ۽ ٽن ڏيئرن سميت سڄي سنڌ کي سوڳوار ڇڏي ويو. سنڌ جي ساڃاھ وندن کي گهرجي تہ سندس ڇڏيل اڌوري مشن کي اڳتي وڌائين ۽ تحقيق جي ميدان ۾ جيڪي شيون اڌوريون رهجي ويون آهن، انهن کي پورو ڪن. آئون سنڌ جي هن قومي ورثي لاءِ امر جليل جا هي لفظ لکڻ ضرور ٿو سمجهان تہ: ”زندگيءَ ۾ هڪ گولي اهڙي بہ لڳندي آهي، جنهن جو گهاءُ هڪ نسل کي رسندو ۽ رت وري ٻئي نسل جي دل مان وهي نڪرندو آهي.“ اسان جي موجوده ٿهي ڪاش امر جليل جي انهن لفظن کي سمجهي!

¤¤¤¤¤



# ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا
# سيد شاهنواز شاهہ ’عارف المولىٰ‘

سنڌ جي سر زمين تاريخ جي هر دؤر ۾ خوشحال، شاداب ۽ زرخيز پئي رهي آهي، هيءَ ڌرتي جيئن قدرتي نعمتن سان مالا مال آهي، تيئن علم جا موتي بہ هن ڌرتيءَ ۾ پوبيل آهن. جهڙي ريت سڄي سنڌ ۾ علم ۽ ادب جو درياهہ وهندي نظر اچي ٿو اهڙي ريت سانگهڙ ضلعو بہ علم جي نُور سان روشن آهي، سانگهڙ ضلعي ڪيترن علم ادب جي آفتابن کي جنم ڏنو آهي، انهن ۾ شاهنواز شاهہ عارف المولىٰ جو نالو بہ مٿانهون آهي، شاهنواز شاهہ هڪڙي اهڙي خاندان ۾ اک کولي، جيڪو خاندان علم جو مرڪز پئي رهيو آهي، سندس والد صاحب پير سيد ڏنل شاهہ جيلاني پنهنجي دؤر جو اهل علم ۽ خداشناس بزرگ ٿي گذريو آهي، سيد ڏنل شاهہ علم جي واڌ ويجهہ لاءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو جنهن مان بين ٻارن سان گڏ هي ننڍڙو نينگر شاهنواز شاهہ عربي، فارسي ۽ فقهہ جي تعليم حاصل ڪري فيضياب ٿيو هن جڏهن شعور جي ڏاڪڻ تي پير رکيا تہ چئني پاسي ڪتاب ئي ڪتاب نظر آيس، جي سندس وڏڙن جي عاليشان لئبريريءَ جو ذخيرو هئا. پاڻ انهن ڪتابن جي اندر ۾ جيئن داخل ٿيو تہ سندس اندر ۾ ستل شاعر پڙڪو ڏيئي جاڳي پيو ۽ پاڻ ڪڏهن عاجز ڪڏهن عارف ۽ پوءِ هميشہ جي لاءِ عارف المولىٰ جي صورت ۾ سنڌ جي علم جو مرڪز بڻجي نروار ٿيو. سندس قلم مان وهندڙ لفظن آبشارن جو رُوپ ورتو ۽ پاڻ ٻوليءَ جا واهڙ واهڻ لڳو شاهنواز شاهہ عارف المولىٰ جنهن کي دنيا هڪ شاعر جي حيثيت سان سڃاڻي ٿي، پر جڏهن مون سندس نثر پڙهيو تہ دنگ رهجي ويس، جيتوڻيڪ! تمام گهٽ شاعر نثر ۽ نظم ٻنهيءَ صنفن سان نباهہ ڪري سگهندا آهن، پر شيخ اياز کان پوءِ اسان جو هي مانجهي مڙس آهي، جنهن نہ صرف شاعريءَ کي عقاب جا پر عطا ڪيا، پر نثر کي بہ شهباز جي اُڏام ڏني آهي، جڏهن سندس نثر ۾ جهاتي پائجي ٿي تہ سندس نثر تيز گهوڙي تي سوار نظر اچي ٿو جنهن جي واڳ شايد سوار جي سنڀال کان بہ مٿيري هجي، ۽ گڏو گڏ سندس وسيع مطالعي جي پرک پئي ٿي، آئون حيران آهيان تہ پاڻ هيترو مطالعو ڪيئن ڪيائون، سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي، عربي سيني تي عبور؟ سندس هر لکڻيءَ ۾ هيترين ٻولين جي عالمن جا حوالا؟ سو بہ اهڙي دؤر ۾ جنهن دؤر ۾ ٻاهر جو ادب تہ ٺهيو خود پنهنجي ٻوليءَ جو ادب بہ ناياب هجي، ان دؤر ۾ ايترو وسيع مطالعو سچ تہ وڏو ڪمال آهي، مطالعي سان گڏو گڏ سندس مشاهدو بہ وسيع ٿو ڏسجي، سنڌ جي نامياري ڪهاڻيڪار

عبدالقادر جوڻيجي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو هو تہ مطالعو ۽ مشاهدو انساني سوچ جون ٻہ ٽانڪيون آهن، ٻنهيءَ مان ڪابہ هڪ خالي هوندي تہ ليکڪ پنهنجي لکڻيءَ سان نباهہ نہ ڪري سگهندو، پر اسان جي هن شاعر وٽ مطالعو بہ وسيع تہ مشاهدو بہ اڻ کُٽ شايد اياز اهڙن ماڻهن لاءِ چيو آهي تہ

ڪي ماڻهو تاريخ ٽين ٿا

گهايل ڌرتيءَ جي سيني تي

اهڙي گهري چيخ ٽين ٿا

جا ماڻهوءَ ڪي جاڳائي ٿي

جا دنيا ڪي بدلائي ٿي.

پاڻ سنڌ جي ڪيترين ئي نامور شخصيتن سان ويجهو رهيو، جن ۾ مخدوم طالب المولا ۽ سائين جي.ايم سيد سان سندس گهري نسبت رهي. سائين جي.ايم سيد جڏهن بزم صوفياءِ سنڌ شروع ڪئي هئي تہ ان جو هڪ شاندار جلسو ڀنڙي شريف ۾ ڪرايو هئائين، جنهن ۾ لاتعداد ماڻهن شرڪت ڪئي هئي.

عارف الموليٰ جا جڏهن مضمون پڙهجن ٿا تہ ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ هو پاڻ سان گڏ پڙهندڙ کي انهن شين مان لُطف اندوز ڪندو هجي، سچ تہ سندس لکڻيءَ جو انداز ڪيترن ئي ليکڪن کان منفرد ۽ مفڪراڻو آهي، جنهن ۾ فڪر جي گهرائي، وحدت الوجود جو فلسفو انسانيت جا سمورا گڻ، گُناهہ ۽ ثواب جي ڀرپور لذت ۽ احساسن جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي، سندس مضمون مان هڪڙو بند آئون هتي ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان، جيڪو بند پاڻ هڪ ڇوڪريءَ واتان چوايو اٿس.

”هُن بارها پنهنجا چپ منهنجن چپن جي ويجهو آندا، مگر آئون هميشہ بچندي رهيس، باقي هيترو ضرور چونديس تہ جڏهن هُن جا حسين لب منهنجي لبن جي قريب آيا ٿي تہ اُنهن ۾ هڪ قسم جي نهايت لطيف انگيز خلش پيدا ٿِي ٿي ۽ ائين معلوم ٿيو تہ منهنجو رُوح ڇڪجي چپن تي اچڻ گُهري ٿو، نيٺ هڪ ڏينهن آئون پنهنجي جذبات کان مغلوب اچي ويس ۽ هُن جا لب منهنجي لبن سان پيوس ٿي ويا، اگرچہ ڊسمبر جو مهينو هو مگر منهنجي پيشانيءَ تي پگهر جا قطرا اچي ويا، قلب کي هڪ تڪليف پهتي، ليڪن اُها تڪليف تفريح هئي، ۽ مسرت بخش، تنهنڪري اج تائين انهيءَ لُطف کي ياد ڪري پنهنجا چپ چٽي وٺندي آهيان“.

مٿئين اقتباس مان سندس دور رس نگاهہ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو هونئن بہ جيڪو ماڻهوءَ ٻئي جي دل ۾ داخل ٿي، ان جي دل جي ڳالهہ کي جهٽي نٿو اهو ماڻهو هڪ سِٽ بہ نٿو لکي سگهي، نہ نظم جي ۽ نہ نثر جي. مون هن وقت تائين نثر جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيا آهن، جن ۾ شاعراڻو نثر مونکي تمام ٿورن ماڻهن جي نثر ۾ نظر آيو آهي، جن ۾ شيخ اياز، عبدالواحد آريسر، اعجاز منگي، نواز خان زئور ۽ ايوب کوسي جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. ان کانسواءِ برصغير جي عظيم ڏاهي مولانا ابوالڪلا آزاد جي

ڪتاب ”غبار خاطر“ ۾ بہ شاعراڻو نثر استعمال ٿيل آهي، جنهن لاءِ مولانا صاحب پاڻ ترجمي جي منع ڪئي هئي تہ هي ڪتاب جي ترجمو ڪيو ويو تہ شاعراڻي نثر جو ذائقو ختم ٿي ويندو. ان نهج جو نثر گهڻي عرصي کانپوءِ عارف الموليٰ جو پڙهڻ لاءِ مليو آهي، جنهن سچ تہ دل کي فرحت بخشي آهي، آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ شاهنواز شاھ سان هن وقت تائين حياتي ساٿ نڀائي ها ۽ هو ائين نثر لکندو رهي ها تہ يقينن سنڌ جو وڏو نثر نويس شمار ٿئي ها. تنهن هوندي بہ جي سندس پونيئر سندس ڊائرين کي ڪتابي شڪل ۾ آڻين تہ سنڌي ادب ۾ هڪ بي بها اضافو ٿيندو. سندس ڪجھ مضمون، اي جانِ جهان تون ڪير آهين، جوڀن، فلسفہ عورت، فطرت عورت، عورت مرد لاءِ نعمت آهي، داستان لب چُمي ۽ ڊول مارو منهنجي نظر مان گذريا آهن. جيڪي جنهن وقت بہ مون پڙهيا آهن، تہ مونکي تر و تازہ لڳا آهن. سندس ڪافي مضمون مطالعي جي آڌار تي لکيل آهن تہ ڪجھ مضمون مشاهدي تي پڻ آڌاريل آهن، جن ۾ ڊول مارو سندس شاهڪار لکڻي آهي، ڊول مارو جي ڪردار کي جيئن شاھ صاحب کنيو آهي ۽ انهن کي گهمائي ڦيرائي پاڻ ۾ هڪ رُوح ڪرڻ تائين ڪمال ڪيو اٿس، آئون تہ ائين چوندس تہ اهو مضمون جي ڪو مُصور پڙهي تہ هو پنهنجي سنگتراش هٿن سان ڊول مارو جا اهڙا نقش چِٽي، جهڙا شايد ڪنهن چِترڪار ڪڏهن چِٽيا هجن! بهرحال سندس نثر جڏهن بہ پڙهبو اهو تازو توانو گل وانگر خوشبوءَ سان معطر محسوس ٿيندو، سندس ڪجھ مضمون چاليھ سال اڳ جا لکيل آهن، جيڪي مون پڙهيا تہ ائين محسوس ٿيو جڻ سامهون ويهي سندس گفتگو مان لطف اندوز ٿي رهيو هجان. پاڻ هڪ ئي وقت گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو. سندس شاعريءَ جي اُڏام تہ وسيع هُئي، پر پاڻ پلوڙ نثر نويس ۽ اعليٰ پايي جو مقرر بہ هو. سندس خطابت بہ ڪمال جي هئي، جو سندس خطبا بہ جي ڪتابي شڪل ۾ آڻجن تہ انهن جي بہ ٻوليءَ ۽ اسلوب مضمون جهڙي ٿيندي.

برصغير جي تاريخ ۾ بہ ماٺهو اهڙا خطيب هئا، جن جي خطابت پيغمبراڻي هئي. هڪڙو جي. ايم سيد ۽ ٻيو مولانا آزاد (ٻنهيءَ جا خطبا ڇپيل آهن) ان کانپوءِ جي ڪنهنجي خطابت ۾ پيغمبراڻو عنصر شامل هو تہ اهو شاهنواز شاھ عارف الموليٰ جي دماغ ۽ زبان ۾ نظر ايندو هو. اڄ سندس پنجتيهين ورسي آهي ۽ ورسيءَ جي مناسبت سان هي ڪجھ عقيدت جا گل ڪيس پيش ڪريان ٿو، توڙي جو پاڻ منهنجي هن تحرير کان گهڻو مٿانهون آهي، پر آئون پنهنجو فرض سمجهي بہ سڱون ڪيس ارپيان ٿو.

توکان پوءِ چارڻ ڪو نہ سُجهي
جيڪو چوري هاڻي چنگ.
(مانيڻو اونو)

¤¤¤¤¤

# ريگستان جو راهگير : استاد رائچند رائوڙ

تاريخ تي لکڻ ڪيڏو ڏکيو ڪم آهي، اهو تہ ڪو تاريخدان ئي ٻڌائي سگهي ٿو. اج آئون جنهن تاريخ تي لکي رهيو آهيان اها هڪڙي ماڻهوءَ جي تاريخ آهي ۽ اهو ماڻهو هڪڙي دور جي تاريخ آهي. سنڌ جي هن پنتي پيل خطي ٿر، تاريخ جا ڪيترائي معرڪا فتح ڪيا آهن. انهن فاتحن مان هڪڙو نالو ٿر جي هڪڙي ڳوٺڙي جي غريب گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ استاد رائچند جو بہ آهي. استاد رائچند جو تعلق چيلهار سان آهي، اهو چيلهار جنهن جي خوبصورتيءَ جا پيامبر اتان جا مور آهن، جيڪي پڻ هن وقت مري رهيا آهن ۽ ان خوبصورتيءَ جو عڪس چيلهار جي نقش تان مٽجڻ لڳو آهي. استاد رائچند انهي ئي خوبصورت ڳوٺڙي ۾ جنم ورتو هو ۽ ان دور ۾ ٿر جي حالتن کان ماڻهو چرڪندا هئا، چو تہ اتي اُن وقت انساني زندگيءَ جي جياپي لاءِ ڪي بہ سهوليتون ميسر نہ هيون نہ روڊ، نہ بجلي، نہ اسڪول ۽ نہ ئي ڪي صحت جو سهولتون. اتي جي ڪو ماڻهو بيمار ٿي پوندو هو تہ اتي جي روايتن موجب ڪي سنئوڻ ساٽ ڪيا ويندا هئا ۽ خدا جي قدرت سان ماڻهن کي شفا بہ ملي پوندي هئي. اهڙي زندگيءَ جيئندڙ ماڻهن مان ڪو اهڙي نموني نڪري اچي ۽ ايڏو وڏو نالو ڪمائي خود تاريخ بڻجي وڃي تہ اهو نہ صرف ان ماڻهوءَ جي حوصلي جو داد آهي، پر اُهو اُن خطي ۽ اُن قوم جي لاءِ بہ ڪنهن نوبل پرائيز کان گهٽ ناهي. اهڙين مشڪل حالتن جي باوجود ٿر جي مٽيءَ ۾ هڪڙي عجيب مٺيا آهي، جيڪا اُتان جي ماڻهن جي ذهني آبياري بہ ڪندي رهي آهي ۽ ڪيترائي تخليق جا سرچشما ڦٽي نڪرندا رهيا آهن. ٿر جيڪو قدرتي نعمتن سان مالا مال آهي، چو تہ هتي جڏهن بہ مينهن جون پهريون ڦڙيون پون ٿيون تہ اُن مٽيءَ مان نڪرندڙ خوشبوءَ شايد ڪنهن پرفيوم ۾ هجي، نہ صرف زمين جو پيٽ چيري ڏُٿ جا سَلا ڦٽي نڪرندا آهن، پر اُتان جي قلمڪارن جي اندر مان تشبيهون بہ ڦُٽي نڪرنديون آهن، نہ صرف هتان جي قلمڪارن جي اندر مان تشبيهون ڦُٽي نڪرنديو آهن، پر هتي ڪيترن ئي لوڪ داستانن پڻ جنم ورتو آهي، توڙي جو هتي ڄامشوري جي حسينائن جا ٺهڪ نہ آهن، پر ها هتي بہ ڄامشوري جي ڇُڙواڳ هوائن کان بہ وڌيڪ موسيقيءَ جو رقص ڪندڙ هوائون آهن، ڄامشوري جي حسينائن جي ٺهڪن کان وڌيڪ سوز پيدا ڪندڙ مورن جا ٽهوڪا آهن. آئون يقين سان چوان ٿو تہ استاد رائچند جي ذهني آبياري مورن جي ٽهوڪن، ڇيلڙن جي ڇيڳراين، ڊڳين جي ڇڙن جي ڇُونگار ڪئي آهي، هو جيڪو واريءَ جي دڙن ۾ بانبڙا پائيندي واريءَ جا گهرڙا ٺاهيندي وڏو ٿيو هو هن پيرين پنڌ تعليم جي حصول لاءِ جُستجو ڪئي هئي، هو جڏهن ٻاروتڻ ۾ ٿيلهو نہ هجڻ واري احساس کان آجو ٿي ڳوٿريءَ ۾ ڪتاب ۽ ڦرهي (پٽي) وجهي اسڪول ڏانهن سفر ڪندو هو تہ نہ صرف هو وايءَ جي پيتن سان ڪچهريون ڪندو هو، پر هو انهن کي پنهنجي ذهين جي

ڊائريءَ ۾ قلمبند بہ ڪندو ويندو هو ۽ پوءِ هو جڏهن اسڪول ماستر ٿيو هو تہ هن اسڪول ۾ ٻارن کي اهو ئي سبق پڙهايو هو جيڪو هن کي انهن پِتن پڙهايو هو. هو ذهني طور تي آزاد هو ۽ هن جي خيالن جا پڪي دنيا تائين اُڏام ڪندا هئا. پوءِ هن انهن خيالن کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ قلم هٿ ۾ کنيو هو ۽ اهو قلم هن پنهنجي مٽيءَ لاءِ کنيو هو. هن ٿر جي تاريخ کي سهيڙڻ شروع ڪيو هو ڏسندي ئي ڏسندي هو "تاريخ ريگستان" جهڙو ڪتاب لکي ويو. هونئن بہ ٿر تي هن کان پهرين ڪو خاص ڪم نہ ٿيو هو ۽ آئون سمجهان ٿو هن کان پوءِ بہ ڪو خاص ڪم نہ ٿيو آهي. اسماعيل عرساڻيءَ جي "سير ريگستان" ۽ منگها رام اوجها جي "پراڻو پارڪر" کان پوءِ ٿر تي ڪو مستند ڪتاب آهي تہ اهو تاريخ ريگستان آهي. جڏهن هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ادبي بورڊ پاران ڇپيو هو تہ ان بعد ڪيس ڪيترين ئي نيون تجويزون پڻ مليون هيون ۽ هن پوءِ "تاريخ ريگستان" جو ٻيو ڀاڱو لکيو هو. سندس هي ڪم مهانتا لهڻي ٿو تہ استاد رائچند هي تحقيق جنهن دور ۾ ڪئي هئي، ان دور ۾ سهوليتن جي اڻاٺ هئي. سوارين کان ويندي لئبريرين تائين هر شئي لاءِ ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو هو. ان جي باوجود هن اڏول انسان ڪٿي پيرين پنڌ تہ ڪٿي اُٺن تي چڙهي پهچي، هن ڪم کي عملي جامو پارايو ۽ سنڌ جي هن خوبصورت خطي جي تاريخ کي قلمبند ڪيو. هي ڪتاب ٿر جو اتهاس آهي. هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو اُن مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ هن ڪتاب جا ادبي بورڊ پاران ٽي ڇاپا ڇپجي منظر تي اچي چڪا آهن. پوءِ بہ هي ڪتاب املهہ آهي. سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز "تاريخ ريگستان" جي ٻئي ڀاڱي جي بيڪ ٽائيٽل تي لکيو آهي تہ هي ڪتاب جي آئون پهرين پڙهان ها، جڏهن آئون سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هئس تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينڊيڪيٽ کان منظوري وٺي ڪيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏياريان ها. آئون سمجهان ٿو اياز جي اها پيشڪش ئي استاد رائچند جي رُوح لاءِ اعزاز آهي. باقي جيڪو ماڻهو خود تاريخ آهي تہ ان کي ڊاڪٽريٽ جي ڊگريءَ جي ضره ڪهڙي ضرورت؟ ڪي ڪي ماڻهو سڄي زندگي لکندا رهندا آهن ۽ قلم جي مس بہ سُڪڻ ناهن ڏيندا، ان جي باوجود اهي ڪي نالو پيدا ناهن ڪري سگهندا، ۽ ڪي ڪي ماڻهو هڪڙي سٽ بہ لکندا آهن تہ اهي مهانتا جي عظمت کي ڇُهڻ لڳندا آهن ۽ استاد رائچند جو شمار اهڙن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو جنهن صرف هڪڙي موضوع کي هٿ ۾ کنيو ۽ ان کي پنهنجي وس آهر نباهيو. ٿر جي تاريخ اڃا بہ وسيع آهي، جنهن تي جيترو ڪم ڪجي ٿورو آهي. هونئن بہ استاد رائچند جهڙا ماڻهو ئي تاريخ جو حصو بڻجي ويندا آهن، جيڪي قصيدي گوئي بدران پنهنجي مٽيءَ کي مقصد بڻائيندا آهن. اُلميو اهو آهي تہ ڪنهن سندس ورسيءَ جي موقعي تي بہ ياد ناهي ڪيو. ناليواري محقق بدر ابڙي بہ هڪڙي پيري پنهنجي انٽرويو ۾ چيو هو تہ ورسيون صرف انهن اديبن جون ملهايون ونديون آهن، جن جا وارث اوترا خوشحال هجن، يا ڪن وڏين ڪرسين تي ويٺل هجن. ٻي صورت ۾ اهڙا ماڻهو وسر جي ڪٻاڙخاني ۾ اُڇلايا ويندا آهن. پر استاد رائچند جا پونيئر نہ ايترا خوشحال آهن ۽ نہ ڪنهن وڏي

ڪرسيءَ تي ويٺل آهن. ان موقعي تي  منهنجي ذهن تي ستيہ پال جو هڪڙو نظم تري آيو آهي، جيڪو آئون هتي لکڻ ضروري ٿو سمجهان.

**مئل اديب لاءِ تعزيتي ميڙ**

هي ميڙ
سيني اديبن
گڏجي ڪوٺايو آ
تہ جيئن
پنهنجن پنهنجن
Claims جو
پرچار ڪري سگهون
تہ جيئن
پنهنجي پنهنجي
لفظي قوت ميرائي سگهون
تہ جيئن
ان رسم کي پڪو ڪري سگهون
جو جڏهن مرون
تہ اسان جي نالي تہ بہ
ڪو ميڙ ٿئي!

¤¤¤¤¤



# سنڌي ثقافت جو سج
# غلام سَروَر جتوئي

سنڌ جي ثقافت ۾ مَلھ راند جو بہ ھڪ اھم ڪردار رھيو آھي. ائين ڪٿي چئجي تہ مَلھ کان سواءِ سنڌ جي ثقافت اڌوري آھي، تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. ھيءُ اھا ئي سنڌ آھي، جنھن شير ميربحر جھڙن پھلوانن کي جنم ڏنو ھو جنھن سنڌ کان ٻاھر بہ پنھنجي ھن پويتر ڌرتيءَ جو نالو روشن ڪيو ھو. ان ئي سلسلي جو ھيءُ قداور ۽ خوبصورت پھلوان غلام سروَر جتوئي، پنھنجو مَٽ پاڻ ھو. غلام سروَر جي جنھن بہ مَلھ ڏٺي ھوندي، اھو صدين تائين ڪيس ياد رکندو. ڇو تہ ھيءُ سڌو ۽ سُريلو رانديگر ھو.

غلام سروَر جتوئي سنڌ جي نامياري مَلھ پھلوان، قلب علي خان جتوئيءَ جو فرزند ھو. ابتدائي تعليم مقامي طرح حاصل ڪيائين. ننڍپڻ کان ئي والد کي مَلھ وڙھندي ڏسي شوق جاڳيس، ۽ ھن پنھنجي والد محترم کان مَلھ جي سکيا وٺڻ شروع ڪئي، ۽ گڏوگڏ پڙھائي بہ جاري رکيائين. شاگرديءَ جو ڏاڪو بہ پنھنجي والد کان ئي ٻڌرايائين، ۽ پنھنجي والد جي نقش قدم تي ھلندي، سنڌ جي مَلھ پھلوانيءَ ۾ وڏو نالو ڪمايائين.

ھيءُ سنڌ جو پھريون مَلھ پھلوان ھو، جنھن ايم. اي انگريزيءَ ۾ ڪئي ھئي. ڪيس سنڌي ادب سان گھڻو چاھ ھو انگريزي ادب ۾ سٺي دسترس حاصل ھئس. پاڻ 1971ع کان ٽئين جوڙ کان وڙھڻ شروع ڪيائين، ۽ پوءِ سگھو ئي 1972ع ۾ پھرئين جوڙ ۾ پھچي ويو. ھن سنڌ جي سڀني ننڍين وڏن ملاڪڙن کان علاوہ، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ بہ ملاڪڙا ڪيا ۽ ڪاميابي ماڻي.

ھن ”سنڌ مَلھ ايسوسيئيشن“ جو بنياد رکيو ۽ ان جو پھريون جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ پوءِ مختلف عھدن تي رھندي آخري وقت تائين ”سنڌ مَلھ ايسوسيئيشن“ سنڌ جو صدر رھيو. ملھ ايسوسيئشن قائم ڪرڻ ڪانپوءِ ھن سنڌ جي مَلھ پھلوانن لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. بيمار ملھن جي علاج لاءِ جاکوڙيو پھلوانن جي معاوضي کان وٺندي نوڪرين تائين ھن وڏي جاکوڙ ڪئي، ۽ غريب ۽ حقدار مَلھن کي پنھنجو حق ڏياريو.

غلام سروَر جتوئي وفات جي 10_15 سالن کان مَلھ تہ ڇڏي ڏني ھئي پر سندس دوست ۽ مداح محبت مان جتي بہ گھرائيندا ھئس، تہ ھو ھر ننڍي وڏي ميلي ملاڪڙي ۾ ضرور شريڪ ٿيندو ھو. ۽ اتي مَلھن جي جج

جا فرائض انجام ڏيندو هو. هو گذريل ويهن سالن کان آخر تائين سنڌ اسپورٽس بورڊ ۾ ملهن جو ڪوچ رهيو. ڪيس ”چيمپيئن سنڌ“ جي لقب سان سجاتو وڃي ٿو.

غلام سروَر جتوئي سُني پهلوان هئڻ سان گڏوگڏ سٺو انسان بہ هو. هر ننڍي وڏي جو دل سان آدرياءُ ۽ عزت ڪندو هو. سندس اڳيان امير ۽ غريب جو ڪوبہ تفاوت نہ هوندو هو. هن سدائين محبت ۽ امن جو پيغام ڏنو سدائين سيلاني رهيو ۽ سنڌ جي ثقافت جو خدمت گار رهيو. اهڙي امن پسند، امن ۽ محبت جو پيغام ڏيندڙ ماڻهوءَ کي ”جاگيراڻي- جتوئي“ برادريءَ جي، جهيڙي جي آڙ ۾ قتل ڪرڻ ڏاڍي دل ڏکوئيندڙ ڳالهہ آهي، هو تہ جهيڙن جهڳڙن کان ڪوهين ڏور ماڻهو هو.

غلام سروَر جتوئيءَ سان منهنجون ڪي گهڻيون نہ پر هڪ بہ ملاقاتون ضرور هيون. پهرئين ڀيري آئون ۽ دوست احسان لغاري، نوابشاهہ ملاڪڙي تي سنڌ جي مَلهہ پهلوانن کان انٽرويو ڪرڻ وياسين. ملاڪڙي ۾ پهتاسين، انتهائي خوشگوار ماحول لڳو پيو هو. اسان جو پهتاسين تہ نامور پهلوان سيد جانب علي شاهہ اسان جو آدرياءُ ڪيو، ۽ پهلوان دوستن کي سڏي اسان سان ملايائين. جڏهن اسان سندن خدمتن تي ڪتاب آڻڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي، تڏهن سندن چهرا ٻهڪي پيا هئا. اسان انٽرويو وٺڻ شروع ڪيا تہ احسان وچان اُٿي هليو ويو، سامهون ڏٺم تہ هڪ خوبصورت، قدآور شخص، بوسڪيءَ جي قميض، اڇي شلوار، مٿي تي سنڌي ثقافت جو تاج، پٽڪو ٻڌل، احسان ڏانهن ئي گهُوري رهيو هو. احسان بہ وڃي پاڪر پائي ساڻس مليو ۽ ڪچهريءَ ۾ لڳي ويا. منهنجي من بہ چڪ ڪاڍي تہ آئون ساڻس ملان. مون مَلهن کان انٽرويو ڪيا پئي ئي تہ ڪجهہ دير کان پوءِ احسان آيو ۽ چيائين تہ، جتوئي صاحب کان ڪجهہ انٽرويو مون ڪيو آهي، باقي سوال تون پورا ڪر! بس پوءِ تہ منهنجي خواهش پوري ٿي پئي. احسان لغاري اسان ٻنهيءَ جو هڪٻئي سان تعارف ڪرايو، اهو ماڻهو ڪو ٻيو نہ پر سڄي سنڌ جو پيارو غلام سروَر جتوئيءَ هو. غلام سروَر سان ڪچهريءَ جو شروع ٿي، تہ سمورو ڪم ئي وسري ويو. سندس گفتگوءَ جي انداز ۽ وڻندڙ سياءَ ڪيڏانهن چُرڻ پُرڻ ئي ڪونہ ڏنو. اهڙيءَ ريت سڄو ڏينهن ڪچهري ڪري موڪلايوسين. اهو ڏينهن منهنجي لاءِ يادگار ڏينهن هو. سچ تہ هيءُ ماڻهو مونکي تمام گهڻو اُتم ۽ اعليٰ لڳو. ڇو تہ هيءُ ماڻهو حوالي نہ هو عمل پيرا هو هن جي معصوم ڳالهين مان پتو پيو پئي تہ ڪيس پنهنجو مقصد ڪيترو عزيز هو.

هيءُ ماڻهو اسان جي نظرن ۾ ڪٿي هڪ فرد جي حيثيت رکندڙ ڇونہ هجي، پر هيءُ ماڻهو ڪنهن اداري کان گهٽ ناهي. ادارا ماڻهن کي جنم ڏيندا آهن، پر هيءُ اهڙو ماڻهو هو، جنهن ملهہ راند ۾ هڪ اداري کي جنم ڏنو هو. ۽ سندس ڪردار تي ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ داغ نہ هو. اتي موجود سڀني مَلهن کي جڏهن مون ڏٺو تہ سڀني کي ساڻس ڪيتري محبت هئي. سڀئي مٿان ٻَلهار پئي ويا. اهڙي ماڻهوءَ جي اهڙي بيدرديءَ سان قتل جو جڏهن ميسيج پهتو هو تڏهن منهنجي مٿان اهو ڪنهن اوچتي ايٽم بم جي وار/ نشاني کان گهٽ ڪين هو.

سچ تہ هن خبر منهنجي وجود کي ئي جهنجهوڙي ڇڏيو آهي. نہ صرف منهنجو پر سڄي سنڌ جو جيءُ جهُري چڪو آهي. ڇو تہ هيءُ فخرِ سنڌ پهلوان هو. غلام سروَر ۾ ڪيترائي اعليٰ گُڻ هئا. هيءُ پڙهيو لکيو ۽ محبتي ماڻهو هو. هن کي سنڌ جي هن ثقافتي راند جو وڏو اونو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ حڪومت جي بي حسيءَ تي لڙڪ لاڙي ويهندو هو ۽ چوندو هو: ”يار! جي گورنمينٽ هن ورثي جي سار نہ لڌي، تہ اسان جو هيءُ ورثو تباهہ ٿي ويندو. وڏ مان وڏ بہ پيڙهيون؛ ان کان وڌيڪ نٿو هلي سگهي!“ غلام سروَر جهڙي اعليٰ شخصيت جي مالڪ تي لکڻ ويهجي تہ ڪيترا پنا پرجي وڃن. پر اڄ جيڪا منهنجي ڪيفيت آهي، ان ۾ اڄ منهنجو قلم رت جون اوڇنگارون ڏئي رهيو آهي. هن موقعي تي هن ٻُڏندڙ دل، روئندڙ اکين ۽ ڏڪندڙ هٿن سان بس ايترو ئي لکي سگهيو آهيان. پر افسوس ان ڳالهہ جو ضرور رهندو. تہ اسان جو انڌو ۽ بي عقل معاشرو الاءِ ڪڏهن ڪردارن کي سمجهي سگهندو؟ غلام سروَر جتوئيءَ جو بيوقتائتو موت، سنڌ جي ڪُک ۾ خنجر جي نوڪ جيان هميشہ لاءِ چُڀندو رهندو.

¤¤¤¤¤



**شهيد سرائي قربان کهاوڙ ۽ شهيد روپلو چولياڻي**



**شهيد نور للّه تنيو**

# سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نہ ڏيندو

رَت ديش تنهنجي راهہ ۾، جي ڦُڙو ڦُڙو ٿِي وَهي وڃي،
تُنهنجو بہ قرض لهي وڃي، مُنهنجو بہ نصيب ٿَهي وڃي.

سرائي قربان کهاوڙ، روپلي چولياڻي ۽ نوراللہ تنيي، ديش جي راهہ ۾ پنهنجو رَت وهائي، ڌرتي ماءُ جو قرض چڪايو آهي. هنن سُورمن سنڌ ماءُ جي ٿڃ ملهائي، پنهنجي رت سان آزاد سنڌو ديش جي پِيڙهہ جو پٿر رکيو آهي. 21 اپريل 2011ع جو سانحو اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ سبق آهي. اسان جو ايندڙ نسل فخر سان اهو چوندو، تہ اسان انهيءَ نسل مان آهيون، جنهن ڪنهن سامراجي دلال اڳيان گوڏا کوڙڻ بجاءِ، ديس مٿان پنهنجي جان گهوري هئي. جنهن سانگهڙ جي سرزمين کي 9 مهينا پهرين هنن سورمن رت جو ريج ڏيئي انقلاب جو فصل پوکيو آهي، آئون يقين سان چوان ٿو تہ انهي فصل مان ڦُٽي نڪرندڙ سَلا، سڄي سنڌ ۾ پکڙجندا ۽ هڪ نئين تاريخ رقم ڪندا. شهدادڪوٽ ۾ 5 جون تي هنن شهيدن جي چاليهي جي تقريب ۾ قومي تحريڪ جي نئين نسل جي سرواڻي ڪندڙ باغي ڪردار حفيظ پيرزادي، پنهنجي تقرير ۾ چيو هو، تہ شهيد سرائي قربان، سورهيہ بادشاهہ جو تسلسل، روپلو چولياڻي، روپلي ڪولهيءَ جو ٻيو جنم ۽

نور الله تنيو دولھ دريا خان هيو. مونکي سانگھڙ جي دوستن ٻڌايو هو تہ اسان مهاراجا ڏاهر ۽ دولھ دريا خان جا قصا ڪتابن ۾ پڙهيا هئا، پر هينئر 21 اپريل تي نورالله تنيي جي رُوپ ۾ اسان پنهنجي اکين سان ڏسي چڪا آهيون. سچي ڳالھ اها آهي تہ نور الله تنيي جي همت، حوصلي ۽ بهادريءَ تي اسان جي ڪيترن وڏن نالن کي بہ رَشڪ آيو هوندو. اندر تہ انهن دلالن جو بہ سڙيو هوندو جن هن نوجوان جي اکين ۾ آزاديءَ جي چمڪ، چپن تي محبوبہ سان ملڻ جهڙي مُرڪ ۽ آواز جي گجگوڙ سان آزاد سنڌو ديش جا نعرا ٻڌا هوندا. ڇو تہ هُنن پنهنجي طرفان هِنن سُورمن جو نالو نشان مٽائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن جي ڇاتي گولين سان پروڻ هجي، چيلھ کان هيٺيون جسم سڙي خاڪ ٿيل هجي ۽ ان جي صرف ڍڍر مان آزاديءَ جو نعرو گونجي، ان کان وڌيڪ انهن بزدلن جي منهن تي ڪهڙي چماٽ ٿي سگهي ٿي؟

نور الله تنيو قومي تحريڪ ۾ ذري گهٽ ٻار هو، هن جي تہ وات مان اڃا تائين ماءُ جي ٿڃ جي خوشبوءِ ئي ختم نہ ٿي هئي؛ نور الله سان منهنجي انتهائي گهرائيءَ واري نسبت رهي، پر هن جي ڳالهين مان مون ڪڏهن بہ اهو محسوس نہ ڪيو تہ ڪو هيءُ اهڙي منزل تي نڪري پيو آهي، جنهن جو انت دولھ دريا خان وارو آهي. هيءُ مونکي انتهائي معصوم لڳندو هو هن جون حرڪتون بہ معصوم ٻارن واريون هونديون هيون، پر هُو اهڙو تہ ڪم ڪري ويو جو سنڌ جي تاريخ ڪيس ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي.

قُربان! قرباني ڏئي، جاڳائي تو جُوءِ!
تُنهنجي رَتي رُوءِ، راهن کي روشن ڪيو!
(آسي زميني)

سرائي قربان کهاوڙ کي تہ آئون ڪافي عرصي کان سڃاڻان، ڇو تہ هي هر ورڪر لاءِ ٻڙ جي ڇانوَ وانگر هوندو هو ۽ قومي تحريڪ جي سيني ڏڙن جا ورڪر اچي هن ٻڙ جي ڇانوَ ۾ پنڪ پَساريندا هئا. سرائي قربان ۾ ڪيتريون ئي خوبيون هيون، توڙي جو هر ماڻهو خامين جي پيري رهيو آهي، ان جي باوجود هن ۾ خوبيون ئي خوبيون هيون. سرائي قربان سان گڏ هر پل ورڪرن جو جٿو هوندو هو ۽ مون هميشہ هن کي انهن سان ڪينچل ڪندي ڏٺو. جيئن گهر جو ڪو وڏو گهر جي ننڍڙن ٻارڙن سان پنهنجي پاڻ کي وندرائيندو آهي. مونکي هن ۾ ليڊرن واري ڪا بہ خاصيت نظر نہ ايندي هئي، پر هن ۾ هڪ قومي ڪارڪن وارا سمورا گُڻ هئا. هُو بهترين ورڪر، بهترين دوست ۽ بهترين واسطا رکندڙ ماڻهو هو. سرائي قربان جا قومي تحريڪ جي ڪيترن ئي دوستن سان سياسي اختلاف هئا، پر هُن انهن سان ڪڏهن بہ سماجي واسطا ختم نہ ڪيا. ڪيترائي اهڙا ماڻهو مون ڏٺا جيڪي هميشہ سندس مخالفت ڪندا هئا، پر هيءُ وري بہ انهن وٽ لڙي ويندو هو. سرائي قربان شهادت کان ڪجھ ڏينهن پهرين، هر ان ماڻهوءَ جي گهر هلي ويو جن سان هن جا اختلاف رهيا. سرائي قربان سياست جي شروعات لطيف سنگت ۽ چٽنگ سنگت کان ڪئي. هن جي اندر ۾ ٻاراڻي عمر کان وَني ڌرتيءَ جو درد ڪنيار جي آويءَ جيئان اڌما ڏئي رهيو هو. ان بعد شاگرد جدوجهد ۾ جساف جي پليٽ فارم تان حصو ورتائين ۽ شاگردن جي مسئلن لاءِ جاکوڙڻ شروع ڪيائين. تہ

شاگردن سندس همت ۽ بهادريءَ کي ڏسندي کٽي مرڪز تي آندو ۽ ايئن هي اجا وڌيڪ اُڀري آيو. اهڙيءَ طرح هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم. اي پاس ڪئي ۽ شاگرد جدوجهد مان نڪري، عملي جدوجهد ۾ حصو ورتو ۽ پهرئين جسقم جو ميمبر ۽ پوءِ مرڪزي عهديدار چونڊيو ويو. اهڙيءَ ريت ڪيترائي ڀيرا جيل به ڪاٽيائين.

سرائي قربان هڪ خوشحال گهراڻي جو فرد هو سندس 12 سؤ ايڪڙ کان مٿي زمين هئي، جنهن سبب ڪيترن ئي ماڻهن جي اک جو ڪنڊو به هوندو هو. ڪيترن ئي سردارن سان ٽڪراءُ ۾ آيو. سرائي قربان جي سڄي زندگي ويڙهه ۾ گذري. شهدادڪوٽ ۾ سندس سماجي ڪم تعريف جي لائق آهن. اڄ به ڪيس شهدادڪوٽ جون گليون سندس راهون تڪين ٿيون ۽ اکين مان آب هارين ٿيون. سرائي قربان کهاوڙ سيڻي يارن جو يار هو پر الاءِ ڇو عبدالواحد آريسر سان انتهائي گهرو لاڳاپو هئس. جڏهن بشير خان ۽ آريسر ۾ اختلاف ٿيا هئا، تڏهن پاڻ آريسر صاحب سان بيٺو هو ۽ پوءِ اڳتي هلي آريسر صاحب کي الوداع چئي، جسمم ۾ شموليت اختيار ڪندي ميدانِ جنگ ۾ لهي پيو هو. پر پوءِ به مون ڪيس هميشه آريسر صاحب جي ويجهو ڏٺو. هڪڙي ڀيري رات جو دير سان فليٽ تي آيو ڪچهري پئي ڪئي ته ڪچهري هلندي چيائين، يار! اڄ آئون انتهائي ڏکويل آهيان. 4 ڏينهن پهرين آريسر صاحب شهدادڪوٽ آيو هو ۽ منهنجي اوطاق تي ڪونه آيو بئي ڪنهن ماڻهوءَ وٽ ترسيو هو. شايد هاڻي آريسر صاحب مونکي پنهنجو نٿو سمجهي، تڏهن ته هو مون وٽ ڪونه آيو! پوءِ به هن ماڻهو آريسر صاحب کان ڀيرو نه پڇو شهادت کان ڪجهه ڏينهن پهرين آريسر صاحب جي ڳوٺ وڃي ڪچهري ڪئي هئائين. هڪ ڀيري مونکي ڳوٺ وڃڻو هو رات جو دير به ٿي وئي هئي، ڪيترن ئي دوستن جون گاڏيون ذهن ۾ آيون. پر الاءِ ڇو مون سرائي کي فون ڪئي هئي، چيو هئم ته: ”سائين مونکي ڳوٺ وڃڻو آهي، گاڏي کپي!“ ته يڪدم چيائين: ”پُٽ خير ته آهي؟“ چيو هئم: ”ها سائين، خير ئي آهي، ڪجهه بيچيني واري ڪيفيت آهي، ان ڪري ڳوٺ وڃڻ چاهيان ٿو.“ ۽ پوءِ 10 منٽن جي اندر ڊرائيور سان گاڏي موڪلي ڏني هئائين ۽ گڏوگڏ ڊرائيور کي گاڏيءَ جي پيٽرول جا پئسا ۽ منهنجي لاءِ الڳ پئسا ڏنا هئائين، ته متان ڪا ضرورت پوي. آهي ڪو اهڙو ماڻهو، جيڪو ان حد تائين هر ڪارڪن جو خيال رکي؟ رڳو مون سان ايئن ڪونه هو پر هيءُ هر قومي ڪارڪن سان اهڙو هوندو هو.

روپلي جو ڀيو جَنم، هُيو چولياڻي،
اجا سِنڌياڻي، ڪئين جٽيندي رُوپلا!

(آسي زميني)

رُوپلي چولياڻيءَ سان ته الاءِ ڪهڙو رشتو هو، جيڪو مونکي ڪڏهن به سمجهه ۾ نه آيو. ماڻهوءَ جا ڪڏهن ڪڏهن رَت جا رشتا به ويري بڻجي ويندا آهن، پر اسان جو هيءُ رشتو ڪڏهن ٻاڙو به نه بڻيو. ايئن

هڪبئي سان سئوٽ چئي مخاطب ٿيندا هئاسين. اڪثر ڪري آڌي مانجهي فليٽ تي ايندو هو تہ وڏي آواز سان سڏ ڪندو هو "سئوٽ جاڳين پيو؟" آئون ڊوڙي وڃي دروازو کوليندو هئس، ۽ پوءِ تہ بس ڪچهرين جا گفتا شروع ٿي ويندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ڏٽي بخش هوندو هو ۽ ڏٽي، روپلي کي گاريون ڏيندو هو تہ روپلو کِلي چوندو هو: "سؤٽ ڏنو بيوقوف آهي، عملي جدوجهد مان هٿ ڪڍي وڃي ويهي رهيو آهي، اسان ڏس اڄ بہ عملي ميدان ۾ سندرو ٻڌي بيٺل آهيون." تہ آئون مذاق ۾ چوندو هئس، سئوٽ اوهان وارو عملي ميدان مونکي نظر ڪونہ ٿو اچي، الاءِ ڪهڙي عملي جدوجهد پيا ڪريو ۽ ٻن ٽن قومپرست پارٽين جا حوالا ڏئي چوندو هئس، تہ فلاڻو ڏس لانگ مارچ پيو ڪري، فلاڻو روز جا ڌرڻا، مظاهرا پيو ڪري، اوهان جي تہ خاموشي لڳي پئي آهي، اخبار ۾ ڪو بيان بہ نظر ڪونہ ٿو اچي; تہ کِلي چوندو هو يار اهي سڀ حوالي آهن، ڪوڙيون خبرون پيا ڪن، تون ڏسجانءِ اهي سمورا وقتي اشو آهن، ماڻهن جو حقيقي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ! وڏيڪ چوندو هو تہ اسان جو قومي دشمن پنجابي پناڻ آهي يا مهاجر؟ تہ آئون چوندو هئس پنجابي ۽ پناڻ! تہ پاڻ چوندو هو تہ هاڻ تہ سمجهي سگهين ٿو ڪهڙو لالي پاپ ڏنو ويو آهي، اسان جي يارن کي.

روپلي چولياڻيءَ بہ پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات لطيف سنگت کان ڪئي هئي، جتان وڏندي وڏندي، جساف، جساف مرڪز جسقم مرڪز ۽ جسمم تائين پهتو. جتي ڪيس جانثار ٽيڪو هو. مونکي ڪنهن ماڻهو ٻڌايو تہ روپلي 1996ع ۾ شاگرديءَ واري زماني ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تقرير پئي ڪئي تہ اتي چيو هئائين تہ اڄ جيڪڏهن سائين جي. ايم سيد زندهہ هجي ها، تہ آئون سندس قدمن ۾ ويهي اجازت گهران ها تہ سائين! هاڻي اسان کي اجازت ڏيو، اسان هٿيار کڻي عملي طور ميدان ۾ لهون. واقعي روپلو انتهائي جذباتي هوندو هو. سندس آواز ۾ ايڏي تہ دهشت هوندي هئي، جو جڏهن بہ اسٽيج تي ايندو هو تہ ٻڌندڙن کي پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيندو هو. مونکي سندس چاچي منير چولياڻيءَ ٻڌايو تہ روپلو شهادت کان 2 ڏينهن پهرين گهر آيو ۽ گهر ۾ پيل پنهنجي تصوير کڻي شهر مان فريم ۾ بند ڪرائي اچي ڪمري ۾ لڳايائين. ان تصوير ۾ پاڻ سائين جي. ايم سيد جي قدمن ۾ ويٺل آهي ۽ آخري وقت بہ اها ئي وصيت ڪري ويو تہ مونکي سيد جي قدمن ۾ دفنائجو. اڄ سانگهڙ جي شهيدن کي 2 سال گذري ويا آهن. پر سنڌي ماڻهن جي اندر ۾ ڏُکندڙ انتقام جي باهہ تي ڇنڊو نہ پيو آهي. آئون يقين سان چوان ٿو تہ اها باهہ آزاد سنڌو ديش جي صورت ۾ ئي جَهڪي ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري منهنجي سنڌ جا وارثو! جنهن رت سان هنن سورمن آزاد سنڌو ديش جو بنياد رکيو آهي، ان کي پنهنجو مقصد ٻڌائي نڪري پئو ۽ تيسين نہ موٽو جيسين مقصد نہ ملي.

هي ڳهيلي دنيا جاڻي ڇا،
هو سيج ڇڏي ڇو پنڌ پيا؟
ڇاڪاڻ سڏيائون سوريءَ کي،
ڪنهن لئہ جوانيءَ منجهہ مُئا؟
(نواز خان زئور)

¤¤¤¤¤



# آزاديءَ جي اُفق جو چمڪندڙ ستارو زخمي چانديو

سنڌ جي تاريخ ۾ جهاتي پائي ڏسبو تہ ڪيترائي اڙٻنگ، جاندا جوان پنهنجي تاريخ پاڻ لکندي، غلاميءَ جي ديوارن کي ٽوڙيندي، آزاديءَ جهڙي خوبصورت مقصد کي پنهنجي سيني ۾ سانڍي، جدوجهد جي مٿانهين چوٽيءَ تي بيٺل نظر ايندا. انهن اڙٻنگ جوانن ۾ آزاديءَ جي مٿانهين چوٽيءَ تي بيٺل نوجوان ويڪري ڇاتي، ڀنڀي ڏاڙهي، اکين ۾ آزاديءَ جهڙو خوبصورت خواب، سيني ۾ ڌرتيءَ دشمنن لاءِ نفرت ۽ ڪروڌ، هٿ ڪنهن بہ لرزش کان آجا، مسلسل ٽريگر تي ڄميل نظرون، مسلسل ڌرتيءَ دشمنن جون راهون تڪيندي، ڳالهائڻ جي لهجي ۾ شينهن جي گجگوڙ ٻڌڻ ۾ اچي تہ ڀڪ سمجهو اهو ڪو رياست جو جاسوس نہ پر پنهنجي ڌرتيءَ جي جنگ وڙهندڙ ديش ڀڳت آهي. هن ديش ڀڳت ڀريل مئي 1961ع تي ضلعي شڪارپور جي ڊکڻ شهر ۾ جنم ورتو. مائٽن تہ نالو ڄام خان رکيو پر پاڻ زخمي سڏائڻ لڳو زخمي پنهنجي نالي پٺيان ڪو بہ لقب لڳائي سستي شهرت ماڻڻ نہ چاهي. هن سنڌي، ديشي وغيره جي بدران زخمي سڏرائڻ شروع ڪيو ۽ هو جلد ئي ٿورڙي وقت ۾ سنڌ جي هر شهر، هر ڳوٺ، هر گهٽيءَ ۾ زخميءَ جي نالي سان ئي سڃاڻپ لڳو.

زخمي چانڊيو، سنڌ جي آزاديءَ جو اهو سپاهي هو جنهن وٽ آزاديءَ کان مٿانهون ڪو بہ مقصد نہ هو. سندس تحرير، توڙي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جو درد سمايل نظر ايندو. هن هر مورچي تي مزاحمت ڪئي آهي، پوءِ اها ڪهاڻي هجي، شاعري هجي، يا سن جو اسٽيج هجي. سن جي پاٽيءَ مان سرڪيءَ ڀرِيندڙ هيءُ نوجوان، جيئن جيئن سنڌي ماڻهن ۽ سن جي ڪراڙي شينهن کي ويجهو ٿيندو ويو تيئن تيئن رياست جي اک جو ڪنڊو بڻجندو ويو. رياست جا دلال سندس پٺيان پاڻ هميشہ اڳيان. ڪٿي ڪنهن مشاعري ۾ مقالو پڙهي نڪتو هوندو تہ ڪٿي ڪنهن جشنِ لطيف، جشنِ جي. ايم. سيد جهڙن سيمينارن جي صدارت ڪري نڪتو هوندو ۽ جڏهن رياست جا دلال ڳولهي ڳولهي ان هنڌ پهچن ٿا تہ سندس گونجندڙ تقرير جا پڙاڏا، سندس شعرن جي انقلابي خوشبوءِ انهن جو سواڳت ڪري ٿي، ۽ انهن جو اندر ڪاراڄجي وڃي ٿو. تيئن هو وڌيڪ باهہ جي ڄڀين وانگر ڀڀڙ ٿين ٿا. اهڙيءَ ريت هيءُ پنهنجي منزل طرف تيز رفتاريءَ سان وکون وڌائيندي نظر اچي ٿو. ايئن ٿو محسوس ٿئي جڻ سندس مضبوط ڪلهن تي بار تمام وڌو رکيو ويو هو ۽ وقت تمام ٿورو مليل هو. ان ٿوري وقت ۾ زخمي تمام گهڻو ڪم ڪيو. سندس ڪم جو جي ڪاٿو ڪجي، تہ اُتر سنڌ جا چانڊيا پنهنجي هٿن ۾ مضبوطيءَ سان پڪڙيل هٿيار، پنهنجن کي مارڻ جي بدران

ڌرتيءَ دشمن لاءِ استعمال ڪن. جو تہ زخمي چانڊيو بہ ان ئي علائقي مان جنم وٺي نڪتو هو جتي نسلن جا نسل برادريءَ تڪرار ۾ هڪٻئي کي ماريندي ختم ٿي چڪا آهن؛ پر هيءُ سيد جو ڏنگو ٻار پرو چانڊيي واري واٽ وٺڻ بجاءِ، دولهہ دريا خان ۽ راجا ڏاهر واري واٽ وٺي نڪتو. ۽ پنهنجي ذات کي قوم جي مٿان قربان ڪيائين. آهي ڪو اهڙو ماڻهو جيڪو اهڙي ماحول مان جنم وٺي نڪري، ۽ ان ئي سماجي روايتن جي خلاف بغاوت ڪري!؟

زخمي چانڊيي جي زندگيءَ جي جهروڪي ۾ جهاتي پائي ڏسبو تہ پاڻ نہ صرف آزاديءَ جو گوريلو هو پر پاڻ نهايت ئي ذهين، محنتي ۽ ڪميٽيڊ انسان هو. زخمي چانڊيي ايم. اي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪئي ۽ پوءِ پيغمبري پيشي استاد سان لاڳاپجي قوم جي مستقبل، ٻارڙن جي اندر ۾ بغاوت جي باهہ پڙڪائڻ جي تعليم ڏيڻ لڳو. هن اسڪول ۾ پاڪستان جي قومي تراني بدران آزاد سنڌو ديش جو ترانو پڙهائڻ شروع ڪيو. هيءُ مختلف ڳوٺن جي مختلف اسڪولن ۾ مختلف عهدن تي رهيو. پرائمري استاد، آر. پي. هاءِ اسڪول ٽيچر ۽ سپروائيزر طور پنهنجون ذميواريون نهايت احسن نموني نڀايائين. ۽ گڏوگڏ ادبي ميدان ۾ بہ ڪاهي پيو. سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏڪڻ جو بہ پيرا سيڪريٽري، هڪ پيرو رابطا سيڪريٽري ۽ هڪ پيرو ڪائونسلر رهيو. پاڻ سڄي زندگي جيئي سنڌ محاذ ۽ پوءِ جيئي سنڌ قومي محاذ جو ميمبر رهيو. پاڻ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏڪڻ جي بنياد وجهندڙن مان هو. استادن جي تنظيم گسٽا جو عهديدار ۽ هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان جو ميمبر رهيو. زخمي چانڊيي 1984ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪئي. نامور شاعرن نثار بزمي ۽ سرڪش سنڌيءَ کان اصلاح ڪرائي، شاعرن جي اعليٰ صف ۾ شامل ٿيو. جهڙي ريت سندس شاعريءَ ۾ ڌرتي ۽ قوم جو درد سمايل آهي، اهڙيءَ ريت سندس نثر ۾ بہ فني ڪماليت جا جوهر پَسجن ٿا.

زخمي چانڊيي ڪيترائي پيرا جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ پنهنجون خوبصورت راتيون گذاريون آهن. اتي بہ سندس جذبو جوان رهيو. آواز ۾ شينهن واري گجگوڙ برقرار رهي. سندس عشق ۽ ايمان ٻئي سلامت رهيا. هيءُ جڏهن بہ جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ مان ٻاهر نڪتو ٿي، تڏهن اڳي کان اڳرو اجا بہ سندس تقرير ۾ ڏهڪاءُ ۽ سندس قلم جي جنبش ماني ٽيڻ بدران، باهہ جا اُلا وڌيڪ پڙڪائڻ لڳي. زخمي چانڊيو سنڌ جو سچو پانڌيئڙو ۽ سن جي سائينءَ جو عقيدتمند هو. زخمي چانڊيو سنڌ جو سپوت شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ للڪار آهي، ڪٿي بہ آڻ نہ ٿو مڃي. سندس گيت جي هن بند ۾ سندس تخيلّ جي اڏام کي محسوس ڪري سگهجي ٿو:

ٿُون چاهين ٿو مان ڪين ڪُڇان، ٿُون ظُلم ڪرين مان ڪِين لُڇان!
پَر توکان هِڪڙي ڳالهہ پُڇان، مان ڪِين لِڪايان دِل جِي ٻُڇان؟
هِن سِر ۾ جيسين سَاهہ اَٿم، آزاديءَ تي ويسَاهہ اٿَم،
هڪ سن جو سيد وارث آ، ٻيو وارث ڀِٽ جو شاهہ اٿَم،

ٿو جِيئان زخمي شينهن جِيان، ها! جيسين سنڌ تي ساهه ڏِيان.

زخمي چانڊيي پنهنجي اولاد جي تربيت ۾ بہ وسان نہ گهٽايو. سندس وڏو پٽ خالد ريڊيي تي پروڊيوسر آهي ۽ ننڍو پٽ ساجد ادبي لڏي سان سلهاڙيل آهي. هيءُ پڻ مزاحمتي شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ قومي درد ليئا پائيندي نظر اچي ٿو. زخمي، جنهن سڄي زندگي برادريءَ جي تڪرار خلاف آواز اٿاريو برادريءَ جي جهيڙن جي خلاف جنگ وڙهڻ وارو هيءُ انسان، انهن ئي جهيڙن جي ڪهاڙيءَ جو ڪاج بڻجي ويو! زخمي چانڊيو 24 آڪٽوبر 2000ع تي سڄي سنڌ کي سوڳوار ڇڏي وڃي پنهنجي محبوب رهبر سان مليو. اڄ سندس يارهين ورسي آهي، 12سال گذرڻ باوجود زخميءَ جو نالو ماڻهن جي دل تان اڄ بہ اُسريو ناهي.

¤¤¤¤¤



# نيڻ ننڌاڪا ۽ دل گهايل : مانيٽو اوٺو

مون سنڌو تنهنجو گيت لکيو
چڻ سڏڪن جو سنگيت لکيو
"مانيٽو"

صوفين جي سرزمين سنڌ، وڏا ذهين ۽ اسڪالر پيدا ڪيا. ٿر جي هن ننڍڙي خطي پڻ اُملھ ماڻڪ موتين ڪي جنم ڏنو آهي، جن نہ صرف ٿر جي پٽن جو ماڻُ رکيو آهي پر سڄي سنڌ جو ڪنڌ اوچو ڪيو آهي. ٿر جي پٽن، ڏهرن وچ ۾ ڪکائين جهوپڙيءَ ۾ جنم وٺندڙ اسان جو هيءَ شاعر مانيٽو اوٺو بہ انهن مان هڪ آهي. ٿر جو هيءَ ننڍڙو نينگر ايڏو وڏو ذهين ٿيندو، عمر جي ٿوري عرصي ۾ وڏو نالو ڪمائي، اعليٰ تعليم پرائي، دوستن جو ججهو ميڙ ناهي، اڻ ڳڻيون محبتون ميڙي، ائين جلدي سنڌوءَ جي ڇولين سان ياڪر پائي هميشہ جي لاءِ جدا ٿي ويندو، اهو پتو سندس چاچي بلاول کي بہ ڪين هو. هن جي وڇوڙي تي چاچي بلاول جي اکين، هن کي ڏوراپو ڏيندي چيو هو مانيٽا تون تہ روپلي جو روحاني وارث هئين، جنهن انگريزن سان مهاڏو اٽڪائي ڪارونجهر جبل جو تحفظ ڪيو هو. اڄ اهو ڪارونجهر جبل ۽ روپلو تاريخ جا اَمر ڪردار آهن، انگريز سامراج جو نالو نشان ئي هن پويتر مٽيءَ تان مٽجي ويو. مانيٽا! تون تہ ٿر جو محافظ هئين، تنهنجي اکين ۾ ٿر جي ماٺرن اُميدن جا خواب پوکيا هئا، تون انهن خوابن کي ڇڪنا چور ڪري وئين، تون تہ ٿر جي تپندڙ واري ۽ ڪاڙهن جو ڪڙهيل هئين. پوءِ ڪيئن محبتن جي هٿان مات کائي وئين...!؟

مانيٽي اوٺي 1954ع ۾ ڳوٺ بلاول اوٺو (خانور)علي محمد اوٺي جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمريءَ جا پنج درجا ڳوٺ جي اسڪول مان پاس ڪيائين. ميٽرڪ تائين گورنمنٽ هاءِ اسڪول مٺيءَ ۾ پڙهيو ۽ ميٽرڪ ۾ فرسٽ پوزيشن حاصل ڪيائين. پڙهائيءَ سان گڏوگڏ هن مسڪين جهان خان کوسي واري سماجي ڪمن جي صليب پڻ پنهنجي ڪلهن تي کنئي. ماٺهن جي عام ڀلائيءَ جي لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. هن جي ذهن جي پرک ڪندي سندس محسن چاچي عبدالهادي اڳتي پڙهائڻ جو فيصلو ڪري، کيس ميرپورخاص ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڏني، جتان هن انٽر سائنس 1972ع ۾ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1975ع ۾ بي. اي جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ پوءِ سنڌ جي نامياري ڊرامہ نويس ۽ ڪهاڻيڪار عبدالقادر جوڻيجي جي نظر مانيٽي جي تخليقي ذهن جي پرک ڪندي هن کي مهراڻي جي پٽن تان ڪٽي محبتن جي شهر ڄامشوري آندو ۽ سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز سان ملايو (جيڪو ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو). شيخ اياز هن جي ذهانت ڏسي، کيس انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ اسسٽنٽ لئبرين" طور مقرر ڪيو. جتي هن پنهنجي، پاڻ کي مڃايو. هن سنڌالاجي لئبريريءَ کي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان

سينگاريو ۽ سنواريو. مانيٽو سنڌالاجيءَ جو ڪمپيوٽر هو ان وقت تائين اڃا ڪمپيوٽر عام ڪونہ ٿيو هو مانيٽي پنهنجي ذهن جي ڪمپيوٽر ۾ سمورا ڪتاب، ليکڪن جا نالا ۽ الماريُن جا نمبر سيو (Save) ڪري ڇڏيا هئا. ڪنهن بہ پڙهندڙ کي لئبرريءَ ۾ ڪتاب ڳولڻ ۾ مشڪلات پيش ڪانہ ايندي هئي. اڳتي هلي مانيٽي نوڪريءَ دوران سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايوننگ ٽائيم ۾ لائبرري سائنس ڊپارٽمينٽ مان ڊپلوما جو ڪورس ڪيو ۽ سڄي سنڌ مان ٽيون نمبر حاصل ڪيائين. مانيٽو جينيس تہ شروع کان ئي هو وري جو هن کي هيڏي وڏي لئبرري مطالعي لاءِ ملي، جنهن هن جي تخليقي سگهہ کي شاعريءَ جي روپ ۾ نروار ڪيو:

ياد اچي ٿو مونکي تنهنجو آڌي رات پڇڻ،
هاڻي روئندو روح رهي ٿو، وسري ويم مرڪڻ!
تنهنجي چاهہ چوايا مونکان، گهايل گيت غزل:
سائڻ! تو بن مان تہ، ڏهر ۾ روهيڙي جو وڻ!

مانيٽي کي علمي ادبي ڪتاب پڙهڻ سان وڏو چاهہ هوندو هو. هن لکڻ جي شروعات اسڪول جي زماني کان ڪئي، لاتعداد شاعري، ڪجهہ ڪهاڻيون، ڪجهہ ريڊيائي فيچر ۽ ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيائين جيڪي اُن وقت جي مايہ ناز رسالي مهراڻ ۾ ڇپيا. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”وڇوڙي جا گيت“ جيڪو مانيٽي جي هميشہ ماٺ تي وڃڻ ڪانپوءِ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ يونيورسٽي شاخ پاران 1983ع ۾ ڇپيو. جڏهن سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي الانا ٿي آيو تڏهن هُن، هِن جي ذهني قوت کي محسوس ڪندي، ڪيس لئبرريءَ ريسرچ لاءِ ٻاهر موڪلڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ هن جي سي وي فارين يونيورسٽي موڪلي: پر بدقسمتيءَ سان هن جي ٻاهر وڃڻ جا ڪاغذ هن جي گُمهلي موت کان ٿي مهينا پوءِ ٺهيا. ڇو تہ مانيٽي سنڌالاجيءَ لاءِ تمام گهڻو پورهيو ڪيو هو هن ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي 1973ع کان 1979ع تائين ترتيب ڏني، جيڪا سنڌالاجيءَ طرفان 1989ع ۾ شايع ٿي. مانيٽي لائبريري سائنس ۽ ٻين موضوعن تي ڪيترائي مضمون لکيا، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا.

مانيٽو گهڻ پاسائين شخصيت هو. هو طبيعت ۾ توڙي جو واقع مانيٽو هو. پر هن جي ٺهڪن جي گونج اڄ بہ سنڌالاجيءَ جي هر ڪنڊ پاسي ۾ گونجي ٿي، هو بهترين سماجي ورڪر ۽ بهترين شاعر هو. هن جي شاعريءَ جا سلا ڦٽا تہ مُهراڻي جي پٽن تي هئا، پر انجي خوشبوءِ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي وئي هئي. مانيٽي جي شاعري پهريون ڀيرو نامياري دانشور عبدالواحد آريسر پنهنجي انقلابي رسالي ”پيغام“ ۾ ڇپي هئي، جنهن رسالي تي پٽي جي دؤر حڪومت ۾ پابندي وڌي وئي هئي. آريسر صاحب مانيٽي جي هن شعر کان ايڏو تہ متاثر ٿيو جو هن پنهنجي ڪتاب جو نالو ”رُوح جا ريلا“ رکيو.

رُوح جا ريلا هاءِ اڪيلا، توکي سڏڪي ساريان
ڊوليا ويني واٽ نهاريان!

مانيٽي جي شاعريءَ ۾ مُهراڻي جي مٽيءَ جي خوشبوءِ، ڄامشوي جي حسينائن جا ٺهڪ ۽ سنڌ جو درد آهي، سنڌڙي مانيٽي جي جندڙي هئي.

سنڌڙي منهنجي جندڙي آ، سنڌڙي منهنجي جيجل ماءُ
پل ۾ مران ٿو پل ۾ جيئان ٿو پلپل پُور پچايان ٿو

مانيٽي جي سنڌي ادب جي وڏن نالي وارن ذات ڏٽين سان دوستي هئي، هن سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز جي سايي ۾ رهي گهڻو ڪجهه پرايو هن جي ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالقادر جوڻيجي، شوڪت شوري، تاج جويي، نصير مرزا ۽ نياز پنهور سان دوستي هئي، پر افسوس انهن دوستن مان ڪنهن به هن ڪي ورسيءَ جي موقعي تي ياد ڪرڻ ضروري ڪونه سمجهيو! ياد ته هن ڪي سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌالاجيءَ وارن به ڪڏهن ڪونه ڪيو جنهن اداري جو هو خوبصورت حصو هو. وري به شابس آهي زاهد اوٺي ڪي، جنهن هن جو تخليقي پورهيو سهيڙي ”رُوح رنو اڌ رات“ ڪتابي صورت ۾ آندو ۽ تاريخ جي ورقن ۾ مانيٽي ڪي ٻيهر زنده ڪيو. نه ته مانيٽي وانگر سندس شاعري به سنڌوءَ جي پولارن ۾ گم ٿي وڃي ها، ۽ اسان جو ايندڙ نسل هن شاعر جي نالي کان محروم رهجي وڃي ها. مانيٽو 15 فيبروري 1981ع تي پنهنجي شاعريءَ جي صليب، پنهنجي چاچي بلاول جي ڪلهن تي رکي، سڄي سنڌ ڪي سوڳوار ڪري ويو. اسان لاءِ ڇڏي ويو ته صرف يادون . سندس دوستن جي چوڻ موجب مانيٽي خودڪشي ڪئي هئي، ڪن دوستن جو خيال آهي ته مانيٽو قومي تحريڪ ۾ سرگرم هيو جنهن ڪري رياست، ڪيس راھ تان هٽايو آهي. بر حال جيئن به ٿيو مانيٽي جو موت عشق هٿان ٿيو پوءِ اُهو عشق ڌرتيءَ جو هجي يا سرتيءَ جو هجي.

¤¤¤¤¤

# سونهن، سچ ۽ ڌرتيءَ جو شاعر : شبير هاليپوٽو

مان دل جي چئي ۾ ۽ دل هن جي چئي ۾ آ،
بي چين اسين ٻئي هوءَ، هُو خوب مزي ۾ آ.
مان پاڻ کي جهليان يا ستارن کي سهارو ڏيان،
آ چنڊ چُڪي پيتي ۽ ڌرتي بہ نشي ۾ آ.
اُپ بہ ناهي رڱو نيرو، هي سمنڊ پڻ نيرو آ،
۽ نيڻ سندس نيرا، هو نيري وڳي ۾ آ.
هن خط ۾ جملو وري بہ آ ساڳيو لکيو،
جو پيار پري ۾ آ، سو ويجهي ۾ ڪٿي آ.

هيءُ غزل مون 2009ع ۾ امرتا جي ڪنهن شماري ۾ پڙهيو هو ۽ هي سِٽون پهريون ڀيرو پڙهڻ سان ئي منهنجي حواسن تي ڇانئجي ويون هيون. ۽ آئون تنهائي ۾ وينو گنگنائيندو رهندو هئس. ائين هڪڙي ڀيري پنهنجي دوست احمد نواز سان راڻي باغ ۾ وينو هئس، تہ اوچتو هي سٽون منهنجي زبان تي تري آيون ۽ آئون جهونگارڻ لڳس تہ احمد نواز پڇيو ”يارا هي ڪنهن جون سٽون آهن؟ تشبيهون تہ صفا بهار ڦُٽڻ جي موسم جهڙيون آهن.“ چيم، ها يارا هي غزل مون امرتا رسالي ۾ پڙهيو هو. شبير هاليپوٽو ڪو شاعر آهي.“ تہ احمد نواز رڙ ڪري چيو تہ ”يار شبير شاعري بہ ڪندو آهي ڇا؟“ چيم ”ها“. چيائين، ”منهنجو سنو دوست آهي، پر مون کي اها خبر ناهي تہ شبير اهڙي سني شاعري بہ ڪندو آهي.“ ائين احمد نواز موبائيل کيسي مان ڪڍي، شبير جو نمبر ڊائل ڪيو. ٻئي پاسي کان شبير ئي ڪال رِسيو ڪئي، تہ احمد نواز حجت مان چيو ”تون شاعري بہ ڪندو آهين ڇا؟“ تہ شبير وڏو ٽهڪ ڏئي چيو ”ڇو توکي خبر ناهي ڇا؟ منهنجو ڪتاب ڇپجڻ وارو آهي.“ پوءِ وري مون ڳالهايو. ڪجهہ ٽائيم فون تي ڪچهري ٿي ۽ شبير چيو تہ آئون ڪجهہ ڏينهن ۾ حيدرآباد ايندس ۽ روبرو ڪچهري ڪنداسين. ۽ پوءِ احمد نواز شبير جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ هي نابين آهي، پوءِ بہ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم.اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ حاصل ڪئي اٿس. ڪجهہ عرصو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازم بہ رهيو پوءِ وري دادوءَ جي ڪاليج ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو جتي ڪافي عرصو پڙهايائين. سچ پچ تہ مون کي يقين نہ آيو تہ ڪو هيءُ ماڻهو نابين هوندي، پڙهي بہ سگهي، پڙهائي بہ سهي ۽ اهڙي خوبصورت شاعري بہ ڪري، جيڪا پهريون ڀيرو پڙهڻ سان ماڻهوءَ جي حواسن تي ڇانئجي وڃي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ احمد نواز رات جو فون ڪئي تہ شبير آيو آهي، فارغ هجين تہ ملي وڃجي. چيم يار فارغ نہ بہ هوندس تہ بہ ملندس. ان وقت منهنجي خوشيءَ جي انتها اهڙي هئي، جهڙي ڪنهن معصوم ٻار کي 5 روپيا خرچي ملڻ وقت ٿيندي آهي، پر ان کان بہ وڌيڪ هئي. ايئن اسان گڏجي سنڌ جي هن هومر سان ملڻ لاءِ وياسين. هيءُ پنهنجي بيڊ تي ويٺو هو آئون احترامن جهُڪي مليس ۽ خوش خيرعافيت تہ چيائين، "بابا علي نواز تہ ناهين؟" چيم، "ها سائين!" منهنجي حيرت جي انتها اها هئي تہ آئون هن ماڻهوءَ سان پهريون ڀيرو مليو هئس. صرف فون تي ئي هڪ ڀيرو ڳالهايو هيوسين. هن ماڻهوءَ جي حواسن کي سلام ڪيم ۽ پوءِ ڪافي دير تائين ڪچهري ڪئي سين. اتي ڪتاب جو ٽائيٽل ڏيکاريائين. چيائين تہ، اسحاق سميجو سارنگا طرفان ڪتاب ڇپرائي پيو اجا وڌيڪ خوشي ٿي. دير تائين ڪچهري ڪري هليو آيس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ احمد نواز ڪتاب "هينئڙو هيرڻ ڀن" جي ڪاپي ڏني. ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم تہ سچ پچ دل خوش ٿي وئي. شبير شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ڏرتيءَ جو درد، سونهن ۽ سچ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. شبير، جيڪو پاڻ ڏکن جو ماريل آهي، هن سان زندگي هر موڙ تي مذاق ڪيا آهن، پوءِ بہ هن جا ارادا ڪيترا نہ مضبوط آهن، سندس هن شعر ۾ ڏسو تہ:

هي جي ڏک سُک، آءُ ورهايون هڪ ٻئي ۾،
سُک رک تون، ڏک پورا پورا مون کي ڏي!

هيءُ هتي بہ سُکن جو تمنائي ناهي، هتي بہ بدلي ۾ ڏک وٺڻ ٿو چاهي. آهي ڪو اهڙو ماڻهو جيڪو سک ڏئي ڏک وٺي؟ سندس هن شعر ۾ ڏسو ڪٿي بہ سون چانديءَ جو تمنائي ناهي، صرف محبوبہ جي ٻانهن جي هار کي پنهنجي گلي جي زينت ٿو بڻائڻ چاهي:

سون، چاندي، نہ موتي هيرن جو،
تنهنجي ٻانهن جو هار ٿو گهرجي.

هتي هن شعر ۾ ڪيترو نہ پُراميد ٿو لڳي. هيءُ شاعر، جيڪو نابين هو ندي بہ رُوحاني ڪيفيت ۾ پنهنجي محبوبہ جي خوش، يا نا خوش هجڻ کان هر پل باخبر آهي:

لڳي ٿو تون بہ خوش آهين،
اهو آ رابطو دل جو،
جتي آهين، جيئين آهين، خبر پل پل جي پئي ٿي پئي،
اهو آ فيصلو دل جو،
پرين پڪ تون بہ خوش آهين!

شبير جِتي محبوبہ جي لاءِ بي چين آهي، اُتي پنهنجي ديس لاءِ بہ مضبوط ارادا رکي ٿو سندس هيءُ شعر ان جي عڪاسي ڪري ٿو تہ:

سنڌ ديس آ منهنجو
ڌوهہ تنهنجا سڀ ڏاهيان،

سنڌو ديس ٿو ڏاهيان.

هتي مون کي ٻن بادشاهن جو قصو ياد ٿو اچي، جيڪو لکڻ ضروري ٿو سمجهان:

شاهجهان ۽ ايڊورڊ ٻئي بادشاهہ هئا. ٻنهيءَ جو پنهنجين زالن سان بي انتها پيار هو ۽ ٻنهيءَ جون زالون ساڳي بيماري وگهي فوت ٿيون. انهن جي يادگيريءَ لاءِ ٻنهي بادشاهن جي سوچ مختلف آهي. شاهجهان پنهنجي زال جي ياد ۾ اربين رپيا خرچ ڪري تاج محل ٺهرايو ۽ ايڊورڊ پنهنجي زال جي ياد ۾ اربين رپيا خرچ ڪري ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪرايو. تہ جيئن جنهن بيماريءَ سبب هن جي زال فوت ٿي، اهڙين بيمارين کان ٻين کي بچايو وڃي. اهو آهي سوچ جو فرق، جيڪو قومن جي عروج ۽ زوال جو سبب بنجي ٿو. شبير بہ اهڙي مرحلي مان گذريو آهي، جو هن جي نظر ڪم ڇڏي وئي، پوءِ بہ هن پنهنجو حوصلو بُلند رکندي اڳتي پڙهڻ جو ڪم جاري رکيو. ۽ اسان جي هن قوم ۾ اُتساهہ پيدا ڪيو. شبير پاڻ ٻڌايو تہ جڏهن آئون سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٽيسٽ پاس ڪري پروفيسر قاسم ٻگهيي صاحب سان مليو هئس ۽ چيو هئم تہ منهنجي نظر ختم ٿي وئي آهي، پوءِ بہ پڙهڻ ٿو چاهيان، تہ قاسم ٻگهيو پنهنجي چيئر تان اٿي مون سان ڳراٽڙي پائي مليو هو ۽ چيو هئائين تہ آئون تازو ٻاهران پي.ايچ.ڊي ڪري موٽيو آهيان. اتي تہ اها ڳالهہ نئين ناهي، پر مون کي خوشي آهي تہ سنڌ ڇئن سالن ۾ ايڏي ترقي ڪئي آهي، ۽ پوءِ قاسم ٻگهيي صاحب هر طرح جي مدد جو يقين ڏياريو.

- تہ شبير شاهجهان وارو ڪم ڪرڻ جي بجاءِ ايڊورڊ وارو ڪم ڪري، هن قوم جو ڳاٽ فخر کان اُوچو ڪري ڇڏيو آهي. ههڙا ماڻهو قومن جي تاريخ ۾ ورلي پيدا ٿيندا آهن. ٻيو ڀيرو 22 اپريل تي شبير سان ملڻ ويس، تہ شبير جو جيءُ جهريل هو. انتهائي هيٺائيءَ واري ڪيفيت ۾ هو. اها ڪيفيت تہ اسان سڀني مٿان طاري هئي، ڇو تہ اڳئين ڏينهن 21 اپريل تي سانگهڙ- کپري روڊ تي جيئي سنڌ جي ڪارڪنن- سرائي قربان کهاوڙ روپلي چولياڻي ۽ نورالله تنيي کي پاڪستان جي نام نهاد ادارن نہ صرف گولين هڻي شهيد ڪيو هو پر انهن جي لاشن کي بہ ساڙي ڇڏيو هئائون. اهو هڪ اهڙو سانحو هو جنهن عام ماڻهن کي بہ روئاري ڇڏيو هو پر جي اهڙو واقعو ڪنهن شاعر جا ڪن ٻڌن تہ اجا وڌيڪ قيامت برپا ڪريو ڇڏين. ڪافي ٽائيم ڪچهري ڪري موٽياسين. صبح جو سوير شهيد روپلي چولياڻيءَ تي شعر لکي ميسيج ڪيائين. شبير جي ڪيفيت تہ شاعريءَ جو رُوپ ڌاري ورتو پر اسان ان ڪيفيت کي ڪهڙي رُوپ ۾ وٺون، جو اجا تائين دل ٻرندڙ ٽانڊن جيان ٺهڪي ٿي پئي. سو سلام آهي شبير جي حوصلي کي، ۽ جَس هجي اسحاق سميجي کي، جنهن ههڙي فقير صفت انسان جو ڪتاب ڇپرائي، شبير جي ٽٽل وکريل خيالن کي ماڻهن تائين پهچايو آهي.

¤¤¤¤¤



# سنڌي صحافت جو سُورمو فقير محمد لاشاري

جنهن سون جا سڪا پَٽ اُڇلي، مهراڻ جي مٿي پنهنجي ڪئي
ســو ماڻهــو مونکي پيارو آ، سو ماڻهو منهنجو ڍوليو آ.
(تنوير عباسي)

سنڌي صحافت کي نوان موڙ ۽ نوان لاڙا ڏيندڙ فقير محمد لاشاريءَ جي پِيءُ اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو هوندو تہ سندس پٽ پوري سنڌ لاءِ فخر جو باعث بڻجي ايئن شهرت جي بلندين کي ڇُهندو. فقير محمد لاشاريءَ جو تعلق تہ هڪ غريب گهراڻي سان هو پر هن غربت جي گهاٽي ۾ پيڙهجندي سچائيءَ جي ساٿ جي پلئہ کي هرگز نہ ڇڏيو. صحافتي دنيا ۾ فقير محمد لاشاريءَ جو نالو سيني ڪان مٿاهون ۽ اُوچو آهي، فقير محمد سنڌي صحافت کي نوان لاڙا ڏيئي صحافت جي ساک کي بحال ڪيو. دنيا ۾ تمام ٿورا ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي تمام مختصر وقت ۾ پنهنجي قد کان بہ وڏا ڪم ڪري پنهنجي پورهيي جي ڇاپ ڇڏي هميشہ هميشہ لاءِ منظر تان غائب ٿي ويندا آهن. فقير محمد بہ اهڙن ماڻهن مان هڪ هو. جيڪو تمام ٿوري عرصي ۾ سنڌي صحافت ۾ پنهنجي ڇاپ ڇڏي ويو آهي. ۽ سنڌي صحافت ۾ فقير محمد جو خال صدين تائين نٿو پرجي سگهي، ڇو تہ فقير محمد جو دامن داغدار نہ هو. هن اڇي اُجري ۽ صاف شفاف صحافت ڪئي، فقير محمد جو وڇوڙو هڪ فرد جو وڇوڙو ناهي، پر هڪ اداري جو وڇوڙو آهي. ڇو تہ فقير محمد جي وڇوڙي سان جاڳو جهڙو هڪ ادارو بند ٿيو آهي.فقير محمد لاشاري 4 سيپٽمبر 1951ع تي ڳاجي کهاوڙ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ محمد حسن لاشاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان پاس ڪري، مئٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول وارهہ مان ۽ انٽر ڪامرس ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. ڪاليج جي تعليم دوران سندس واسطو ترقي پسند تحريڪ سان ٿيو. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1972ع ۾ پرائمري ماستر طور ڪئي ۽ ڪيترن ئي اسڪولن ۾ پڙهائيندو بہ رهيو تہ علمي، ادبي سرگرمين ۾ بہ حصو وٺندو رهيو. سندس گهڻو لاڙو ترقي پسند ادب ڏانهن هو ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ قومپرستن ۽ ڪميونسٽن سان ويجهو رهڻ لڳو. جيڪا ڳالهہ ڳوٺ جي وڏيرن کي نہ وڻي ۽ انهن فقير محمد جي خلاف تعليم کاتي کي درخواستون موڪليون تہ هي ڪميونسٽ آهي، هن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو وڃي وغيره. پر هن تي انهن جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو. 77_1976ع ڌاري پرائمري ماستريءَ جي نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏئي ڪمپريهينسو هاءِ اسڪول عزيزآباد ڪراچيءَ ۾ سنڌي

لئنگئيج ٽيچر مقرر ٿيو ان دوران ايم. اي اڪنامڪس ۽ ايل. ايل. بي جون ڊگريون پڻ حاصل ڪيائين. فقير محمد لاشاري 1977ع کان صحافتي دنيا ۾ هلال پاڪستان اخبار جي سب ايڊيٽر طور قدم رکيو ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي مختيارڪاريءَ جو امتحان بہ پاس ڪيائين، پر ترقي پسند ۽ ڪميونسٽ هئڻ سبب ڪيس اها نوڪري نہ ملي . فقير محمد لاشاري صحافت جي دنيا ۾ قدم ڇا رکيو، ڀونچال مچائي ڇڏيو سندس قلم ۾ جنبش هئي، هن صحافت ۾ نوان لاڙا پيدا ڪيا، هن صحافت کي سرڪاري حڪمن جي تابعداريءَ کان آزاد ڪيو، ڪليو ڪلايو سچ لکڻ شروع ڪيائين، جنهن روايتي صحافت جا هڙئي ٽرينڊ ئي بدلائي ڇڏيا. 1981ع ۾ هلال پاڪستان انتظاميا هفتيوار هلال پاڪستان مئگزين ڪڍيو تہ فقير محمد کي ان جو انچارج مقرر ڪيو ويو انهيءَ هفتيوار مئگزين جا ڪل 52 پرچا شايع ٿيا، اڳتي هلي فقير محمد هلال پاڪستان اخبار انتظاميا کان ماهوار ايڊيشن جي طور تي هلال مخزن ڪڍڻ جي منظوري ورتي، انهيءَ مخزن مارشل لا جي ڪاري دور ڪي سخت لفظن ۾ ننديو ۽ ماڻهن جي اکين تان پردو لاٿو انهيءَ مخزن سنڌ ۾ تمام وڏو نالو ڪڍيو جنهن ۾ ڪجهہ مستقل سلسلا، ڪجهہ عالمي ادب جي چونڊ ڪتابن جو اختصار بہ ترجمو ڪري هلايائين ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ترقي پسند ادب بہ ان ۾ باقاعدي ڇپجڻ شروع ٿيو ۽ پوءِ اها مخزن ڏيڍ سال بعد بند ٿي وئي، ڇو تہ اخبار جي مالڪن مٿان سرڪاري دٻاءُ وڌو ويو هو ۽ اخبار جي مالڪن ايتري آزادي نہ ڏني، هلال پاڪستان اخبار ۾ نوڪريءَ دوران هلال پاڪستان جي ڪارڪنن ڪيس هلال پاڪستان ورڪرز يونين جو صدر چونڊيو هو مخزن جي بند ٿيڻ ڪري فقير محمد لاشاري هلال پاڪستان کي الوداع ڪيو ۽ ان ئي دؤر ۾ ڪراچيءَ مان پهرين مڪمل ڪمپيوٽرائيزڊ سنڌي اخبار عوامي آواز جاري ٿي، تہ فقير محمد بہ ان ست ۾ شامل ٿيو. ۽ ان کي پيرن تي بيهارڻ وارو بہ فقير محمد ئي هو. فقير محمد عوامي آواز ۾ نئون روح ڦوڪيو. فقير محمد جا ايڊيٽوريل پير تي ڏونڪو هوندا هئا، سندس ايڊيٽوريل عوامي آواز جي جان هوندا هئا. جنهن ۾ سنڌ جي اڪيچار مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ٿيل هوندي هئي، ٽن مهينن جي اندر اخبار جي سرڪيوليشن زمين کان آسمان تي پهچي وئي، ۽ پڙهندڙن ۾ فقير جا ايڊيٽوريل ساراهجڻ لڳا. پر هتي بہ فقير محمد گهڻو ٽڪاءُ نہ ڪري سگهيو، ڇو تہ سندس ايڊيٽوريلن جي ٻوليءَ سرڪار کي پسند نہ هئي ۽ فقير محمد کي عوامي آواز جي چيف ايڊيٽري بہ ڇڏڻي پئي ۽ هو بيروزگار ٿي پيو پر فقير محمد جنهن همٿ سان اخبارن ۾ ويهي سنڌ جو ڪيس وڙهيو هو، ان ڪيس سنڌ جو سورمو ڪري ڇڏيو هو ان دوران فقير محمد صحافت سان گڏ سنڌي ادبي سنگت سان بہ سلهاڙيل رهيو تقريبن ستن سالن تائين ڪراچيءَ شاخ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. هن سنگت ڪراچيءَ کي هڪ گڏيل پليٽ فارم جي شڪل ڏني ۽ انيڪ اهڙا پروگرام ڪرايا، جن مان بدر ابڙي جو ڪتاب تنقيد نگاريءَ جو ادبي جائزو ۽ محمد ابراهيم جويي سان ملهايل شام جي حوالي سان ڪتاب ’ادبي گڏجاڻي‘ اهم حيثيت رکن ٿا. فقير محمد ادبي سنگت کي ڀرپور ٽائيم ڏنو ۽ خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ ادبي سنگت کي پيرن تي بيهارڻ ۾ فقير محمد جوئي ڪردار آهي.

فقير محمد عوامي آواز ڇڏڻ بعد ڪجھ دوستن جي سهڪار سان جاڳو اخبار جاري ڪئي هئي، پتائي پبلشنگ هائوس جو بنياد وجهي روزاني جاڳو جو پهريون پرچو پهرين جنوري 1991ع تي جاري ڪيائين. جاڳو اخبار فقير محمد جي زندگيءَ جو اهم مقصد ۽ آزاد صحافت ڪي هٿي وٺرائڻ هو ۽ فقير محمد هن اخبار کي بلڪل آزاد ڪري هلايو. جاڳو جا ايڊيٽوريل انتهائي سخت ۽ حقيقت تي مبني هوندا هئا، جن ۾ سنڌ جي مسئلن جي چٽي نموني اپٽار ٿيل هوندي هئي، جنهن سبب سرڪار جي پٽ وائکي ٿي پوندي هئي. ان وقت جي وزيراعليٰ ڄام صادق علي طرفان ڪيس ڪيتريون ئي ڌمڪيون پڻ مليون، ۽ ڪيتريون ئي آڇون بہ ٿيون، پرفقير محمد پنهنجي مقصد تان نہ هٽيو ۽ انهن سڀني آڇن کي ٺڪرائي ڇڏيائين. ان وقت جاڳو اخبار سنڌ ۾ گهڻي پڙهي ويندڙ ۽ وڪرو ٿيندڙ اخبار هئي، ڪي ڪي اخبارون ايڊيٽوريل جي ڪري پڙهيون وينديون آهن. جن مان مصر مان نڪرندڙ الاحرام، جنهن جو ايڊيٽر حسنين هيڪل هو .الاحرام جي سرڪيوليشن 400000 تائين حسنين هيڪل جي ايڊيٽوريل جي ڪري پهتي هئي، پاڪستان مان نڪرندڙ اردو اخبار الوحيد دين محمد وفائي جي ايڊيٽوريل جي ڪري گهڻي پڙهي ويندي هئي.۽ سنڌي ۾ يوسف شاهين جي ادارت هيٺ نڪرندڙ اخبار برسات بہ شيخ اياز جي ايڊيٽوريل جي ڪري گهڻي پڙهي ويندڙ اخبارن ۾ شامل هئي، ان کان علاوه پير پاڳاري جي اخبار مهراڻ بہ جڏهن شمشير الحيدري جي ايڊيٽري ۾ آئي تہ مهراڻ کي بہ شمشير چار چنڊ لڳائي ڇڏيا،جنهن اخبار جي سرڪيوليشن 800 هئي، انهي اخبار جي سرڪيوليشن شمشيرالحيدريءَ جي ايڊيٽوريل جي ڪري 28000 تائين پهتي هئي. اهڙيءَ طرح جاڳو اخبار بہ فقير محمد لاشاريءَ جي ايڊيٽوريل جي ڪري گهڻي پڙهي ويندڙ اخبارن ۾ سڀني کان اڳيري هئي. صحافتي دؤر ۾ فقير محمد گهڻو ڪري ف۔م لاشاريءَ جي نالي سان لکيو آهي.فقير محمد جي ايڊيٽوريلن کي اڄ بہ پڙهڻ سان ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ اڄ جي دؤر تي لکيل هجن. ائين بہ چئجي تہ ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ فقير جا ايڊيٽوريل ۽ مضمون هر دؤر سان مشابهت رکن ٿا. مثال طور۔ فقير محمد جي ڪتاب سنڌ: پيپلز پارٽي کان ڄام صادق علي تائين ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: ”قبلا! اکيون کوليو! هاڻي دؤر بدلجي ويا آهن. قومي اهميت جي معاملن تان رڳو ايم ڪيو ايم خلاف زوردار اخباري بيان ڏيئي ڏيان ٽٽا هٽائي سگهو. هاڻي ڪاري ڏاند جا مالڪ جاڳڻ جي مرحلي ۾ آهن، جيڪي توهان جي ٻين سان تہ ڇڏيو پر خود توهان کي پنهنجي مرتبن سان بہ بي انصافي ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندا. ذهنن ۾ رکڻ کپي، تہ ماڻهو پنهنجي ووٽ سان جيڪا عزت توهان کي ڏين ٿا، تنهن کي خود توهان جي هٿان نقصان پهچڻ نہ ڏيندا. ان شيءِ، ان امانت کي سنڀالڻ سکو. عهدا ماڻڻ جو مطلب رڳو اخبارن ۾ ڦوٽو ڪيرائڻ ناهي.“ توهان فيصلو ڪيو اڄ جون حالتون هن لکڻيءَ سان ٺهڪن ٿيون يا نہ؟ يا وري سندس لکيل تاريخي ايڊيٽوريلن ۾؛ (i) سنڌ واسيو غلامين خلاف اٿو: سنڌ تڏهن بہ غلام هئي ، اڄ بہ غلام آهي، (ii) سمورا سياستدان ڌيان ڏين ۽ جواب ڏين: سنڌ جا سياستدان ڪلهہ بہ جوابده هئا، اڄ بہ جوابده آهن، (iii) سنڌ يونيورسٽي بابت سڄي قوم آڏو ڪجھ سوال، سنڌ يونيورسٽي ڪالهہ بہ تعليم دشمن عناصرن جي هٿن ۾ هئي، اڄ بہ تعليم دشمن قوتون سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڄئورن وانگر چنبڙيل آهن

۽ رت چوسي رهيون آهن. فقير محمد جي اها جاڳو سندس شهادت کان پوءِ جلد ئي بند ٿي وئي، جاڳو اخبار جي ادارت دوران سنڌي اخبارن جي تنظيم 'سنيڪ' جو بنياد وڌائين ۽ سنڌيڪا اڪيڊميءَ جو بنياد وجهندڙن ۾ به فقير محمد لاشاري نور احمد ميمڻ جو سهڪاري رهيو ۽ ان وقت ڪمپيوٽر تي سنڌي سافٽ ويئر به فقير محمد لاشاريءَ جي محنتن جو نتيجو آهي. فقير محمد گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو، فقير محمد لاشاريءَ جي ڇپيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي: (1) 'سنڌ جا سور'ڌرتي جي دانهن (مضمون۔ 1988ع)، (2) 'سگهارو هماليا، هيٺا ماٺهو' (نيپال جو سفرنامو)، (3) ڇپر جا سونهان' (شخصيت ۽ چونڊ لکڻيون – 1994ع)، 'رُج جهڙي سماج ۾ مور جي رڙ' (ٻه ڀاڱا) ۽ سنڌ ڄام صادق علي کان پيپلز پارٽي تائين، ان کان سواءِ سندس ڪيترائي مضمون ۽ ايڊيٽوريل اڻ ڇپيل صورت ۾ آهن. فقير محمد 17 جولاءِ 1993ع تي لاهور ويجهو ضلعي گجر خان وٽ روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ شهيد ٿي ويو، سندس مڙهه اباڻي ڳوٺ گاجي کهاوڙ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. 14 آگسٽ 1994ع تي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت طرفان ڪيس خدمتن جي مڃتا طور ستاره امتياز جي اعزاز سان نوازيو ويو.سندس مرڻ پڄاڻان هر اک آلي آهي، فقير جي فقيراڻي طبيعت هئي، هو ڪڏهن به موه ۽ مايا تي نه وڪاميو. هن جيڪو ڪجهه لکيو وقت جي نبض تي هٿ رکي سچ لکيو. ڪاش سنڌ جي صحافت ۾ هھڙا جرئتمند جوڌا پيدا ٿي پون، ته جيئن زرد صحافت کان سنڌ ۽ سنڌي قوم بچي وڃي. فقير محمد جي هڪ نياڻي نصرت لاشاري پيءُ جي ڇڏيل راه تي گامزن آهي.

¤¤¤¤¤



# ٺٽي جو بيباڪ صحافي
# يار محمد جلالاڻي

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو دل چاهيندي بہ لکي ناهي سگهندو، منهنجي طبعيت بہ ڪجهہ اهڙي آهي. گذريل ٻن سالن کان سوچي رهيو هئس تہ سنڌ جي هن يگاني فقير صفت ماڻهو يار محمد جلالاڻيءَ کي خراج تحسين پيش ڪريان، پر هن جي ڪُمهلي موت تي لکڻ جي لاءِ قلم ڪڏهن بہ منهنجو ساٿ ڪونہ ڏنو وري اها سوچ تہ منهنجو قلم هن بيباڪ انسان سان انصاف ڪري سگهندو االاءِ نہ. يار محمد جلالاڻي خوددار انسان هو. بيباڪ صحافي ۽ غريبن جو هڏ ڏوکي هو. هن جي ٺٽي ۽ ٺٽي جي ماڻهن سان اٿاهہ محبت هوندي هئي. هيءُ انن سالن تائين بنا ڪنهن تضاد جي پريس ڪلب ٺٽي جو صدر رهيو. پريس ڪلب جي چونڊن ۾ صدارتي سيٽ تي هميشہ هيءُ يڪراءِ چونڊجي ايندو هو. هيءُ پنهنجي صحافي دوستن کي چوندو هو. يارا! هيءَ پريس ڪلب منهنجي ابي ڏاڏي جي ذاتي ملڪيت تہ ڪانهي جو هر ڀيري مون کي ئي صدارت جي لاءِ منتخب ڪيو وڃي، پر سڀئي دوست هن فراخدل انسان کي چوندا هئا تہ "يارا! ٻيهڻ لاءِ اسين بہ تيار آهيون، پر اسين ياري جهڙي دل ۽ گردو ڪٿان آڻيون، جيڪو اسٽيبلشمنٽ جي اکين ۾ اکيون ملائي ڳالهائي سگهي."

ٺٽي جي مڊل ڪلاس ماڻهن جو تہ هيءُ ڇپر ڇانوَ هوندو هو. ٺٽي جو غريب طبقو مشڪلات وارين گهڙين ۾ ڪنهن وزير، ايم.پي.اي، ايم.اين.اي جو در کڙڪائڻ بجاءِ هن فقير صفت انسان جي جهوپڙيءَ جو رُخ ڪندا هئا. پوءِ هيءُ پنهنجي موٽرسائيڪل تي، پنهنجي تيل تي، انهن غريبن جي مدد لاءِ نڪري پوندو هو. ياري ۽ ياري جي موٽرسائيڪل چوويهہ ڪلاڪ سفر ۾! جڏهن بہ پريس ڪلب پهچي فون ڪبو هو تہ هي چوندو هو ڪڏهن جهوڪ، ڪڏهن، بنوري، ڪڏهن دڙي! وري جو ٻڌائيندا هئاسين تہ يارا ڪراچيءَ کان موٽياسين، تنهنجي سڪ لڳي، ان ڪري ٺٽي وارو روڊ ورتوسين، تہ يڪدم چوندو هو. توهان هلو غريبخاني تي، يارو ڇا ڻ پهتو. مزي جهڙي ڳالهہ تہ ياري جي ٺٽي شهر ۾ هڪ ننڍڙي جڳهہ هوندي هئي، جنهن کي مون ڪڏهن بہ تالو لڳل ڪونہ ڏٺو ۽ پوءِ اسين ياري جي جڳهہ تي پهچندا هئاسين. اڌ مُني ڪلاڪ ۾ هيءُ بہ اچي پهچندو هو. پوءِ تہ بس ڪچهري شروع ٿي ويندي هئي. ٺٽي ۽ آسپاس جي ادبي لڏي سڄي کي فونون ڪري گهرائيندو هو. پوءِ سنڌي ادب ۽ سياست تي بحث شروع ٿي ويندو هو. ۽ پوءِ تہ بس رات ڪٽڻ جي ڪندي هئي، پر بحث ڪونہ ڪٽندو هو! اهڙو هو اسان جو يار، يار محمد!

هن کي هر ڪم ۾ جلدي هوندي هئي، هر ڪم جلدي اُڪلائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. شايد هن کي خبر پئجي وئي هئي تہ ڪم تمام گهڻا، وقت ۽ زندگي تمام ٿوري هئي. هن جي سنڌ ۽ سيّد سان بي

لوٽ محبت هوندي هئي جو هو قومپرستن ۾ سنڌ جي ڳالهه ڪندڙ ڪهڙي بہ پارٽيءَ جو جلسو مظاهرو هجي، هيءُ فوٽوگرافر ڪٽي وڃي پهچندو هو ۽ صبح جو سنڌ جي مايہ ناز اخبار عوامي آواز ۾ چار يا پنج ڪالمي خبر تصويرن سميت لڳل هوندي هئي. هيءُ سترهين جنوري ۽ پنجويهين اپريل بئي ڏينهن، سن پهچندو هو. هي بئي تاريخون هن کي عيد جي ڏينهن کان وڌيڪ ياد هونديون هيون. هن جون دلي همدرديون سنڌ جي سيني قومپرستن سان هونديون هيون، پر هي يار صرف رسول بخش پليجي ۽ عبدالواحد آريسر جو هوندو هو. هي بئي سچي سنڌ جو ٽوئر ڪري ٽڪ پيچڻ لاءِ ياري جي غريب خاني تي ايندا هئا. هڪڙي پيري مون کي ياد آهي تہ (آءٌ بہ آريسر صاحب سان گڏ هئس) اسين نٽي وياسين. ياري جي جڳهہ تي، جڳهہ کُليل هئي، يارو غائب هو! فون ڪئي سين. چيائين: ”اوهين ويهو آءٌ اچان ٿو.“ ايتري ۾ صحافين جي روپ ۾ ايجنسين جو هجوم اچي ڪڙڪيو. آريسر صاحب کي چيائون تہ ”اسين توهان کان انٽرويو وٺنداسون. فلاڻي ٽي.وي چينل جا رپورٽر آهيون.“ آريسر شروع کان ئي سادي طبيعت جو ماڻهو سو تيار ٿي ويهي رهيو انهن کي انٽرويو ڏيڻ! ايتري ۾ يار محمد اچي پهتو. ايندي ئي هنن جي مٿان چڙهي ويو ۽ هنن کي ڀڄائي ڪڍيائين ۽ پوءِ آريسر صاحب کي بہ تنبيهہ ڪيائين تہ ”هتي توهين صرف ٽڪ پيچڻ جي لاءِ ٿا اچو. تنهنڪري هتي ڪير بہ اچي، توهان انهيءَ سان نہ ملو. پوءِ اهو صحافي هجي يا ڪامورو.“ واقعي آريسر صاحب پاڻ مون کي هڪ پيري ٻڌايو هو تہ ”آئون جڏهن بہ ٻن جاين تي ويندو آهيان تہ سياست کي پوئتي موٽائي نڪ ڪرڻ ويندو آهيان: هڪ يار محمد جلالاڻيءَ وٽ ۽ ٻيو پنهنجي گهر.“

هُو هڪ ئي وقت سائين جي.ايم.سيد جو پوئلڳ هوندو هو تہ ممتاز ڀُٽي ۽ رسول بخش پليجي سان سنڌ ۽ سيد تي بحث ڪندو هو. هي نٽي جي شيرازين جو بہ دوست هو تہ سنڌ جي اڳوڻي ثقافت کاتي جي صوبائي وزير سسئي پليجو سان بہ حجت ڪري ڳالهائيندو هو. سسئي پڻ ياري کي تمام گهڻو ڀائيندي هئي. هڪڙي پيري، مائي الهوسائيءَ جي ورسي هئي، اسين بہ ياري سان گڏجي وڃي پهتاسين. ياري کي ان ڏينهن چشمو پاتل هو. سسئي ياري کي ڏسندي چيو ”يار محمد اڄ تہ صفا ڪامورو ٿو لڳين!“ ياري ٺهڪ ڏيندي چيو ”اَدي جيڪڏهن ٽوپي ٿو پايان، تہ تون چوين تي وڏيرو ٿو لڳان، جي ڪيپ ٿو پايان تہ تون چوين ٿي، نٽي جي روڊ جو بيلدار ٿو لڳان. اڄ وري گرميءَ کان بچڻ وارو چشمو پاتو آهي تہ تون چوين ٿي ڪامورو ٿو لڳان!“

اهڙي هوندي هئي ياري جي حجت سينيءَ سان، هو سيني سان تون ڪري ڳالهائيندو هو، هُو چوندو هو ”**تون** ڪري صرف پنهنجن سان ڳالهائبو آهي، باقي **توهان** چئي صرف وڏيرن ۽ آفيسرن سان ڳالهائبو آهي. هيءُ پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو عرصو عوامي آواز جو ڊسٽرڪٽ رپورٽر رهيو. هن جي ڪُمهلي موت تي نہ صرف نٽي جي ڏتڙيل ماڻهن کي صدمو رسيو آهي، پر هن جي موت سچي سنڌ کي صدمو رسايو آهي. هن جي موت تي نہ صرف هن جا يار، محمد علي مانجهي، تاج جويو ۽ اوپايو خشڪ رُنا هئا، پر هن جي موت تي ڪينجهر ۽ مڪلي بہ رُنيون هونديون. هن جي موت تي نہ صرف سن واري سيّد جي رُوح رڙيون ڪيون هونديون، پر هن جي موت تي سنڌو درياءَ جي مست ڇولين بہ ماتم ڪيو هوندو. يارو واقعي يارن جو يار هو.

هن جون ڪهڙيون ڳالهيون لکي ڪهڙيون لِڪجن. اڄ يار محمد جي ٽين ورسي آهي، ياري جي سمورن دوستن آلين اکين سان نئي جو رُخ ڪيو آهي، ياري جي مزار تي گُلن جون چادرون چاڙهڻ لاء، ڇو تہ ياري جهڙا يار وسارڻ سان بہ ناهن وسرندا. منهنجي دُعا آهي تہ الله کيس جنت ۾ جاءِ ڏي ۽ سندس پُٽ کي ايتري همت ڏي، جو هُو يار محمد جي اَڌوري مشن کي پورو ڪري سگهي.

¤¤¤¤¤



# سنڌ جو ديو مالائي ڪردار
# چاچا قاسم سومرو

دنيا ۾ روز جو ڪيترا ئي ماڻهو جنم وٺن ٿا ۽ روز جو ڪيترا ئي ماڻهو موت سان منهن مقابل ٿين ٿا. انسان جو جيئڻ ۽ مرڻ هڪ فطري عمل آهي، ڪي ماڻهو زندگيءَ ڪي بس وقت گذارڻ لاءِ جيئندا آهن، پر ڪي ماڻهو زندگيءَ ڪي ڪنهن عظيم مقصد جي حاصلات لاءِ جيئندا آهن ۽ اهڙا ماڻهو تمام ٿورائي ۾ هوندا آهن. اج آئون جنهن شخصيت تي لکي رهيو آهيان، اها شخصيت منهنجي قلم جي نوڪ کان انتهائي مٿانهين ۽ مانائتي آهي. جنهن وٽ جيئڻ لاءِ نہ صرف عظيم مقصد هو پر ان مقصد جي حاصلات جي لاءِ ڪيس ڪيترا ئي ڏورڻا ڏورڻا پيا آهن، جنهن جو ڪيس پهريان ئي پتو هو. پوءِ بہ هو ان رستي جو پانڌيئڙو بڻيو. هُو ڏسڻ ۾ نهايت ئي سادڙو هڏ ڪاٺ ۾ بہ ڪو ايترو مظبوط نٿو لڳي، پر سندس حوصلا ڪارونجهر ڪان بہ اڏول آهن. هن ڪارونجهر ڪان وينڊي ڪشمور ۽ ڪراچيءَ تائين ڪيترا پنڌ ڪيا آهن، هن جي پيرن جو پٽيون چالا ٿيل آهن، پر سندس دل ڪنهن اڻبنگ نوجوان وانگر اج بہ جوان آهن، هُو اج بہ پنهنجي پاڻ ڪي نوجوانن جي صف ۾ شامل ڪري ٿو. ڪجهہ ڏينهن پهرين شايد عيد جوٿيون ڏينهن هو منهنجي موبائل تي ميسيج آيو هو. سنڌ جي قومپرست اڳواڻ چاچا قاسم سومرو جي طبيعت اوچتو خراب، ڪيس راجپوتانا اسپتال حيدرآباد ۾ داخل ڪيو ويو آهي، سنڌ جي سڄڻن ڪي سندس صحتيابيءَ لاءِ دعا جي اپيل ڪجي ٿي. هي ميسيج نہ هو منهنجي دل تي جڻ ڪنهن برندڙ سيهو رکي ڇڏيو هو. آئون ان وقت ڳوٺ هئس ۽ مون پنهنجي دوست غلام رسول کي فون ڪري چيو تہ جلدي هاسپيٽل وڃ ۽ چاچي جي طبيعت جو حال احوال ٻڌاءِ، جيستائين غلام رسول هاسپيٽل پهچي مونکي خيريت جي خبر ٻڌائي تيستائين آئون بيچينيءَ جي ڪيفيت ۾ هئس ۽ ٻئي ڏينهن ڳوٺان سڌو هاسپيٽل وڃي چاچا جي عيادت ڪيم تہ چاچا صفا ناراض لڳو پيو هو چيائين نواز! ٽري ماڻهو اڳ مر تہ اهڙا ڪون هوندا هئا، پوءِ جڏهن ٻڌايم تہ چاچا ڳوٺ هئس، اج اتان سڌو اچان پيو تہ تمام گهڻو خوش ٿيو معافي بہ ڏنائين تہ پيار بہ ڏنائين. چاچا جو پيار منهنجي جياپي جو هڪ وڏو سرمايو آهي، جيڪو آئون ڪنهن شاعر جي هن سِٽ وانگر پنهنجي ساهہ سان سانديِ رکندس.

سانديِ رکجان ڪورو آهي،
منهنجو نينهن نڪورو آهي.

چاچو قاسم! جنهن کي ڪير نہ سڃاڻي؟ سچي سنڌ ساڻس ايئن عشق ڪيو آهي، جيئن لطيف نوري، مارئي، سهڻي ۽ سسئي سان ڪيو آهي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ مون جڏهن بہ لطيف کي پڙهيو آهي تہ مونکي ايئن محسوس ٿيو آهي تہ لطيف پنهنجي سورمين سان عشق ڪيو آهي، لطيف ئي سنڌن پنهون آهي، لطيف ئي سنڌن ميهار آهي، لطيف ئي سنڌن ڄام تماچي آهي، لطيف ئي ملير آهي، لطيف ئي مارو آهي، لطيف ئي ٿر آهي. چاچا قاسم سومرو جيڪو لطيف جو حافظ آهي، هو ئي رومي آهي، جيڪو هر پل پيڙائيءَ جي ڪيچ ۾ رهندو هيو. چاچا قاسم سان منهنجون ڪيتريون ئي رهاڻيون رهيون آهن ۽ اجا بہ رهنديون. لطيف سان سندس عشق جي انتها اها آهي، جو هڪڙي ڀيري اسان ڪنهن پروگرام ۾ وياسين، چاچو قاسم تہ اڪثر پروگرامن ۾ ويندو رهندو هو پر آئون ان ڏينهن خاص چاچي قاسم جي تقرير ٻڌڻ ويو هئس، جڏهن ڪمپيئر چاچا قاسم کي تقرير لاءِ گهرايو تہ هن پيڙائيءَ جو بيت پڙهيو هو جيڪو شايد ڪمپيئر غلط پڙهيو هو. جڏهن چاچا قاسم ڊائيس تي تقرير ڪرڻ آيو هو تہ سڀ کان پهرين ان بيت جي غلط پڙهڻ تي ڪمپيئر کي چنڊ پٽي هڻائين ۽ درست صورت ۾ بيت پڙهي ڇيو هڻائين، جيئن ڪنهن مذهبي ماڻهوءَ کي قران شريف جي آيت غلط پڙهڻ تي باهہ وٺي ويندي آهي، تيئن اسان کي بہ پيڙائيءَ جو بيت غلط پڙهڻ تي اکين مان پاڻي اچي ويندو آهي تہ اسان جي قوم هن دور ۾ بہ لطيف کان غافل آهي.

چاچا قاسم سومرو سنڌ جو اهڙو تہ باڪردار انسان رهيو آهي، جنهن جي دامن تي ڪو بہ داغ ناهي، هن جو من سنڌوءَ جي پاڻيءَ جيان پويتر، اُجرو ۽ شفاف آهي، سنڌو درياهہ لاءِ ڪنهن انگريز سياح لکيو آهي تہ سنڌي! سنڌو درياهہ سان ايئن پيار ڪن ٿا جو هو سنڌوءَ جو ميرو گدلو پاڻي ٻُڪن ۾ ڀري پيئن ٿا. ان انگريز سياح جي اها ڳالهہ سئو سيڪڙو سچ آهي، پر شايد ان انگريز کي سرسوتي سنڌونديءَ جي پويترتا جي خبر نہ هئي. اهڙيءَ طرح چاچو قاسم بہ ان سرسوتي سنڌوءَ جو لاڏلو پٽ آهي، جنهن جو جنم بہ ان سرسوتي سنڌونديءَ جي ڪپ تي آباد شهر حيدرآباد جي ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ 1943ع ڌاري ٿيو هو يعني ورهاڱي کان 4 سال پهرين. ورهاڱي سندس ٻاروتڻ تي اهڙو تہ اثر ڇڏيو هو جو هو ڪيترو ئي عرصو ان درد ۾ پڇرندو رهيو هو هن پنهنجي معصوم اکين سان ڌارين جون لوڏون سنڌ جي خوبصورت شهر حيدرآباد ۾ داخل ٿينديون ڏٺيون هيون ۽ حيدرآباد جي حُسن کي بگڙندي ڏٺو هو، هن جي اکين نہ صرف حيدرآباد جي حُسن کي تباهہ ٿيندي ڏٺو هو پر هن جي اکين تہ ڌرتي ڌڻين کي بي گهر ٿيندي ڏٺو هو. انهيءَ ٻاروتڻ جي درد ڪيس اڳتي هلي باغي بڻايو هو. سندس وڏا ٺٽي ضلعي جي شهر دڙي جا وينل هئا. سندس والد جو نالو محمد جمن آهي. هي شروعاتي تعليم چار درجا سنڌي ڪراچيءَ ۾ ڪڏا مارڪيٽ واري علائقي ۾ پڙهيو. ان اسڪول ۾ هي پهريون شاگرد هو جنهن سنڌي مضمون جي چونڊ ڪئي، باقي پوري اسڪول ۾ اردوءَ ۾ تعليم ڏني ويندي هئي. پنجون درجو حيدرآباد جي اسڪول مان پاس ڪري جامع عربيہ ۾ داخل ٿيو ان دوران سندس والد محمد جمن سومرو وفات ڪري ويو تہ کيس تعليم اڌ ۾ ڇڏڻي پئي ۽ ڏهن سالن جي

ننڍڙي عمر ۾ گھر جون ذميواريون مٿس پيون ۽ هي مختلف جاين تي مزدوريون ڪرڻ لڳو. پورهيا ڪندي هي زندگيءَ جي سيني پهلوئن کي سمجهي ويو ۽ پورهيت جي درد کان آشنا ٿيو. انهيءَ غربت واري زندگيءَ ۾ هلندي 18 سالن جي ڄمار ۾ سندس شادي ٿي ۽ شاديءَ کان پوءِ هن حيدرآباد جي لجپت روڊ تي "سنڌ ڊرائي ڪلينرس" جي نالي سان ڌوٻڪو دڪان کوليو. هن کي سنڌ سان والهانہ محبت هئي. جنهن ڪري هن پنهنجي دڪان جو نالو بہ سنڌ سان منسوب ڪيو. 9 سالن تائين چاچا قاسم سومرو ڌوٻڪي دڪان تي استريءَ جي شعلن سان پنهنجو پاڻ کي جلائيندو ۽ من پرپائيندو رهيو ۽ مرشد لطيف جي هن سٽ کي پنهنجي لاءِ موزون سمجهندي زندگيءَ جي راهہ تي هلندو رهيو.

نِهائين کان نِينهن، سِک منهنجا سپرين،

سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

چاچو قاسم انهيءَ نهائين ۾ پنهنجو نِينهن پچائيندو رهيو. ان دوران ون يونٽ خلاف هلندڙ جدوجهد ۾ بہ حصو وٺندو رهيو. 1970ع ۾ ون يونٽ ٽٽو ۽ سنڌ جو تشخص بحال ٿيو ان ئي سال چاچي قاسم کي لوڪل گورنمينٽ کاتي ۾ سينيٽري سب انسپيڪٽر جي نوڪري ملي ۽ پاڻ نوڪريءَ ڪري ٻچن جو گذران بہ ڪرڻ لڳو تہ سنڌ جي حقن لاءِ قومي سياست بہ ڪندو رهيو. پاڻ شاهہ لطيف جو تہ شروع کان حافظ هو پر نوڪريءَ کان پوءِ هن سائين جي.ايم سيد جا ڪتاب پڙهيا تہ پنهنجي پاڻ کي روڪي نہ سگهيو ۽ وڃي سيد سان مليو ۽ سيد جي قومي قافلي سان ڳنڍيو. جڏهن جيئي سنڌ محاذ حيدرآباد ضلعي جي علائقي دوآبو ۾ پهريون يونٽ کوليو تہ ان جو پهريون ميمبر چاچي قاسم کي مقرر ڪيو ويو. جتي پاڻ ڇئن سالن تائين سيڪريٽري طور ذميواريون نڀائيندي وڏ کان وڏ ميمبرشپ ڪيائين. جنهن ڪري حيدرآباد ضلعو قومي سياست جو ڳڙهہ بڻجي ويو. ان دور ۾ سياسي سرگرميون ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس گرفتار ڪري ناراجيل موڪليو ويو. جتي ڪيترين ئي صعوبتون سنائين. سندس جسم کي تہ زخمي ڪيو ويو پر سندس عشق اجا وڌيڪ پختو ٿي ويو. جيل کان ڇٽو تہ سندس سرگرمين ۾ اجا وڌيڪ اضافو ٿيو. پاڻ سائين جي.ايم سيد سان ڪافي روح رهاڻيون ڪيائين ۽ سيد جو اعتماد وارو ماڻهو رهيو. 1988ع ۾ جڏهن سنڌ جي قومپرستن گڏجي سنڌ قومي اتحاد ـ ناهيو تہ پاڻ ان ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائين. 30 سيپٽمبر1988ع تي ٿيل لساني فسادن واري مزاحمتي تحريڪ ۾ ڀرپور سرگرميون ڪرڻ تي مٿس ڪيس داخل ٿيو ۽ نوڪريءَ تان برطرف ڪيو

ويو. پاڻ پنجن سالن تائين روپوشي واري زندگي گذاريندي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڃي سنڌ جي پرچار ڪيائين. ڳوناٺيون ڪچهريون ۽ ليڪچر ڪرڻ سندس عام مشغلو رهيو. روپوشيءَ دوران پاڻ "دودو سومرو" جي نالي سان سنڌ جي مسئلن تي اخبارن ۾ لکڻ شروع ڪيائين. سندس قلم جي بيباڪيءَ جون ان دور ۾ لکيل سندس لکڻيون ساکي آهن. ڪيس 1993ع ۾ ڳجهن ادارن ڪنيي پنجن مهينن تائين گم

ڪري ايترو تہ مٿس تشدد ڪيو جو سندس اُٺڻ، ويهڻ ۽ ڳالهائڻ جي سگهہ بہ ختم ٿي وئي. پنجن مهينن کان پوءِ ڪيس ڪراچيءَ جي اي ٽي سي ڪورٽ ۾ چالان ڪري 18 مهينا سزا ڏيئي سينٽرل جيل ڪراچي موڪليو ويو. جيل مان هن قيدين جي مسئلن تي جيل انتظاميا خلاف ڪيترائي ڪالم لکي اخبارن ڪي موڪليا. "زندان جي جهروڪي مان" جي عنوان سان قومي تحريڪ جو تجزيو لکيائين، جيڪو ماهوار ساجاهہ ۾ ڇپيو. (ساجاهہ قومي تحريڪ جو پارٽي ترجمان ۽ روح روان هوندو هيو) ان مضمون قومي تحريڪ ۾ هڪ نئون بحث ڇيڙيو جنهن ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي قلمڪارن حصو ونئي پنهنجو موقف ۽ رايا پيش ڪيا. 18 مهينن جي سزا ڪاٽي جڏهن هي جيل کان ٻاهر نڪتو تہ سڄي سنڌ سندس استقبال لاءِ موجود هئي، سنڌ جي قومي ڪارڪنن جو اهڙو پيار ڏسي سندس جذبا اجا وڌيڪ جوان ٿي ويا. جيتوڻيڪ! جيل ڪيس ڏيرو ٻڻائي ڇڏيو هو ۽ سندس وارن ۾ چاندي چمڪڻ لڳي هئي، پر هن جا جذبا جوان هئا ۽ هن پنهنجي پاڻ کي ٻيهر متحرڪ ڪري انهيءَ جذبي سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. پاڻ مستقل مزاج ورڪر آهي، ڪيس سڄي سنڌ چاچا قاسم جي نالي سان سڃاڻي. مونکي خبر ناهي تہ مٿس "چاچا" نالو ڪنهن رکيو پرپاڻ عبدالواحد آريسر کان وٺندي بشير خان قريشي تائين سڀنيءَ جو چاچو ئي رهيو ايتري قدر جو سندس پٽ بہ چاچا چئي مخاطب ٿيندا آهن. چاچا قاسم جنهن زندگيءَ جا 60 سال شهر ۾ گذاريا آهن، پر پاڻ اجا تائين شهري زندگيءَ کي اپنائي ناهي سگهيو. هن جو من اڄ بہ ڳوٺن جو طواف ڪندو رهي ٿو آئون ساٹس جڏهن بہ ملندو آهيان تہ هو مونکان صرف ئي صرف ڳوٺ بابت پڇندو آهي، ڳوٺ، ڳوٺاڻيون ڪچهريون، ٻهراڙيءَ جون ڇڙواڳ هوائون سندس آئيڊيل رهيون آهن، پاڻ جڏهن بہ پنهنجي اباڻي ڳوٺ دڙي ويندو آهي تہ هن جي دل چوندي آهي تہ هو هميشہ ڳوٺ ۾ ئي رهي پئي، پر ڪيس مجبوريون واپس ڪٽي ايندڀون آهن. پر جڏهن بہ ڳوٺان موٽندو آهي تہ تازو توانو ٿي موٽندو آهي ۽ ڪيترا ئي ڏينهن ڳوٺاڻي خوشبوءَ جو واس سندس حواسن تي ڇانيل رهندو آهي.

1995ع ۾ جڏهن سائين جي.ايم سيد هن دنيا مان چالاڻو ڪيو تہ سڄي سنڌ سان گڏ هي بہ ٻارن وانگر اوڇنگارون ڏئي رنو هو ۽ سيد جي جدائي واري ان صدمي کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ جڏهن سڀني گڏجي اهو فيصلو ڪيو تہ هاڻي "مڙي مٺ ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي" تہ جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ کي گڏائڻ لاءِ عملي ڪوششون ورتائين ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ ٺهيو تہ پاڻ ان جو ميمبر ٿيو. واضح ڪندو هلان تہ سائين جي حياتيءَ ۾ جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ الڳ الڳ ڪم ڪري رهيون هيون، پر ٻنهيءَ جو مقصد هڪ هيو ۽ ٻنهيءَ جو رهبر بہ هڪ هيو. ٻيئي سائين جي.ايم سيد جي فيصلن کي مان ڏيندا هئا. چاچو قاسم جيئي سنڌ قومي محاذ جو ڪيترائي ڀيرا ضلعي صدر رهيو ۽ مختلف ڪميٽين ۾ بہ ذميواريون نڀايائين. هن مختلف وقتن تي ڪيترائي سماجي ڀلائيءَ جا ڪم ڪيا آهن. جن ۾ قاسم آباد کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ طويل جدوجهد هلايائين، سومرا ويلفيئر ايسوسيئيشن

جو بنياد وجهي نوجوانن جو سماجي مسئلن طرف ڌيان ڇڪايائين. پر پاڻ ان جو ڪڏهن بہ حصو نہ بڻيو ڇو تہ سندس نظر ۾ قومي مفاد وڏيڪ اهم هئا. حيدرآباد نسيم نگر ۾ بلڊ بئنڪ قائم ڪري، ڏورانهن علائقن کان ايندڙ ضرورتمندن کي رت وغيره جي سهوليت مهيا ڪيائين. تر ۽ ٻين علائقن کان ايندڙ مريضن کي اسپتالن تائين وٺي سندن علاج ڪرائڻ، انهن کي پنهنجي گهر ۾ رهائش ڏئي انهن جي خدمت ڪرڻ، ٻهراڙين جي علائقن مان ايندڙ شاگردن کي رهائش جو بندوبست ڪري ڏيڻ، ايڊميشن ڪرائڻ، مختلف ماڻهن جي ڪمن سان پنهنجي خرچ تي آفيسن ۾ وڃي ڪم ڪرائي ڏيڻ، سنڌي ماڻهن جي ڪيسن جي سلسلي ۾ ڪورٽن تائين وڃڻ، انهن جي ضمانت ڪرائڻ، حيدرآباد جي ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار تي لڳرائڻ وغيره شامل آهن. آئون جڏهن پهريون ڀيرو حيدرآباد آيو هئس تہ ڏٽي بخش سولنگي ۽ چاچو قاسم ئي هئا، جن منهنجي هر طرح جي رهنمائي ڪئي هئي. جيتوڻيڪ! هن وقت چاچا قاسم مونکان گهڻو ناراض آهي، سندس ناراضپو بہ جائز آهي جو آئون هفتن جا هفتا وٽس ناهيان ويندو، چاچا جو مياري تہ آهيان ئي، پر چاچا کان معافي وٺندي! چاچا آئون بہ توهان وانگر زندگيءَ جي اهڙي تہ دَلدَل ۾ ڦاٿل آهيان جو ساهہ ڪڻڻ بہ وسري ويندو آهي

چاچا قاسم سومرو مونکي تر جي هڪ جاکوڙي ڪردار مسڪين جهان خان کوسي جيان لڳندو آهي، مسڪين کي تہ مون ڪڏهن ڏٺو ڪون هو پر مسڪين جي هن نرالي رُوپ سان منهنجون نہ صرف رُوح رهاڻيون ٿينديون رهن ٿيون، پر سندس قرب ڀريئي سياءَ جا ڏُڪ مونکي بہ نصيب ٿيا آهن. چاچا قاسم جو وٽندڙ سياءَ مون سميت ڪيترن ئي آدرشي نوجوانن کي پنهنجي لفظن جي مالها ۾ پوئي رکيو آهي. منهنجي دعا آهي تہ انهي مالها جا داڻا ڪڏهن بہ نہ ڇڃن. جيتوڻيڪ! پاڻ عمر ۾ مونکان ڪيترو ئي وڏو آهي، هو نہ صرف عمر ۾ مونکان وڏو آهي، پر هو پنهنجي ڪردار ۾ بہ ڪيترن کان ئي وڏو آهي. پر مون هن جي دلپذير شخصيت ۾ ڪٿي بہ وڏاءُ نہ ڏٺو ۽ آئون سمجهان ٿو تہ ساڻس جنهن جون بہ ڪچهريون ٿيون هونديون، هر ڪنهنجو اهو ئي خيال هوندو. هو ڪچهري جو ڪوڏيو محفل جو مور جتي بہ ويندو آهي تہ ماڻهن جي دلين جي ڌڙڪن بڻجي ويندو آهي، اڄ بہ نسيم نگر چوڪ تي شام جي پهر ۾ هوٽل تي اچي ويهندو آهي تہ نوجوانن جا انبوهہ گڏ ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ پاڻ حافظي جي زور تي قومي تحريڪ جي يادگيرين کي نوجوانن جي ذهنن ۾ سمائڻ شروع ڪندو آهي، جتي جتي سيد ۽ سنڌ جو ذڪر ايندو آهي تہ هو لطيف جي بيتن سان ڀيٽا ڏيندو ۽ جڏهن بہ هو ڪنهن سفر جو ذڪر ڪندو آهي تہ شاهہ جي سُر ساموندي جا بيت ٻڌائڻ شروع ڪندو آهي، ڇڻ لطيف پورو سُر ساموندي لکيو ئي قومي تحريڪ جي انهن قافلن تي هجي. چاچا قاسم سومري سنڌ سان پنهون بڻجي عشق ڪيو آهي. جيتوڻيڪ! سنڌ جي هن اڙانگي پيچري تي هلندي ڪيترا ئي يار دوست ڇڏي ويا آهن، ڪيترا ئي محبوب منهن موڙي ويا آهن، پر

پاڻ وري بہ مرشد لطيف جي رهنمائيءَ هيٺ انهن سان ناتو ڳنڍيو اچي، هو ڇنڻ جي ڪن پاڻ ڳنڍيندو رهي ٿو.

ڳنڍيين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سکيا

يا وري مرشد لطيف هيئن ٿو اتساهي تہ:

ڇِنن توءِ مَ ڇِن،پاءِ اُميري ان سين،
جي اوڳڻ ڪنئي، اسُونهين! تہ تون ڳُڻان ئي ڳِن،
پانڌ جهليو تون پِن،هن سُونهاري سَڱ ۾.

چاچا قاسم سڄي زندگي مرشد لطيف جي انهيءَ بيت تي عمل پيرا رهندي دوستن جي نفرت کي محبت ۾ بدلائيندو رهيو. هنن جي اوگڻن کي انهن جا گُڻ سمجهي ڳائيندو رهيو آهي. پاڻ سچ پچ تہ آدرشي انسان آهي. هن جا سڄي زندگي ڪنهن سان بہ اختلاف نہ رهيا، جي ڪنهن سان اختلاف رکيائين بہ تہ سنڌ ڪاڄ خاطر. سندس دوستيون بہ انهن ماڻهن سان رهيون آهن، جن جو سنڌ سان سنبنڌ هوندو. هن جي اکين جڏهن بہ ڪو خواب ڏٺو تہ اهو صرف ۽ صرف سنڌ جي خوشحاليءَ جو خواب ڏٺو. پاڻ ڪُل وقتي ڪارڪن آهي، هن وقت عمر رسيده ٿي وڃڻ باوجود ماڻهن جي مسئلن ۾ گهيريل نظر ايندو آهي، طبيعت جي ناچاڪيءَ جو بہ خيال ناهي ڪندو. هن گهر ۾ هڪ بهترين لائبريري قائم ڪئي آهي، جنهن ۾ تاريخ، سياست، ادب، شاعري، مذهب ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن جا هزارين ڪتاب موجود آهن، پاڻ هن وقت حيدرآباد ۾ نسيم نگر واري علائقي ۾ رهائش پذير آهي.

¤¤¤¤¤



# ماڻهو مڙس مٿير : واحد درس

زندگيءَ ۾ ڪيترن ماڻهن سان ملاقات ٿيندي آهي، انهن مان ڪي ملاقاتون اهڙيون بہ هونديون آهن، جيڪي آخري ملاقات ثابت ٿينديون آهن، تہ ڪي ملاقاتون اهڙيون بہ هونديون آهن، جيڪي ذهن تي نقش بڻجي چنٽجي وينديون آهن. ڪن ماڻهن سان هڪ ملاقات ڪانپوءِ ٻيهر ملڻ لاءِ دل نہ ڪندي آهي، تہ ڪن ماڻهن سان بار بار ملڻ لاءِ دل بيتاب هوندي آهي. اسان جو هيءُ يار واحد درس بہ اهڙن ماڻهن مان هڪ هو جن سان بار بار ملڻ لاءِ دل واجهائيندي آهي. واحد درس سان منهنجي پهرين ملاقات حيدرآباد ۾ واحد آريسر جي فليٽ، نديم ڪامپليڪس ۾ ٿي هئي. ان ملاقات ۾ مون محسوس ڪيو هو تہ هيءُ ماڻهو جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو اهڙو آهي بلڪل ڪونہ! چو تہ سندس ڳالهائڻ جو انداز بلڪل ڪنهن عالم کان گهٽ ڪين هو. ڳالهہ ڳالهہ تي ڪنهن وڏي ليکڪ جو حوالو ڏيڻ، ڪنهن خوبصورت شعر جي رواني بہ گڏ تہ خوبصورت ٽهڪن جي رِڌم جو نہ ڪٽندڙ سلسلو بہ! سچ تہ هن ماڻهو مونکي تمام گهڻو متاثر ڪيو هو. آئون، جيڪو هميشہ لا اُبالائيءَ طبيعت جو مالڪ، ويڳاڻو نئين ماڻهوءَ سان جلد رلي ملي وڃڻ کان قاصر، هن فقير صفت انسان سان پهرين ڪچهريءَ ۾ رلي ملي ويو هئس، ان ڪانپوءِ ڪافي ٽائيم گذري ويو، ملاقات نہ ٿي سگهي. وري اوچتو 2005ع ۾ منهنجي بابا جي طبيعت خراب ٿي پئي هئي، ۽ آئون کيس علاج لاءِ حيدرآباد وٺي آيو هئس، ۽ عبدالله سينٽر ۾ فليٽ وٺي رهيا هئاسين. واحد درس بہ، واحد آريسر سان گڏجي اُتي ايندو هو، پوءِ ڪوڙ ڪچهريون ٿيون.

هڪ ڀيري آريسر صاحب بہ وٽنو هو تہ پاڻ بہ اچي ويو. پوءِ تہ بحث جو نہ ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو. ان بحث ۾ مذهب جي حوالي سان ڪا ڳالهہ نڪتي تہ آريسر صاحب چيو تہ علامہ نياز فتحپوريءَ جو ڪتاب

”من و يزدان“ ضرور پڙهو. توهان کي مذهب متعلق سني ڄاڻ ملندي. پوءِ پاڻ موڪلائي روانو ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ وري موٽي آيو تہ مون کانئس پڇيو تہ: ”ڪتاب پڙهيئي؟“ تہ چيائين: ”ها ڪتاب خريد ڪيم، پڙهڻ شروع ڪيم، اڌ ڪتاب پڙهيم ۽ بند ڪري رکي ڇڏيم.“ مون حيرت وچان پڇيو تہ: ”پورو ڇو نہ پڙهيئي؟“ تہ پاڻ جواب ڏنائين تہ ”جي پورو پڙهان ها تہ دنيا جي سيني مذهبن جو انڪاري ٿي وڃان ها.“ اُتي مونکي محسوس ٿيو تہ هيءُ ماڻهو جيترو پنهنجي مرشد جو عقيدتمند آهي، ان کان وڌيڪ مذهبن جو بہ قائل آهي. واحد درس 3 جنوري 1969ع تي هڪ غريب گهراڻي ۾ جنم ورتو هو جنهن وٽ بہ ويلا پيٽ پرڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. ان ماحول مان گذرندي هن غربت سان باقاعدي مهاڏو اٽڪايو هو. مزدوريون ڪيون هئائين، لوڻ جي کاڻ مان لوڻ ڪڍڻ کان وٺندي ٽريڪٽر جي ڊرائيونگ ڪرڻ تائين،

ھر ڪم ڪيائين. اھي ٻيئي گورک ڌنڌا آھن. جيڪي ماڻھوءَ جي ذھن کي مفلوج ڪرڻ کان ويندي, جسم جي ڪل بہ لاھي ڇڏين ٿا, پر ھن ماڻھوءَ جو نہ ذھن مفلوج ٿيو ۽ نہ جسم.

ڪپري شھر مان مئٽرڪ جو امتحان ڏئي ھن حيدرآباد جو رُخ ڪيو ھو جتي ھن ڪاوش اخبار ۾ سب ايڊيٽر ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڪنھن پروگرام ۾ ڪم ڪري, پنھنجي پڙھائي جاري رکي ھئي. ايئن غربت سان جنگ وڙھندي, ھيءُ فقير صفت انسان وڪالت جھڙي عظيم پيشي تائين پھتو ھو. ۽ پھريون پيرو جڏھن ڪارو ڪوٽ پائي ڪپري شھر جي ڄاتل سڃاتل گھٽين مان لانگھائو ٿيو ھو تہ انھن ڄاتل سڃاتل گھٽين پھرين تہ ھن کي سڃاتو ڪو نہ ھو پر پوءِ جڏھن سڃاتو ھئائون, تڏھن گلن جي ورکا ڪئي ھئائون. ڪپري شھر جو مُک ٻَهڪي اُٿيو ھو. شھر جي غريب, پورھيت, ٻُڪن ۾ پاھ ٿيندڙ ماڻھن جي چھرن تي خوشيءَ جون ريکائون رقص ڪرڻ لڳيون ھيون. رقص ڪيئن نہ ڪن, جو ھنن کي انصاف جو يقين ٿي ويو ھو. ڇو جو واحد درس جي چھري مان منصف نظر ايندو ھو- ۽ پوءِ انھن غريب ماڻھن جي انبوھہ سان ھيءُ پنھنجي ڳوٺ پھتو ھو. جتي سندس ونڻي, سندس پوڙھو پيءُ سندس وڏو ڀاءُ اوسيئڙي ۾ ھئا. ھيءُ انھن سڀني جي آسن اُميدن جو روشن ڪرڻو ھو. پوءِ ھن ڪپري شھر ۾ آفيس قائم ڪئي ھئي ۽ باقاعدگيءَ سان وڪالت ڪرڻ لڳو ھو. ھيءُ پھريون وڪيل ھو جنھن جي آفيس ۾ اندازي کان وڏيڪ پيھہ ھوندي ھئي, توڙي جو ڪپري ۾ ٻيا بہ ڪيترائي وڪيل ھئا.

واحد جي آفيس قائم ڪرڻ سان اتان جي وڏيرن, جاگيردارن جون ننڊون حرام ٿي ويون ھيون, ڇو تہ ھيءُ اھڙو وڪيل ھو جنھن وٽ پيٽ بلڪل ڪونہ ھو ھيو تہ صرف ضمير ھو ۽ ھيءُ اُصولن جي جنگ وڙھندڙ ھو ميرن, پيرن, وڏيرن, جاگيردارن سان ساڻن اکين ۾ اکيون ملائي ڳالھائيندڙ ھو. ڪنھن جي اڳيان آڻ مڃڻ سندس ضمير جي مٽيءَ ۾ شامل ڪو نہ ھو. ڪيس لکين روپين جون لالچون ڏئي خريد ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي وئي, پر ھي تہ مارئيءَ جي ملڪ جو ماڻھو ھو, جيڪو ڪنھن مٽيي تي موھجڻ وارن مان بلڪل بہ نہ ھو. واحد درس سان منھنجي آخري ملاقات ڪراچيءَ جي سينٽرل جيل ۾ ٿي ھئي, جتي منھنجو سئوٽ نظر محمد گرفتار ٿيل ھو. ۽ پاڻ وڪيل جي حيثيت سان تفصيل ۽ ضروري ڪاغذات وٺڻ آيو ھو. مون پھريون ڀيرو ڪيس ٿري پيس سوٽ ۾ ڏٺو ھو. واقعي ھيءَ موھيندڙ شخصيت جو مالڪ لڳي رھيو ھو ۽ آئون ڀاڪر پائي مليس. اُتي بہ مون ڪيس کِلندي ۽ چرچا ڪندي ڏٺو ڇيم يار واحد, ھاڻي تہ ڪارو ڪوٽ پاتو اٿئي, ھاڻي تہ ٻارن وارا ٿھڪ ڇڏ, تہ پاڻ اڃا بہ وڏا ٺھڪ ڏئي چيو ھئائين: پيارا! واحد جنھن شيءِ کي اپنائي, اِھا ڇڏڻ جو سوچي بہ نٿو سگھي. واقعي جيڪا شيءِ طبيعت ۾ سمائجي وڃي, اھا ڇڏڻ انتھائي مشڪل ھوندي آھي. ان بعد واحد سان وري ڪڏھن بہ ملاقات نہ ٿي, پر اوچتو 4 مئي 2009ع تي ھڪ ميسيج آيو جيڪو منھنجي لاءِ ڪنھن ائٽم بم کان گھٽ ڪين ھو. ان ۾ واحد جي ايڪسيڊنٽ ۾ فوتگيءَ جي خبر ھئي. اُن خبر مون سميت سندس سڀني دوستن کي سُن ڪري ڇڏيو ھو. ڪپري شھر جي گھٽين بہ اوڇنگارون ڏئي رنو ھو. علائقي جو ڪو بہ اھڙو ماڻھو نہ ھو. مرد, عورتون, ٻار سڀني جي اکين ۾ لڙڪ ھئا. سڀني جي اکين ۾ ھڪ ميار ھئي, ھڪ ڏوراپو ھو تہ تون ايترو جلد ڪيئن ھليو وئين!؟ تو تہ

اسان کي انصاف جو يقين ڏياريو هو. تو تہ اسان جي اندر ۾ انصاف لاءِ وڙهڻ جي همت پئدا ڪئي هئي، پوءِ تون ئي اسان جا حوصلا پَست ڪري ڪيئن ٿو وڃي سگهين؟

اڄ واحد جي وڇڙڻ کي ٻہ سال گذري چڪا آهن، پر اڄ بہ سيني دوستن جو من ڪنيار جي آويءَ جيان دُکي رهيو آهي؛ ۽ ان جي ڏک جي ڪيفيت کي گهٽائڻ لاءِ سندس دوست، واحد آريسر ”ڏاها تنهنجي ذات“ نالي ڪتاب مرتب ڪري ڇپايو آهي، جنهن ۾ سندس دوستن جا تاثر ۽ وقتن فوقتن واحد جي ڪيل شاعري پڻ شامل آهي. مون سميت سندس ڪيترن دوستن کي تہ اها خبر بہ نہ هئي تہ واحد درس ڪو شاعر بہ هو... پر سندس ڳالهين ۽ گفتن مان اهو محسوس ٿيندو هو تہ هن جي اندر ۾ ڪو لڪل تخليقڪار بہ موجود آهي. واحد درس تي مرتب ڪيل هيءُ ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ سٺو واڌارو ثابت ٿيندو. وري بہ واحد آريسر کي جس هجي هڙڙي شاندار ڪتاب آڻڻ تي، ڇو تہ واحد درس جهڙا ماڻهو هڙن ڪتابن کان گهٽ ڪين آهن؛ هيءُ بہ ڪتاب جهڙو ئي بهترين دوست هيو.

¤¤¤¤¤

# روايتِ شڪن - بنو جوڳي

تاريخي روايتن مان پتو پئي ٿو تہ جوڳي، هندستان کان آيل هڪ لاڏائو قبيلو آهي، جيڪو هتي سنڌ ۾ اچي سنڌ جو ٿي ويو آهي. ڪيترائي ورهيہ گذري وڃڻ جي باوجود هيءُ قبيلو سنڌ جي روايتن، سنڌ جي تهذيب ۽ سنڌ جي ثقافت جو حصو ناهي بڻجي سگهيو. جوڳي مثل جانور ڪاٺڻ ۽ محنت مزدوري ڪرڻ جي بجاءِ پنڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. تعليم جو ريشو (Ratio) تہ هن ذات ۾ صفا ڪونهي، توڙي جو هن ذات کي شاهہ لطيف کان وٺندي شيخ اياز تائين شاعرن ڳايو آهي؛ پر پوءِ بہ هنن ۾ ڪا خاص تبديلي ناهي آئي. جوڳي ٽر ۾ تمام گهٽو رهي ٿو. هنن وٽ باقاعدگيءَ سان ڪو گهر بہ ناهي هوندو. هي ڪو گهر وغيره ناهڻ جي بدران، کنهن کليل ميدان تي خيمو کوڙي ويهي رهندا آهن، مهينو کن گذاري وري ڪنهن ٻئي هنڌ جا راهي ٿيندا آهن. هاڻي تہ ڪيترائي جوڳي هر سال ايران بہ ويندا رهن ٿا، پر اتي بہ گهڻو عرصو ٽڪاءُ ناهن ڪندا؛ سائيبريا جي پکين وانگر موسم جي متجڻ سان سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبوءِ کين واپس ڇڪي ايندي آهي. روايت آهي تہ هنن هندستان بہ ان ڪري ڇڏيو هو جو اُتي هنن کي حقارت ڀريل نگاهن سان ڏٺو ويندو هو ۽ نيچ ڪوٺيو ويندو هو. سنڌ جي مهمان نوازيءَ واري هاڪ تہ پوري دنيا ۾ ٻڌجي ٿي، اهڙي هاڪ جڏهن هن قبيلي ٻڌي تہ هنن بہ سنڌ جو رُخ ڪيو. کوکراپار جو بارڊر ڪراس ڪري اچي ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ۾ آباد ٿيو جڏهن سنڌ جي ماڻهن هنن کي اميد کان وڌ جيءَ ۾ جايون ڏنيون، تہ هنن پوئتي مُڙي بہ ڪڏهن پنهنجي ماتر ڀوميءَ کي ڪونہ ڏٺو. محبتن جي سَر زمين سنڌ ۾ رهڻ ڪانپوءِ، ٿرپارڪر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ هڪ غريب جوڳيءَ جي گهر ۾ هڪ ڇوڪر جنم ورتو هو جنهن جو نالو بنو رکيو ويو. هيءُ جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو، سنڌ جي روايتن ۽ سنڌ جي تهذيب کي پنهنجو ڪندو ويو. جوڳي قبيلي ۾ هيءُ پهريون ٻار هو جنهن کي سنڌ سمجهہ ۾ اچڻ لڳي هئي، نہ تہ هنن جون ڪيتريون ئي پيڙهيون هن ڌرتيءَ تي مَري ختم ٿي ويون، پر سنڌي روايتن جو حصو نہ بڻجي سگهيون. بنو جيئن ڪجهہ وڏو ٿيو ۽ هلڻ شروع ڪيائين تہ سندس والدين گوڏڙي هٿ ۾ جهلائيندي، ڪيس پني اچڻ لاءِ چيو. تہ هن ٻالڪ صاف انڪار ڪندي چيو تہ آئون ڪونہ پننڊس. مائٽن ڪيس گهڻو ئي سمجهايو تہ پنهنجي روزي روٽي پني ڪائڻ آهي، هي راج ڀاڳ پنهنجي ڪيتي آهن. پنهنجا ابا ڏاڏا پني ڪائيندا رهيا آهن، تنهنڪري توکي بہ پني ڪائڻو پوندو. پر هن ٻالڪ تي انهن ڳالهين جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو. هن جو صرف هڪ ئي جواب هو تہ آئون ڪنهن بہ صورت ۾ نہ پننڊس. بنو جوڳي لينن جي هن قول وانگر تبديلي پسند ۽ اصول پرست ٿي بيهي رهيو: ”منهنجي زندگي مقدر جي محتاج ناهي، مان تقدير کي بدلائي سگهان ٿو ۽ مان اهو ڪري رهيو آهيان، پر اهو مان پنهنجي لاءِ نہ پر پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ ڪري رهيو آهيان، مونکي ان ڳالهہ جو بہ يقين آهي تہ اسان جو ايندڙ نسل قسمت تي نہ، پر پنهنجي ٻاڙ تي يقين ڪندو“(لينن).

اھڙيءَ طرح بني جوڳي، جوڳين جي سيني روايتن کي ٽوڙي ڦٽو ڪيو. ھن قسمت تي يقين ڪرڻ بجاءِ پنھنجي قسمت پاڻ لکڻ شروع ڪئي. بنو جوڳي ننڍڙي عمر ۾ ان ئي ڏينھن مزدوري ڪري، پنھنجي گھر جو سيڙو ونئي آيو ۽ مزدوري ڪرڻ کي روز جو معمول بڻائي ڇڏيو. گڏو گڏ بين وغيره پڙ وڄائڻ لڳو. اھڙيءَ طرح بنو جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو، ھن جي آواز ۾ درد جو جادو ايندو ويو. بني جوڳيءَ جي آواز ۾ مناس جي سحر ڪيترين دلين کي موھي وڌو ھو ۽ ايئين بنو ڪيترين ئي محفلن جي رونق بڻجندو ويو. بنو جتي بہ ڳائڻ جي لاءِ ويندو ھو، اُتي گھڻو ڪجھہ انعام ملندو ھئس، جنھن مان ھن پنھنجي گھر کي بھترين نموني ھلائڻ شروع ڪيو. بني جي ذميوارين کي محسوس ڪندي مائٽن بني جي شادي ڪرائي ڇڏي، پر ٿوري ئي عرصي ۾ بني جي سر تان مائٽن جو سايو لھي ويو، ۽ بنو صفا اڪيلو ٿي ويو. بني محفلن وغيره ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو. جوڳي قبيلي کان ڌار رھڻ ڪري، گھر بہ اڪيلو محسوس ٿيڻ لڳس. اھڙيءَ طرح بنو ٽر جي ان ڳوٺڙي مان لڏي اچي عمر ڪوٽ جي پرسان، ڳوٺ ڪيت سنگھہ ۾ وينو ۽ ڪجھہ ئي ڏينھن ۾ اتان جي ماڻھن سان ھري مري ويو. بني اتي ھارپو ڪرڻ شروع ڪيو. جڏھن ڪيس پھريون پٽ ڄائو تہ ان کي پڙھائڻ شروع ڪيائين. بني جو پٽ اسڪول ۾ پڙھڻ لڳو تہ بني کي اميد جي ڇٽنگ روشن ٿيندي نظر آئي. بني ھتي رھندي اصولن کي اجا وڏيڪ پختو ڪيو. ڪوڙ ساريون دوستيون ۽ واسطا ناھيائين. بنو جوڳي ڪڏھن بہ گودڙي ڪٽي پنڻ نہ ويو ۽ نہ ئي پنھنجي اولاد کي ان رستي تي ھلڻ ڏنائين. بنو ڪنھن خيرات تي بہ بنا دعوت جي ناھي ويندو. ڪير جوڳي سمجھي چانھہ پياريندو اٿس تہ اھا چانھہ بہ نہ پيئندو آھي. بنو جي ڪنھن جي چانھہ پيئندو آھي، تہ ان کي بہ پياريندو آھي. بنو ڪنھن شادي مراديءَ ۾ بہ بنا دعوت جي ناھي ويندو. جيڪو بہ دعوت ڏيندو آھي تہ ان کي ٻين دعوتين وانگر پُوو بہ ڏيندو آھي. افسوس ان ڳالھہ جو آھي تہ بني جنھن پٽ کي پڙھائي وڏو آفيسر پئي ڪرڻ چاھيو، اھو ھاڻي ھن دنيا ۾ ناھي رھيو. بني جو آخري سھارو بہ کسجي ويو آھي، پر پوءِ بہ بني جوڳي پنھنجي ھمت ناھي ھاري، اڄ بہ بني جا ھڏ چم اوترائي سگھارا آھن، جيترا اڳ ھئا، بني جوڳيءَ جي ھمٿ ۽ حوصلي جو داد ڏجي ٿو.

¤¤¤¤¤